ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 21 اپريل 2026ع 03 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (246)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اسلام آباد ۾ ايران آمريڪا ڳالهين جي ٻئي دور جون تياريون، وفاقي گهرو وزير پاران سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

ايران سان ڳالهين لاءِ آمريڪي وفد اسلام آباد لاءِ روانو، ڳالهيون ڪامياب ٿيون ته پاڪستان اچي ايراني قيادت سان ملندس: صدر ٽرمپ

ايران سان ڳالهين لاءِ آمريڪي وفد ڪجهه ڪلاڪن ۾ پاڪستان پهچندو، آمريڪي وفد ۾ نائب صدر جي ڊي وينس، سفير اسٽيو وِٽڪوف ۽ خاص صلاحڪار جيرڊ ڪشنر شامل

ڪا اهم پيش رفت ٿئي ٿي ته هو ايراني قيادت سان ملڻ لاءِ تيار آهي، پر انهن ڳالهين لاءِ سڀ کان اهم شرط اها آهي ته ايران پنهنجو ايٽمي هٿيارن جو پروگرام مڪمل طور تي ختم ڪري

ايران کي پنهنجا ايٽمي هٿيار ڇڏڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن ائين ٿئي ٿو ته ايران هڪ بهتر ملڪ بڻجي سگهي ٿو، ڳالهيون ڪامياب ٿيون ته آئون به ايراني قيادت سان ملاقات ڪندس

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اسلام آباد ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جي ٻئي دور لاءِ سيڪيورٽي انتظامن جي حوالي سان آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر کي اعتماد ۾ ورتو

ڳالهين جي ڪاميابي ۽ پرڏيهي مهمانن جي حفاظت لاءِ غير معمولي سيڪيورٽي پلان جوڙيو ويو، آمريڪي سفير خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي مخلصاڻي ڪردار جي تعريف ڪئي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران سان ڳالهين لاءِ آمريڪي وفد ڪجهه ڪلاڪن ۾ پاڪستان پهچندو نيو يارڪ پوسٽ جي مطابق ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته ڳالهين جاري رهڻ گهرجن ۽ هاڻي اهو لڳي ٿو ته ڪو به راند نه ڪيڏي رهيو آهي مطلب ته هر ڪو سنجيده آهي هن چيو ته آمريڪي وفد ۾ نائب صدر جي ڊي وينس، سفير اسٽيو وِٽڪوف ۽ خاص صلاحڪار جيرڊ ڪشنر شامل آهن جيڪي اسلام آباد لاءِ روانا ٿي چڪا آهن ۽ ڪجهه ڪلاڪن ۾ پاڪستان پهچندا. آمريڪي صدر ٽرمپ اهو به چيو ته جيڪڏهن ڪا اهم پيش رفت ٿئي ٿي ته هو ايراني قيادت

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جنگبندي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، ڳالهيون نه ڪنداسين، پاڪستان کي ٻڌايو آهي ته اسان نٿا اچون: ايران

آمريڪا ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو سفارتي عمل کي اڳتي وڌائڻ ۾ سنجيده ناهي، آمريڪا جارحاڻي ڪارروائيون ڪري جنگبندي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي

آمريڪي تجويزون غير سنجيده ۽ ان جا مطالبا غير حقيقي آهن، ايران پنهنجا مطالبا واضح طور بيان ڪيا آهن ۽ جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار نه ٿيندي: اسماعيل بقائي

اسان ڊيڊ لائينز يا الٽيميٽم تي يقين نٿا رکون، جيڪڏهن آمريڪا ۽ اسرائيل نئين جارحيت شروع ڪرڻ چاهين ٿا ته اسان جون هٿيارٻند فوجون ان جو جواب ڏينديون

اسرائيلي حملن کان اڳ آبناءِ هرمز محفوظ هو، آمريڪا چيو ته لبنان ۾ جنگبندي معاهدي جو حصو نه هو، آمريڪا سامونڊي ناڪابندي ڪري ايراني بحري جهاز تي حملو ڪيو

آمريڪا ايران تي حملو ڪيو، ايرانين کي قتل ڪيو، انفراسٽرڪچر کي تباهه ڪيو، موجوده جنگي صورتحال سبب آبناءِ هرمز ۾ سامونڊي چُرپُر هڪ طرفي طور تي معمول تي اچڻ ممڪن ناهي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي کاتي جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي ته آمريڪا سان ٻئي دور جي ڳالهين لاءِ ايراني وفد پاڪستان نه ويندو ايران جو ڳالهين ۾ شرڪت ڪرڻ جو ڪو به ارادو ناهي. اسماعيل بقائي چيو ته آمريڪا جنگبندي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي اسان پاڪستاني ٽياڪڙ کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته ڳالهين لاءِ اسلام آباد نه پيا اچون

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، فتنه الخوارج جي ونگ ليڊر سوڌو 2 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز بنون ۾ خارجين جي موجودگي جي اطلاع تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو: آءِ ايس پي آر

دهشتگردن ۾ خارجي ونگ ليڊر وحيد الله عرف مختيار ۽ هڪ اپگهاتي بمبار شامل، جيڪر ڪيئي حملن ۾ ملوث هو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز بنون ۾ آپريشن ڪري فتنه الخوارج جي انتهائي گهربل ونگ ليڊر سميت 2 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪري ڇڏيو پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

شاعر مشرق علامه اقبال قوم کي بيداري ڏني: وزيراعظم

قومي ۽ عالمي حالتن ۾ سندس پيغام غيرمعمولي اهميت رکي ٿو

اڄ ته اقبال جي فڪر کي پنهنجي قومي پاليسي، تعليمي ترجيحن ۾ شامل ڪريون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مفڪر اسلام، شاعر مشرق ۽ مصور پاڪستان علامه محمد اقبال رحمته الله کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته سندس فڪر هڪ محڪوم قوم

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ اميگريشن حراست هيٺ هلندڙ سال هن وقت تائين 17 ماڻهو فوت ٿي چڪا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ اميگريشن حراست دوران هلندڙ سال هن وقت تائين 17 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو انڪشاف

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد تائين پيپلز بس سروس جي باضابطا شروعات سڀاڻي کان شروع ٿيندي

سنڌ حڪومت جو مقصد جديد ٽرانسپورٽ نظام کي مرحلي واري ٻين ضلعن تائين وڌائڻ آهي: شرجيل ميمڻ

ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد بس سروس سان ٻنهي شهرن جي سفر ڪندڙ شهرين کي وڏي سهولت ملندي

عوام کي معياري محفوظ ۽ سستي سفري سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيا آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ٽنڊوالهيار ۽ حيدرآباد جي عوام جي لاءِ خوشخبري ڏيندي اعلان ڪيو آهي ته ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد تائين پيپلز بس سروس جي باضابطا شروعات 22 اپريل کان ڪئي ويندي هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته شڪارپور ۽ سکر ڪانيو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ايوان صنعت وتجارت سيالڪوٽ

سيالڪوٽ: ايڪرم بئنڪ جو صدر شهباز حسين سيد سيالڪوٽ چيمبر آف ڪامرس جي گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران بنون ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب سيڪيورٽي آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بنون ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب سيڪيورٽي آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران سومر ڏينهن جاري ڪيل بيان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

علامه اقبال پاڪستان جي تصور کي فڪري سگهه ڏني: صدر

هو نه رڳو هڪ عظيم شاعر هو پر هڪ فڪري، اخلاقي ۽ روحاني قوت هو

سندس ڪلام ايشيا جي عروج ۽ انهن معاشرن جي بيداري جي ڳالهه ڪري ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته شاعر مشرق، عظيم مسلم مفڪر ۽ ان بصيرت افروز شخصيت علامه محمد اقبال پاڪستان جي تصور کي فڪري سگهه عطا ڪئي هو نه رڳو هڪ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اي ايف آءِ او ۽ راولپنڊي جي ٽيبل آف آرگنائيزيشن اينڊ ايڪوئپمينٽ جي نظرثاني بابت سمري جي منظوري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري آرمڊ فورسز انسٽيٽيوٽ آف آپٿلمولوجي (اي ايف آءِ او) ۽ راولپنڊي جي ٽيبل آف آرگنائيزيشن اينڊ ايڪوئپمينٽ جي نظرثاني بابت سمري جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اها ڳالهه سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل هڪ بيان ۾ ٻڌائي وئي

سنڌ پوليس کي عوامي تحفظ بدران سياسي انتقام لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي: صفدر عباسي

دريا خان مري ۾ رئيس غلام حيدر مري جي پيٽرول پمپ ۽ مارڪيٽ ڊاهڻ جي مذمت ڪريون ٿا

سياسي مخالفن کي حراسان ڪري دٻاءُ وڌو پيو وڃي ته هو حڪمران جماعت ۾ شامل ٿين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر صفدر عباسي دريا خان مري ۾ اين پي پي اڳواڻ رئيس غلام حيدر مري جي پيٽرول پمپ ۽ مارڪيٽ جي مسماري واري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم کي يورپي ڪائونسل جي صدر انتونيو ڪوسٽا جو فون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ يورپي ڪائونسل جي صدر پائيدار علائقائي ۽ عالمي سلامتي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي جاري رکڻ جي ضرورت

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي "هزارا گينگ" سان لاڳاپيل 3 جوابدار گرفتار

رشيد آباد مان ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث جوابدارن کي سرگهر ڪيو ويو

جوابدارن پاران موٽرسائيڪلون چوري، موبائل فون ۽ رقم ڦر ڪرڻ جي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي رشيد آباد مان ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث "هزارا گينگ" سان تعلق

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ميرپور ماٿيلو ۾ مبينه طور سس سهري ۽ ڏير جي هٿان عورت بي دردي سان قتل، احتجاج

سهري احمد، ڏير حفيظ بوزدار ۽ ٻين 21 ورهين جي انجهان بوزدار کي بي دردي سان قتل ڪيو آهي: وارث

چار ڏينهن اڳ مقتوله تي ساهورن سون نه ڏيڻ تشدد ڪيو، پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري پئسن عيوض آزاد ڪيو

جوابدارن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو سٽي جي شاهه فيصل ڪالوني ۾ مبينه طور سس سهري ۽ ڏير بي رحمائو تشدد ڪري 21 ورهين جي شادي شده عورت انجهان بوزدار کي بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو آهي واقعي بعد ميرپور ماٿيلو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڻائي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ان سلسلي ۾ مقتوله عورت جي پيءُ جاڙو بوزدار

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان اي پي اي امتياز شيخ جي ملاقات شڪارپور جي ترقياتي منصوبن بابت ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان اي پي پي اي امتياز شيخ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ شڪارپور جي ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران سنڌ جي وڏي وزير چيو ته تعلقي خانپور ۾

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گرمي وڌڻ بعد ٻارڙا پاڻي جي تلاءَ ۾ وهنجڻ لاءِ ٽٻيون ڏئي رهيا آهن

چونڊڪو پرسان هٿيارٻندن جي حملي ۾ درگاهه تجل شريف جو سجاده نشين ۽ ٻه مريد زخمي، احتجاج

تجل شريف ۾ سجاده نشين سلطان علي شاهه عرف صوفي نثار، مومن علي ۽ عابد علي هٿيارٻندن زخمي ڪيو

واقعي خلاف مريدن هاشم علي، لياقت علي خاصخيلي، غلام پناهه، محرم علي، صوبل فقير کهوڙکهاڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڦريل رقم سميت ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي: مظاهرين

خيرپور(ڊ.ر)خيرپور،چونڊڪو پرسان درگاهه جي سجاده نشين تي حملو سجاده نشين ۽ ٻه مريد زخمي، هزارين روپين جي ڦر هٿيارٻندن جي گرفتاري لاءِ مريدن جو احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب چونڊڪو ٿاڻي جي حد تجل شريف ۾ درگاهه تجل شريف جي سجاده نشين سلطان علي شاهه عرف صوفي نثار سندس مريدن مومن علي ۽ عابد علي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي ۾ عدالت جي حڪم تي بنگلو خالي ڪرائڻ دوران ڊي ايس پي زخمي

رڪ فارم پرسان شيخ برادري ۽ پوليس وچ ۾ ڇڪتاڻ دوران ڊي ايس پي زخمي ٿي پيو

پوليس وڌيڪ نفري طلب ڪري صورتحال تي ضابطو آندو ۽ آخرڪار بنگلو خالي ڪرائي ورتو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي عدالت جي حڪم تي بنگلو خالي ڪرائڻ دوران شيخ برادري ۽ پوليس وچ ۾ ڇڪتاڻ، ڊي ايس پي زاهد ميراڻي زخمي، گهوٽڪي رڪ فارم پرسان عدالت جي حڪم تي پوليس پاران بنگلو خالي ڪرائڻ دوران ڇڪتاڻ جو واقعو پيش آيو جنهن دوران ڊي ايس پي زاهد

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

شمائلا ڪيس ۾ گرفتار جوابدار عدالتي پيشي بعد ريمانڊ تي پوليس حوالي

پوليس جوابدارن راشد ۽ واجد چانڊيو کي عدالت ۾ پيش ڪري 12 ڏينهن جو ريمانڊ ورتو

هالا (ن ع) هالا پرسان ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيل ناري شمائلا جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيل ٻن جوابدارن کي هالا جي پوليس عدالت ۾ پيش ڪري ٻارنهن ڏينهن جو ريمانڊ وٺي ڇڏيو آهي. ڳوٺ نبي بخش چانڊيو ۾ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيل 17 سالا نوجوان ناري شمائلا چانڊيو جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو عرس پنج ذوالقعد تي شروع ٿيندو انتظام اڻپورا

بلڙي شاهه ڪريم(ن ع) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڏاڏي عظيم

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪڪڙ ۾ ڳوٺاڻن جو احتجاج، نوجوان ڊاٽسن ڊرائيور پاءُ کي اناج سميت گم ڪرڻ جا الزام

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان ڳوٺ مراد ٻبر جا رهواسي ٻائر گلزار علي ٻبر ۽ محمد جمن پاران پريس ڪلب ڪڪڙ پهچي احتجاج ڪندي مخالف ڌر مٿان نوجوان پاءُ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آمريڪا - ايران ڳالهين جي حوالي سان بين الاقوامي وفدن جي آمد جي موقعي تي اسلام آباد ۾ اهلڪار الرٽ بيٺل آهن

پاڪستان مان 2687 حج پانڌيئڙا مدينو شريف پهچي ويا

پانڌيئڙن جي آرام ۽ سهولت کي يقيني بڻائڻ لاءِ غير معمولي انتظام ڪيا ويا

مدينو شريف (اي پي پي) پاڪستان مان 2687 حج پانڌيئڙا مدينو شريف پهچي ويا مدينو شريف جي ڪو آرڊينيٽر ڪاشف

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

صدر پاران بنون ۾ ڪامياب انٽيليجنس آپريشن تي فورسز کي خراج تحسين

خوارجي سرغني ۽ خودڪش حملي آور جو مارجڻ فورسز جي پيشه ورانه مهارت آهي

اسان امن دشمن ۽ اسلام دشمن سازشن کي ناڪام بڻائينداسين: صدر مملڪت آصف زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن تي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي ايران جي پرڏيهي وزير سان فون تي ڳالهه ٻولهه

رابطا لازمي آهن ته جيئن خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏئي سگهجي: اسحاق ڊار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هٿيارٻند پيٽرول پمپ مالڪ کي گولي هڻي 75 لک رپيا ڦر ڪري فرار

نيو سبزي منڊي وٽ موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن ڪار کي روڪي پمپ مالڪ کي يرغمال بڻايو

مزاحمت تي پيٽرول پمپ مالڪ کي جوابدار ٽنگ ۾ گولي هڻي رقم کڻي فرار ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي نيو سبزي منڊي جي مرڪزي گيٽ اڳيان هٿيارٻند جوابدارن پيٽرول پمپ جي مالڪ کي گولي هڻي زخمي ڪري 75 لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا. واقعي جي وڊيو به سامهون

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ايران اسلامي قلعي جي جنگ وڙهي رهيو آهي، پاڪستان ان سان گڏ آهي: متحده علماءِ محاذ

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير ايران سان دوستي جو حق ادا ڪيو آهي

آمريڪا ۽ اسرائيل ايران کي ٻين ملڪن وانگر ڪمزور سمجهن ٿا، پر هو هڪ مضبوط ۽ طاقتور ملڪ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) متحده علماءِ محاذ پاڪستان ۽ فنڪشنل علماءِ مشائخ ونگ سنڌ جي گڏيل اهتمام هيٺ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم جي صدارت ۽ مولانا محمد امين انصاري جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث هجڻ تي 19 پوليس اهلڪار معطل

معطل ڪيل اهلڪارن ۾ مختلف ٿاڻن جا ايس ايڇ اوز، هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل شامل

ڊي آءِ جي سائوٿ جي حڪم تي کين سمپيڪٽرز مين ڪمپني ۽ گارڊن هيڊڪوارٽر منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي سائوٿ زون پوليس سيد اسد رضا جي دستخط سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب 19 پوليس اهلڪارن کي فوري طور تي معطل ڪيو ويو آهي. تفصيلن موجب ڪياماڙي ضلعي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

شادي لارج ويجهو شهزور ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

باءِ پاس چيما پمپ وٽ حادثي ۾ 30 ورهين جي لڇمڻ ڪولهي ٽاڊي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

شادي لارج (ن ع) شادي لارج باءِ پاس چيما پمپ وٽ تيز رفتار شهزور موٽر سائيڪل سوار 30 سالا لڇمڻ ڪولهي کي ٽڪر هڻي موقعي تي چيڀاٽي ماري ڇڏيو آهي ڪوسڪي پوليس شهزور تحويل ۾ وٺي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: شهيد بينظير ڀٽو فلائي اوور جو رهيل ڪم ٻيهر شروع ڪيو ويو آهي

ڪراچي ۾ بلدياتي ادارن جي نااهلي مسئلن کي گنڀير بڻائي ڇڏيو آهي: ايڊووڪيٽ حسنين چوهاڻ

بجلي ۽ گيس جي ڊگهي لوڊشيڊنگ عوام کي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي

ٽٽل روڊن ۽ غير منصوبابند ٽريفڪ شهرين لاءِ روزانو جو عذاب بڻجي ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جيڪو پاڪستان جو سڀ کان وڏو شهر ۽ معاشي حب آهي، اڄ ڳڻن شهري مسئلن جي ور چڙهيل آهي. انصاف لائرز فورم ڪراچي جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهاڻ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ چيني ٻولي سکڻ جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن: وڏو وزير

پاڪ-چين دوستي جي واڌ ويجهه ۾ چيني ٻولي اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

چيني ٻولي سکڻ سان نوجوانن لاءِ عالمي روزگار جا نوان دروازا کلي سگهن ٿا: پيغام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعلى سنڌ سيد مراد علي شاهه جو چيني ٻولي جي عالمي ڏينهن تي پيغام سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ ۽ چين وچ ۾ ثقافتي لاڳاپا صدين تي پکڙيل آهن ۽ ٻنهي علائقن جي وچ ۾ تاريخي ويجهڙائي موجود رهي آهي. وزيراعلىٰ سنڌ پنهنجي پيغام ۾ چيو ته

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام ڪوٽ اڳ ناري خودڪشي ڪري ڇڏي، مٺي ۾ آپگهات جي ڪوشش ڪندڙ کي بچايو ويو

ڳوٺ چونڊالس ۾ 20 سالن جي مسمات حسينه زال ساجن لنڊ گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪيو

ڪولهي پاڙو مٺي ۾ 50- سالن جي ڏامون ڪولهي آپگهات جي ڪوشش دوران وارثن بچائي ورتو

مٺي (ڊ-ر) مٺي شهر جي ڪولهي پاڙي ۾ 50- سالن جي ڏامون ڪولهي پاران خودڪشي جي ڪوشش ڪئي وئي. وارثن موقعي تي ڏسي ورتو ۽ ڪيس سول اسپتال مٺي منتقل ڪري ڇڏيو خودڪشي جو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۾ بين الاقوامي وفدن جي آمد جي حوالي سان آمدرفت جا وسيلا بند ڪرڻ بعد ڏهاڙي مزدور مزدوري جي آسري ۾ ويٺل آهن

ڪراچي: وفاقي وزير حنيف عباسي ۽ گورنر نهال هاشمي انٽرنيشنل اسڪول جي پاڪستان ريلوي ڪيمپس جو دورو ڪري رهيا آهن

سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان پاران اهم شخصيتن کي آجياڻو ڏنو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان پاران منسٽر انڪليو اسلام آباد ۾ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ سياسي، پارليماني ۽ سماجي شخصيتن ۽

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ميڪسيڪو ۾ هٿيارٻندن جي حملي ۾ 8 ڄڻا مارجي ويا

ميڪسيڪو سٽي (اي پي پي) ميڪسيڪو جي رياست موريلوس جي علائقي آيالا ۾ هٿيارٻندن جي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 8 ڄڻا مارجي ويا آهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

لبنان ۾ فرانسيسي امن اهلڪار مارجي وڃڻ، گڏيل قومن جي سربراهه جي مذمت

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش لبنان ۾ حملي جي نتيجي ۾ هڪ فرانسيسي امن اهلڪار جي مارجڻ ۽ ٻن ساٿين جي زخمي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ڏالين جي قومي آمدني واپار ۾ 24.19 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) ڏالين جي قومي آمدني واپار ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي 9 مهينن ۾ 24.19 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي. وفاقي شمارياتي اداري (پي بي ايس) جي انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال ۾ جولاءِ 2025ع کان مارچ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ريلوي کي جديد، محفوظ ۽ منافعي بخش ادارو بڻايو ويندو: حنيف عباسي

ڪراچي ۾ وفاقي وزير ۽ سنڌ جي گورنر سان گڏجي انٽرنيشنل اسڪول ريلوي ڪيمپس جو دورو ڪيو

هي ادارو ٽرسٽ آءِ بي ورلڊ اسڪول طور ترقي ڪري پيو شاگردن کي عالمي سطح تي تعليم جا موقعا ملندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ۽ وفاقي وزير ريلوي جي انٽرنيشنل اسڪول پاڪستان ريلوي ڪيمپس آمد، تعليمي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آمريڪا اسان کي جهڪائي نٿو سگهي: ايراني سفير

اسان کان دٻاءَ ذريعي غير منطقي مطالبا نٿا مڃرائي سگهجن

ايران کي جنگي ڌوڪن ۾ ڌمڪيون ڏيڻ ڪنهن به صورت قبول ناهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۾ ايراني سفير رضا اميري مقدم چيو آهي ته ايران کي ڌمڪين يا دٻاءَ ذريعي غير

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ فائرنگ جو واقعو، 8 ٻار مارجي ويا

شريو پورٽ پوليس جي آفيسرن کي گهريلو تڪرار جو اطلاع مليو

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪي رياست

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪڻڪ ننڍن آبادگارن لاءِ في ايڪڙ پنج ٻورين فراهم جي حد ختم ڪري ڇڏي

وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سال 2026 لاءِ ڪڻڪ جي خريداري واري جاري مهم جو جائزو ورتو

خوراڪ کاتي کي خريداري جي عمل کي تيز ڪرڻ ۽ هارين کي فوري ادائيگي يقيني بڻائڻ جي هدايت

حڪومت کي ڪڻڪ وڪڻندڙ آبادگار مستقبل ۾ به سبسڊيز ۽ امدادي پروگرامن جا اهل رهندا: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي سال 2026 لاءِ ڪڻڪ جي خريداري واري جاري مهم جو جائزو ورتو ۽ اسڪيم تحت رجسٽرڊ ننڍن آبادگارن کي في ايڪڙ پنج ٻوريون فراهم ڪرڻ جي حد ختم ڪندي کين پنهنجي مرضي مطابق ڪڻڪ فراهم ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي هن خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان ايٿوپيا جو سفير ڊاڪٽر عمر حسين اوبا ملاقات ڪري رهيو آهي

سينيٽ چيئرمين ۽ خيبرپختونخوا جي گورنر پاران مرحوم سردار ذوالفقار کوسا جي قرآن خواني ۾ شرڪت

اسلام آباد/ ڊيره غازي خان (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ۽ خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي سميت مشهور سياسي شخصيتن سردار ذوالفقار علي خان کوسه مرحوم جي قرآن خواني ۾ شرڪت ڪئي آهي قرآن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

هالا پرسان پنج ڏينهن اڳ گهريلو مسئلي جهيڙي جو زخمي اسپتال ۾ فوت، وارثن جو ڌرڻو

ڳوٺ وي ۾ ماڇي برادري جي جهيڙي دوران زخمي 43 ورهين جو ميان بخش ماڇي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

وارثن پاران لاش قومي شاهراهه تي رکي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت احتجاج ڪيو

ڊي ايس پي مظاهرين وٽ پهچي جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري روڊ کولرايو

هالا (رپورٽ: عبدالرحيم ميمڻ) هالا پرسان ڳوٺ وي ۾ پنج ڏينهن اڳ گهريلو مسئلي تان ٿيل جهيڙي جو هڪ زخمي ميان بخش ماڇي حيدرآباد جي اسپتال ۾ علاج دوران فوت. پنج ڏينهن اڳ هالا پرسان ڳوٺ وي ۾ ماڇي برادري جي ٻن ڌرين ۾ گهريلو مسئلي تان جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ لٺين ۽ ڪهاڙين جي آزادانا

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

هالا: فوتي شخص جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽون ڪوٽ ۾ گهر جي گنتي وڃائڻ تي شهري مچرجي پيو، معصوم نينگر تي تشدد، وارثن جو احتجاج

ٺٽون ڪوٽ (ن ع) ٺٽون ڪوٽ جي گنج بخش ڪالوني واسي جان محمد چانڊيو سندس نينگر شاهزيب چانڊيو سان گڏ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏاهيندي چيو ته گذريل ڏينهن منهنجو 12

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس کي هٿ آيل ٻن ٻارڙن مان هڪ نينگري اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻوٽ بيسن واري علائقي مان مليل ٻن ننڍين ڀينرن مان هڪ فوت ٿي وئي، 13 ورهين جي مقدس سول اسپتال ڪراچي ۾ علاج دوران لاڏاڻو ڪري وئي. فيصل ايڌي ٻچي جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. ٻي ڀيڻ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن طرفان جديد بلڪ فلو ميٽرنگ سسٽم جي شروعات

سسٽم ذريعي پاڻي ورڇ جي نظام ۾ شفافيت ۽ ڊيٽا تي ٻڌل انتظامي بهتري آندي ويندي

منصوبي تحت 100 مانيٽرنگ چيمبرز شهر جي مختلف اهم هنڌن تي قائم ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر ۾ ڊگهي عرصي کان مسئلن جو شڪار پاڻي جي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن هڪ جديد بلڪ فلو ميٽرنگ سسٽم جي تنصيب شروع ڪري

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ٽرانسپورٽرن لاءِ فيول سبسڊي واري رقم جي ادائيگي تيز ڪرڻ جي هدايت

ٽرانسپورٽ ڊيٽا جي درستگي ۽ انفورسمينٽ واري نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي: وڏو وزير

فيول سبسڊي اسڪيم تحت 3976 گاڏين جي پروسيسنگ ۽ 146.77 ملين رپيا ورهايا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي هدايت ڪئي ته فيول سبسڊي اسڪيم تحت هيستائين 3976 گاڏين جي پروسيسنگ ڪئي وئي آهي جنهن تحت

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري کي ٽيليفون ڪري سندس والده جي صحت بابت خيريت معلوم ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري کي ٽيليفون ڪري سندس عليل والده جي صحت بابت خيريت معلوم ڪئي وزيراعظم شهباز شريف ڪامران ٽيسوري جي والده جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي ذريعن جو چوڻ آهي ته سفارتي ۽ معاشي معاملن ۾ مصروف

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي، انساني اسمگلنگ ۾ ملوث 3 جوابدار گرفتار

ڪارروائي دوران جوابدارن ارسلان اشفاق، سيد غلام محي الدين حيدر عرف حارث ۽ محمد صادق سرگهو

جوابدار غير قانوني طور ماڻهن کي ٻاهرين ملڪن موڪلڻ لاءِ جعلي ۽ ٽيمپرڊ ويزا تيار ڪندا هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي جي ڪارروائي، انساني اسمگلنگ نيٽورڪ بي نقاب، 3 جوابدار گرفتار ڪراچي ۾ وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل وڏي ڪارروائي ڪندي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ٺٽون ڪوٽ ويجهو معصوم نياڻي هلڻ ڦرڻ کان لاچار، ڊاڪٽرن پاران پوليو جو شڪ ظاهر

ڳوٺ رمضان گرگيز واسي سائونڻ گرگيز جي 9 ورهين جي نياڻي اقرا گرگيز پنجن ڏينهن کان لاچار بڻيل

نينگري جو کابو ٻانهن ۽ ڄنگهه اوچتو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو، ڊاڪٽرن پوليو جو شڪ ظاهر ڪيو آهي: وارث

اعليٰ عملدار معاملي جو فوري نوٽيس وٺي نينگري جي طبي جاچ ۽ علاج لاءِ ترت قدم کڻيا وڃن

ٺٽون ڪوٽ (ن ع) ڳوٺ رمضان گرگيز جي رهواسي پورهيت سائونڻ گرگيز جي 9 ورهين جي نياڻي اقرا گرگيز گذريل پنجن ڏينهن کان هلڻ ڦرڻ کان لاچار بڻيل آهي. وارثن موجب نينگري جو کابو ٻانهن ۽ ڄنگهه اوچتو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو جنهن سبب هوءَ بي وس بڻجي وئي آهي. اقرا کي مقامي

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ٺٽون ڪوٽ: معصوم نياڻي جنهن کي پوليو هجڻ جو شڪ ظاهر ڪيو ويو

روينه چانڊيو قتل ڪيس جا ٻه جوابدار عدالتي پيشي بعد ريمانڊ تي پوليس حوالي

پوليس ٽبن ۽ ولي محمد چانڊيو کي پيش ڪري 7 ڏينهن جي ريمانڊ جي استدعا ڪئي

عدالت جوابدارن کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

خيرپور(ڊ.ر)خيرپور پرسان ٽنڊو مستي ۾ 20 ورهين جي ناري خالده عرف روينه چانڊيو جي ڪاروڪاري جي الزام هيٺ قتل واري ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن ٽبن چانڊيو ۽ ولي محمد چانڊيو کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو تفصيل مطابق ناري خالده عرف روينه چانڊيو جي ڪاروڪاري جي الزام هيٺ قتل

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم لڳ ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان فوت، هڪ زخمي

پير شاخ لڳ بنگلي موري وٽ پيش آيل حادثي ۾ نوجوان سبحان ٿهيم ٽاڊي تي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي پنهل ٿهيم ۽ لاش کي ڪڻائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد پير شاخ لڳ بنگلي موري وٽ ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ڳوٺ پليو خان ٿهيم جو رهواسي نوجوان سبحان ٿهيم ٽاڊي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته پنهل ٿهيم سخت زخمي ٿي پيو اطلاع ملڻ تي بي سيڪشن پوليس

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ڪڙيوگهنور پرسان تيز رفتار موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب هڪ عورت فوت

ڪڙيوگهنور: رپورٽ . ڪڙيوگهنور پرسان ڳوٺ پوڙهو خاصخيلي جي رهواسي اسلم

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 ايران

جيڪڏهن آمريڪا ٻيهر اڳرائي ڪئي ته ڀرپور جواب ڏنو ويندو هن چيو ته آمريڪا ثابت ڪري چڪو آهي ته هو سفارتي عمل کي اڳتي وڌائڻ ۾ سنجيده ناهي. آمريڪا جارحاڻي ڪارروائيون ڪري جنگبندي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. ايراني پرڏيهي کاتي جي ترجمان جو چوڻ هو ته آمريڪي تجويزون غير سنجيده ۽ ان جا مطالبا غير حقيقي آهن ايران پنهنجا مطالبا واضح طور بيان ڪيا آهن ۽ جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار نه ٿيندي اسماعيل بقائي جو چوڻ هو ته جڏهن ايران جي قومي مفادن جي تحفظ جي ڳالهه اچي ٿي ته اسان ڊيڊ لائينز يا الٽيميٽم تي يقين نٿا رکون جيڪڏهن آمريڪا ۽ اسرائيل نئين جارحيت شروع ڪرڻ چاهين ٿا ته اسان جون هٿياربند فوجون ان جو جواب ڏينديون

بقايا 2 مارجي ويا

موجب، سيڪيورٽي فورسز بنون ۾ خارجين جي موجودگي جي اطلاع تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو جنهن دوران سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 2 خارجي مارجي ويا، مارجي ويل دهشتگردن وٽان آپگهاتي جيڪيٽ، هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگردن ۾ خارجي ونگ ليڊر وحيد الله عرف مختيار ۽ هڪ آپگهاتي بمبار شامل آهي خارجي ونگ ليڊر وحيد الله عرف مختيار دهشتگردي جي ڪيترين ڪارروائين ۾ ملوث رهيو ۽ انتهائي گهربل دهشتگردن جي لسٽ ۾ شامل هو پڌرائي موجب، خارجي ونگ ليڊر سيڪيورٽي فورسز جي اهلڪارن ۽ بيگناهه شهرين جي شهادتن ۾ ملوث هو

بقايا 3 فوت

آمريڪي اميگريشن انفورسمينٽ (آءِ سي اي) پاران جاري ڪيل قيدين جي موت بابت رپورٽس ۾ ڪيو ويو آهي رپورٽ مطابق تازو واقعو خميس تي سامهون آيو جڏهن هڪ 27 سالن جو ڪيوبن شهري 12 اپريل تي ميامي جي هڪ وفاقي حراستي مرڪز ۾ پنهنجي سيل ۾ بي هوش حالت ۾ مليو طبي امداد جي ڪوشش باوجود ڪيس مئل قرار ڏنو ويو جڏهن ته موت جو سبب هن وقت معلوم ناهي ٿي سگهيو.

بقايا 4 وزيراعظم

کي بيداري، خوداعتمادي ۽ مسلسل جدوجهد جو شعور عطا ڪيو اڄ جي قومي ۽ عالمي حالتن ۾ سندس پيغام اسان جي لاءِ غيرمعمولي اهميت رکي ٿو اقبال ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته هو پوري قوم پاران علامه محمد اقبال رحمته الله کي دلي خراج عقيدت پيش ڪري ٿو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته بنا ڪنهن شڪ جي علامه اقبال ننڍي کنڊ جي مسلمانن جو محسن ۽ عظيم فڪري اڳواڻ هو علامه اقبال خودي، عمل، ايمان ۽ فڪري آزادي جو پيغام ڏنو علامه اقبال جي فڪر هڪ محڪوم قوم کي بيداري، خوداعتمادي ۽ مسلسل جدوجهد جو شعور عطا ڪيو هن چيو ته اڄ جي قومي ۽ عالمي حالتن ۾ علامه اقبال جو پيغام اسان جي لاءِ غيرمعمولي اهميت رکي ٿو فڪري انتشار انتهاپسندي، معاشرتي عدم برداشت ان ڳالهه جا گهرجائو آهن ته اسان پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي کي علامه اقبال جي فڪري تربيت جي روشني ۾ قائم ڪريون

بقايا 5 شروع ٿيندي

ٻئي مرحلي ۾ ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد پيپلز بس سروس شروع ڪئي پئي وڃي، منصوبي سان ٻنهي شهرن وچ ۾ سفر ڪندڙ شهرين کي وڏي سهولت ملندي ۽ روزمره جي آمدورفت ۾ سولائي پيدا ٿيندي هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد جديد ٽرانسپورٽ نظام کي مرحلي واري صوبي جي ٻين ضلعن تائين وڌائڻ آهي جلد ئي ٻين شهرن ۾ به هي سروس شروع ڪئي پئي وڃي

بقايا 6 خراج تحسين پيش

موجب، وزيراعظم سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيت کي ساراهيندي چيو ته انهن آپريشن ۾ پنهنجي پيشيوراڻين صلاحيتن سان خارجي سرغنه سميت ٻن دهشتگردن کي جهنم پهچايو وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي حڪومت ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي

بقايا 7 صدر

عظيم شاعر هو پر هڪ اهڙي فڪري، اخلاقي ۽ روحاني قوت هو جنهن مسلمان امت کي پاڻ آڳاهي، فڪر جي آزادي، خودداري ۽ مسلسل جدوجهد جي راهه ڏيکاري. صدر آصف علي زرداري اقبال ڏهاڙي (21 اپريل 2026ع) جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اڄ حڪيم الامت، شاعر مشرق، عظيم مسلم مفڪر ۽ ان بصيرت افروز شخصيت علامه محمد اقبال کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا جنهن پاڪستان جي تصور کي فڪري سگهه عطا ڪئي. هو نه رڳو هڪ عظيم شاعر هو پر هڪ اهڙي فڪري، اخلاقي ۽ روحاني قوت هو جنهن مسلمان امت کي خود آڳاهي، فڪر جي آزادي، خودداري ۽ مسلسل جدوجهد جي راهه ڏيکاري، زوال ۽ بي يقيني جي دور ۾ هن هڪ قوم جي اعتماد کي ٻيهر جلا بخشي، اقبال جي سوچ اوڀر ۽ اولهه ٻنهي روايتن جي گهري مطالعي جي عڪاس آهي، هن ان وسيع فڪري ورثي مان فائدو وٺندي انصاف، وقار ۽ انساني صلاحيتن تي ٻڌل معاشري جو هڪ روشن تخيل پيش ڪيو ايوان صدر پاران اجري بيان موجب صدر آصف علي زرداري چيو ته علامه اقبال جو ڪلام ايشيا جي عروج ۽ انهن معاشرن جي بيداري جي پڻ ڳالهه ڪري ٿو جيڪو ڊگهي عرصي تائين ٻاهرين قبضي جي اثر هيٺ آهي اهو هڪ اهڙو موقف آهي جيڪو موجوده صديءَ ۾ پڻ پنهنجي اهميت برقرار رکي آهي

بقايا 8 صفدر عباسي

واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ پوليس کي عوامي تحفظ بدران سياسي انتقام ۽ مخالفن خلاف استعمال ڪيو پيو وڃي جڏهن ته صوبائي وزير داخله تي الزام لڳايو ته هن سنڌ پوليس کي ذاتي مفادن ۽ سياسي مخالفن خلاف اوزار بڻايو آهي. ڊاڪٽر صفدر عباسي چيو ته 15 سال کان قائم پيٽرول پمپ کي اوچتو غير قانوني قرار ڏيڻ صرف هڪ بهانو آهي جڏهن ته اصل نشانو سياسي وابستگيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته اها ڪارروائي ان ڪري به ڪئي وئي جو رئيس غلام حيدر سري طرفان جي ڊي اي اڳواڻن جي اعزاز ۾ دعوت جو اهتمام ڪيو ويو هو. هن الزام لڳايو ته سنڌ ۾ سياسي مخالفن کي هراسان ڪيو پيو وڃي ۽ ڪين دٻاءُ وڌو پيو وڃي ته هو حڪمران جماعت ۾ شامل ٿين، نه ته سندن ڪاروبار ۽ گهر تباهه ڪيا ويندا.

بقايا 9 گرفتار

رڪندڙ 3 جوابدارن سربراهه زوهيب شاهه عرف بابو ولد خالد شاهه ، شهريار عرف موٽو ولد چند شاهه ۽ عطاالرحمان عرف مسيت ولد زبير احمد خان کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدارن وٽان 3 عدد موبائل فون ۽ نقدي رقم به هٿ ڪئي وئي آهي. ، گرفتار جوابدار ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ موٽرسائيڪل چوري ڪرڻ، موبائل فون ۽ نقدي ڦرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. گرفتار جوابدارن انڪشاف ڪيو آهي ته هو گذريل 3 سالن کان هر مهيني لڳ ڀڳ 3 کان 4 موٽرسائيڪلون چوري ڪندا هئا جڏهن ته روزانو بنياد تي 4 کان 6 موبائل فون ۽ 40 کان 50 هزار رپيا نقدي ڦرڻ ۽ چوري ڪرڻ ۾ ملوث رهيا آهن. بعد ۾ ڦريل موبائل فون ۽ موٽرسائيڪلون سستي اگهه تي وڪرو ڪندا هئا.

بقايا 10 فون

تي زور ڏنو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف کي يورپي ڪائونسل جي صدر انتونيو ڪوسٽا ڪالهه سومر ڏينهن ٽيليفون ڪئي ٻنهي اڳواڻن وچ اوڀر جي موجوده صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وزيراعظم يورپي ڪائونسل جي صدر ڪوسٽا کي پاڪستان جي خطي ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ سفارتي ڪوششن بابت آگاهه ڪيو

بقايا 11 قتل

۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته چار ڏينهن اڳ مقتول انجهان بوزدار جي سس سهري احمد بوزدار ۽ ڏير حفيظ بوزدار اسان جي نياڻي کان سونو لاڪيٽ جي گهر ڪئي انڪار ڪرڻ تي تشدد ڪيو جنهن جي اين سي ميرپور ماٿيلو ٿاڻي تي داخل ڪرائي هئي پوليس ٻن ڄڻن کي گرفتار به ڪيو هيو جن کي بعد ۾ ڏيتي ليتيءَ ذريعي آزاد ڪيو ويو هو جنهن سبب گذريل ڏينهن سس سهري احمد بوزدار ۽ ڏير حفيظ بوزدار گڏجي ڪري اسان جي نياڻي کي بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو آهي پر پوليس جوابدارن کان رشوت وٺڻ سبب ڪيس داخل نه ٿي ڪري جيڪو ظلم زيادتي آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي جوابدارن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 12 ڳالهيون

اسٽيڊيم ۽ لائبريري جي تعمير لاءِ ايندڙ بجيٽ ۾ رقم مختص ڪئي ويندي، ته جيئن علائقي ۾ تعليمي ۽ راندين جون سهولتون بهتر بڻائي سگهجن سنڌ جي وڏي وزير وڌيڪ چيو ته شڪارپور جي عورتن لاءِ اسڪوٽيز جي فراهمي جو جلد اعلان ڪيو ويندو، جنهن سان عورتن کي آمد و رفت ۾ آساني ملندي شڪارپور ۾ فري هوم سولر اسڪيم ۽ پيپلز بس سروس جي شروعات تي امتياز شيخ سنڌ جي وڏي وزير جو شڪريو ادا ڪيو ۽ انهن منصوبن کي عوام لاءِ اهم قدم قرار ڏنو ملاقات ۾ علائقي جي مجموعي ترقي، سهولتن جي بهتري ۽ جاري منصوبن جي رفتار تي به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

بقايا 13 احتجاج

تي هٿياربندن حملو ڪري ڪين زخمي ڪري ڇڏيو ۽ هزارين رپيا روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا واقعي خلاف درگاهه تجل شريف جي مريدن هاشم علي لياقت علي خاصخيلي غلام پلاڻ محرم علي ۽ صوبيل فقير کهڙکهاڻي چونڪو روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪندي ٻڌايو ته هٿياربندن سجاده نشين ۽ مريدن تي حملو ڪري ڪين زخمي ڪيو آهي هنن چيو ته پوليس اڃا جوابدارن خلاف ڪارروائي نه ڪئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦريل رقم سميت ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا 14 انتظام اڻپورا

بزرگ صابرين اولياء حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو ساليانو عرس مبارڪ پنج ذوالقعد تي شروع ٿيندو انتظام اڻپورا اسسٽنٽ ڪمشنر بلڙي شاهه ڪريم عزيز الله سومرو پاران درگاهه شاهه ڪريم جو دورو هن درگاهه شاهه ڪريم تي پهچي درگاهه تي چادر چاڙهي ۽ دعا گهري جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر درگاهه جي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو سڪيورٽي سميت زائرين جي سهولتن جو جائزو ورتو هن اوقاف جي انتظاميا سميت ٽائون ڪميٽي بلڙي شاهه ڪريم جي انتظاميا کي هدايتون ڪيون ته صفائي ستھرائي سان گڏ زائرين لاءِ جوڳا انتظام ڪيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ڪافي ڪميون پيشيون آهن جنهن جي رپورٽ ڪري اعلي آفيسرن کي آگاهه ڪيو ويندو

بقايا 15 الزام

روشن علي ٻبر کي کڻي گم ڪرڻ ۽ ڊاٽسن سميت 60 من ڪڻڪ کڻي وڃڻ جا الزام هنيا آهن ان دوران ڳوٺاڻن جو چوڻ هيو ته اسين ڳوٺاڻا اناج جا ننڍا واپاري آهيون پورهيو ڪري گهر جو گذر سفر ڪندا آهيون جڏهن ته اسان جو ڀاءُ ڊاٽسن ڊرائيور گلزار علي ٻبر جيڪو اڪيلو ڳوٺ کان 60 من ڪڻڪ ڊاٽسن تي ڀري وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪڪڙ طرف کڻي وڃي رهيو هو ته ڪڪڙ ٿاڻي جي حد مير محمد شاخ لڳ بنگلو وٽ رستي تي بيٺل نواب شاهه واسي سليمان لغاري پنهنجن 5 کان وڌيڪ ساٿين ۽ پوليس اهلڪارن جي مدد سان بنا جواز ڀاءُ ڊرائيور پورهيت روشن ٻبر کي روڪي سندس کان 60 من ڪڻڪ سان ڀريل ڊاٽسن KN 2937 نمبر سميت کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 16 زخمي

ميراڻي زخمي ٿي پيس مختلف ٿاڻن جي پوليس ڊي ايس پي زاهد ميراڻي جي اڳواڻي ۾ بنگلو خالي ڪرائڻ لاءِ پهتي جتي شيخ برادري ۽ پوليس وچ ۾ تڪرار وڌي ويو ڇڪتاڻ دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ لٺبازي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ڊي ايس پي زاهد ميراڻي لٺيون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو واقعي کان پوءِ پوليس وڌيڪ نفري طلب ڪري صورتحال تي ضابطو آندو ۽ آخرڪار بنگلو خالي ڪرائي ورتو

بقايا 17 پوليس حوالي

قتل ۾ گرفتار جوابدارن کي پوليس حراست هيٺ جاچ ڪرڻ بعد گذريل ڏينهن عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي هالا پوليس واقعي بابت جاچ جا تفصيل عدالت سگهوريءَ ۾ پيش ڪيا . گرفتار جوابدارن راشد ۽ واجد چانڊيو پاران اقراري بيان ۾ اعتراف ڪرڻ باوجود حيدر چانڊيو کي اڃا تائين پوليس ڪيس ۾ داخل نه ڪيو آهي جوابدارن پاران حيدر چانڊيو مٿان الزام لڳايو ويو آهي ته ڪين راڄوڻي فيصلي بعد ساڪ تي ٻانهن هٿ سان اسان حوالي ڪري ۽ بعد ۾ ناري شمائلا کي قتل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو آهي . جڏهن ته پوليس موقف اختيار ڪندي عدالت ۾ ٻڌايو آهي ته ڪيس جون قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد وڌيڪ جوابدارن جا نالا شامل ڪري گرفتاريون عمل ۾ آنديون وينديون

بقايا 18 بچايو ويو

ڪارڻ معلوم نه ٿيو آهي پوليس جاچ ڪري رهي آهي ٻيو واقعو اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ چوٽالس ۾ پيش آيو جتي 20 سالن جي مسمات حسينه زال ساجن لنڊ پنهنجي گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ ورتو ۽ اسپتال مان ضروري قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته خودڪشي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو

بقايا 19 وڏو وزير

پاڪ-چين دوستي جي واڌ ويجهه ۾ چيني ٻولي اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي جڏهن ته اها دنيا جي قديم ۽ وسيع ترين ٻولين مان هڪ آهي. هن چيو ته China-Pakistan Economic Corridor منصوبن سبب چيني ٻولي جي اهميت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري ۽ تعليمي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن. سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ چيني ٻولي سکڻ جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن ته جيئن نوجوان عالمي سطح تي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. سندس چوڻ هو ته چيني ٻولي سکڻ سان نوجوانن لاءِ عالمي روزگار جا نوان دروازا کلي سگهن ٿا. وزيراعليٰ سنڌ چين جي حڪومت ۽ عوام لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستان ۽ چين جي لازوال دوستي جو بنياد ذوالفقار علي ڀٽو وڌو هو، جيڪا اڄ به مضبوط نموني جاري آهي.

بقايا 20 ايڊووڪيٽ حسنين چوهاڻ

پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته شهر ۾ ٽٽل روڊ، پاڻي جي سخت کوٽ، ناقص نيڪال جو نظام ۽ هنڌ هنڌ ڪچري جا ڍير شهرين جي زندگي اجيرن بڻائي ڇڏي آهي. هن چيو ته ڪراچي ۾ بلدياتي ادارن جي نااهلي مسئلن کي وڌيڪ گنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. سيوريج جو گندو پاڻي روڊن تي بيهڻ ۽ ڪچري جا ڍير ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته انتظامي نظام مڪمل طور ناڪام ٿي چڪو آهي. ايڊووڪيٽ حسنين علي چوهاڻ چيو ته شهر ۾ پاڻي جي سخت کوٽ سبب ٽينڪر مافيا سرگرم آهي جڏهن ته بجلي ۽ گيس جي ڊگهي لوڊشيڊنگ عوام کي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 21 فوت

شهزور ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو آهي لاش ضروري قانوني ڪاروائي لاءِ اسپتال موڪليو ويو خوني ٿرڪول روڊ هن مقتل گاهه بڻيل باءِ پاس تي اڻ ڳڻيا موتمار حادثا پيش آيا آهن جنهن ۾ سوين انساني قيمتي جانيون ضايع ۽ هميشه لاءِ اپاهج معذور ٿي ويون آهن.

بقايا 22 اهلڪار معطل

جي ڪجهه پوليس اهلڪارن کي غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث هجڻ جي بنياد تي اينٽي ڪرپشن ۽ اينٽي اسمگلنگ ڊرائيو تحت ڪارروائي ڪئي وئي آهي. معطل ڪيل اهلڪارن ۾ مختلف ٿاڻن جا اي ايس آءِ هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل شامل آهن جن خلاف باضابطه جاچ شروع ڪري ڇڏي وئي آهي. ڊي آءِ جي سائوٿ زون جي حڪم موجب معطل اهلڪارن کي سسپينڊيڊ مين ڪمپني ۽ گارڊن هيڊڪوارٽر منتقل ڪيو ويو آهي جتي اهي روزاني رول ڪال ۽ پريڊ جا پابند هوندا.

بقايا 23 متحده علماءِ محاذ

ميزباني ۾ يڪجهتي فلسطين و ايران ڪانفرنس منعقد ٿي. ڪانفرنس جي مهان مهمان ڊائريڪٽر خانه فرهنگ ايران ڊاڪٽر سعيد طالبي نيا خطاب ڪندي چيو ته هو پاڪستان جي وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير جا بيحد شڪرگذار آهن، جن ايران سان دوستي جو حق ادا ڪندي مڪمل سهڪار ڪيو ۽ جنگبندي ۽ امن جي قيام لاءِ مؤثر ڪردار ادا ڪيو. هن چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل ايران کي ٻين ملڪن وانگر ڪمزور سمجهن ٿا، پر ايران هڪ مضبوط ۽ طاقتور ملڪ آهي جيڪو پنهنجي تاريخي حيثيت رکي ٿو هن چيو ته ايران جي خلاف سازشن ۽ حڪومت جي تبديلي جا خواب ڏسندڙ ناڪام ٿيندا ۽ ذلت انهن جو مقدر بڻجندي سردار عبدالرحيم پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو ته ڪجهه قوتون ايران خلاف جارحيت کي جنگ نٿيون سمجهن، پر حقيقت ۾ اهو هڪ طرفو ظلم ۽ ٻئي طرف دفاع آهي هن چيو ته ايران اسلامي دفاع جي جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ ڪجهه مسلم حڪمرانن جي ڪمزوريون به صورتحال کي متاثر ڪري رهيون آهن هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو هر فرد ايران سان گڏ آهي ۽ مظلومن لاءِ قرباني ڏيڻ کان به پوئتي نه هٽبو مولانا محمد امين انصاري چيو ته خانه فرهنگ ايران جو ڪراچي ۾ امن ۽ وحدت لاءِ ڪردار ساراهه جوڳو آهي هن چيو ته امت مسلمه کي استعماري قوتن خلاف هڪ ٿيڻ جي ضرورت آهي فنڪشنل سنڌ جي چيئرمين علامه عبدالخالق فريدي چيو ته تاريخي جدوجهدن جو تسلسل اڄ به ايران جي مزاحمت ۾ نظر اچي ٿو مسلم ليگ فنڪشنل ڪراچي جي صدر انور عظيم ايڊووڪيٽ چيو ته فلسطين، ايران ۽ لبنان جهڙن مسئلن کي عالمي استعماري قوتون استعمال ڪري رهيون آهن هن چيو ته اڄ جو مسئلو رڳو زمين جو نه پر ضمير جو مسئلو آهي ۽ امت مسلمه کي هڪ آواز ٿيڻ گهرجي ڪانفرنس ۾ حافظ احمد علي، مولانا پير محمد ارشد حسين هاشمي ڪاظمي القادري، علامه مرزا طاهر علي حبيبي، مفتي محمد عابد، سيد حسن صغير عابدي، ڊاڪٽر فيضان فاروقي، حاجي صفدر علي [illegible] ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 24 فرار

آئي آهي جنهن ۾ 3 جوابدارن کي موٽرسائيڪل تي اچي ڪار جو پيڇو ڪندي ڏسي سگهجي ٿو فوٽيج موجب جوابدارن هٿيارن جي زور تي گاڏي کي روڪيو هڪ ملزم گاڏي جي اڳيان موٽرسائيڪل لڳائي رستو بند ڪيو واردات دوران مزاحمت تي پيٽرول پمپ جي مالڪ کي ٽنگ ۾ گولي لڳي جڏهن ته جوابدارن فرار ٿيندي گاڏي جي پٺئين ٽائر تي به لڳاتار فائرنگ ڪئي پوليس موجب جوابدارن گاڏي مان 75 لک رپيا روڪ کڻي سپر هاءِ وي طرف پيدل فرار ٿي ويا، جڏهن ته واقعي واري هنڌ موجود هڪ شهري کان موٽرسائيڪل به ڦري ڪري ساڳي تي فرار ٿي ويا. زخمي پيٽرول پمپ مالڪ کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي کيس طبي امداد ڏني پئي وڃي آءِ جي سنڌ واقعي جو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي هن هدايت ڪئي آهي ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ خاص ٽيمون ٺاهي سڀ وسيلا استعمال ڪندي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 25 ڳالهه ٻولهه

ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سمورن التوا هيٺ معاملن جي حل لاءِ جلد کان جلد مسلسل ڳالهه ٻولهه ۽ رابطا لازمي آهن ته جيئن خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏئي سگهجي ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 26 خراج تحسين

خراج تحسين پيش ڪندي پارٽي پڻ پرائي ۾ سرگرم فتنه الخوارج جي اهم دهشتگردن جي مارجڻ جي واکاڻ ڪئي آهي سومر تي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل هڪ بيان ۾ صدر چيو ته خوارجي سرغنه ۽ خودڪش حملي آور جو مارجڻ سيڪيورٽي فورسز جي پيشه ورانه مهارت ۽ جرئت جي عڪاس آهي صدر آصف علي زرداري چيو ته اهڙي وقت ۾ جڏهن پاڪستان پنهنجون سموريون توانائيون خطي ۽ عالمي امن حاصل ڪرڻ ۾ خرچ ڪري رهيو آهي ان وقت اسان جا دشمن دهشتگردي ذريعي اسان جي انهن ڪوششن کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا. صدر چيو ته اسان انهن امن دشمن ۽ اسلام دشمن سازشن کي ناڪام بڻائينداسين هن چيو ته ٻاهرين مداخلت جي ڪري ٿيندڙ دهشتگردي خلاف جنگ جاري رهندي

بقايا 27 پهچي ويا

حسين مذهبي معاملن واري وزارت جي ٻئي عملي سان حج پائيلٽن جي آجيان ڪئي. عملدارن مطابق حج پائيلٽن جي آرام ۽ سهولت کي يقيني بڻائڻ لاءِ غير معمولي انتظام ڪيا ويا آهن آمد جي موقعي تي هڪ آجياڻو به منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي جي انتظام سنڀاليندڙن جو چوڻ آهي ته اهي قدم پائيلٽن کي بهتر ۽ خوشگوار سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش جو حصو آهن سڄي دنيا مان لکين مسلمان ايندڙ هفتن ۾ حج جي ادائيگي لاءِ سعودي عرب پهچندا. جيڪو اسلام جي پنج بنيادي رڪنن مان هڪ آهي. عملدارن پاڪستاني حج پائيلٽن لاءِ ٽرانسپورٽ، رهائش ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي جا انتظام مڪمل ڪيا آهن

بقايا 28 صدر ٽرمپ

سان ملڻ لاءِ تيار آهي پر انهن ڳالهين لاءِ سڀ کان اهم شرط اها آهي ته ايران پنهنجو ايٽمي هٿيارن جو پروگرام مڪمل طور تي ختم ڪري. صدر ٽرمپ اهو به چيو ته ايران کي پنهنجا ايٽمي هٿيار ڇڏڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن ائين ٿئي ٿو ته ايران هڪ بهتر ملڪ بڻجي سگهي ٿو بهرحال هن اهو نه ٻڌايو ته جيڪڏهن ايران انهن شرطن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو يا ڳالهيون ناڪام ٿين ٿيون ته آمريڪا ڪهڙا قدم کڻندو پر هن اشارو ڏنو ته صورتحال خراب ٿي سگهي ٿي ٻئي طرف گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي اسلام آباد ڳالهين جي ٻي دور لاءِ ڪيل سيڪيورٽي انتظامن جي حوالي سان آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر کي اعتماد ۾ ورتو آهي گهرو وزارت جي ترجمان موجب وفاقي وزير ڊپلوميٽڪ انڪليو ۾ آمريڪي سفارتخاني جو دورو ڪيو جتي هن واضح ڪيو ته ڳالهين جي ڪاميابي ۽ پرڏيهي مهمانن جي حفاظت لاءِ غير معمولي سيڪيورٽي پلان جوڙيو ويو آهي ملاقات دوران ڳالهائيندي محسن نقوي چيو ته اسان پنهنجي سمورن خاص مهمانن لاءِ سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا آهن ۽ اسان اسلام آباد ڳالهين جي ٻئي دور جي ڪاميابي لاءِ دعاڳو آهيون آمريڪي سفير ان موقعي تي خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي مخلصاڻي ڪردار جي تعريف ڪئي ملاقات ۾ پاڪ آمريڪا ٻه طرفا لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ۽ خطي جي مجموعي صورتحال تي به تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون

بقايا 29 آجياڻو

سينيئر صحافين شرڪت ڪئي سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب اڳوڻو نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سميت ٻين اهم شخصيتن پڻ آجياڻي ۾ شرڪت ڪئي آجياڻو سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين ذاتي حيثيت ۾ ڏنو هو ان موقعي تي ملڪي صورتحال، معيشت ۽ عوامي بهتري جي حوالي سان تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون آجياڻي ۾ شريڪ شخصيتن قومي يڪجهتي ۽ اتحادي حڪمراني تي زور ڏنو ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ سندس ٽيم جي تعريف ڪئي.

بقايا 30 مارجي ويا

پرڏيهي ميڊيا مطابق رياستي پراسيڪيوٽر جي آفيس مان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته فائرنگ ان هنڌ ٿي جيڪو غير قانوني طور هلايو پيو وڃي. واقعي واري هنڌ تان 8 لاش هٿ ڪيا ويا آهن

بقايا 31 مذمت

ٿيڻ جي شديد مذمت ڪئي آهي گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ پاران جاري بيان ۾ چيو ويو ته امن مشن جي اهلڪارن تي حملا فوري طور بند ٿيڻ گهرجن ڇو جو اهي عالمي انساني قانون ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ 1701 جي سنگين ڀڃڪڙي آهن ۽ امڪاني طور جنگي ڏوهه آهن بيان مطابق سيڪريٽري جنرل سمورن ڌرين تي زور ڀريو آهي ته هو عالمي قانونن جي پاسداري ڪن، گڏيل قومن جي عملي جي حفاظت کي يقيني بڻائن ۽ ان جي اڏائن ۽ چرپر جي احترام کي برقرار رکن

بقايا 32 گهٽتائي رڪارڊ

2026ع دوران دالين جي آمدني واپار جو ڳاٽيڪو 624.38 ملين ڊالر تائين گهٽجي ويو جڏهن ته مالي سال جي ساڳئي عرصي دوران دالين جي قومي آمدني واپار جو ڳاٽيڪو 823.63 ملين ڊالر رهيو هو.

بقايا 33 حنيف عباسي

سڏارن جا اعلان ڪراچي ۾ نهال هاشمي ۽ محمد حنيف عباسي ڊي انٽرنيشنل اسڪول پاڪستان ريلوي ڪيمپس جو دورو ڪيو جتي يادگار تعليمي ڏينهن جي حوالي سان رٿيل تقريب ۾ شرڪت ڪئي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير ريلوي محمد حنيف عباسي چيو ته انٽرنيشنل اسڪول کي پاڪستان ريلوي پاران پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت عمارت فراهم ڪئي وئي آهي

بقايا 34 ايراني سفير

منطقي مطالبا مڃڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي. ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ رضا اميري مقدم چيو ته عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندي ناڪابندي جاري رکڻ ۽ ايران کي جنگي ڏوهن ۾ ڌمڪيون ڏيڻ ڪنهن به صورت قبول ناهي

بقايا 35 مارجي ويا

لوزيانا جي اتر اولهه شهر شريو پورٽ ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ 8 ٻار مارجي ويا آهن. پرڏيهي خبرارداري مطابق صبح جو 6 وڳي واقعو پيش آيو جڏهن شريو پورٽ پوليس جي آفيسرن کي گهريلو تڪرار جو اطلاع مليو . ان واقعي ۾ ڪل 10 ماڻهن کي گوليون لڳيون ، جنهن ۾ اهي ٻار به شامل هئا

بقايا 36 حد ختم

خريداري جي عمل کي تيز ڪيو وڃي، هارين کي فوري ادائيگي يقيني بڻائي وڃي ۽ صوبائي هدف حاصل ڪرڻ لاءِ فيلڊ جي سطح تي پهچ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي. اجلاس ۾ اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو سيڪريٽري خوراڪ عباس ناٿچ اعليٰ آفيسرن ۽ سنڌ بئنڪ جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا 37 شرڪت

خوانين جي تقريب مرڪزي عيد گاهه ڏيره غازي خان ۾ منعقد ٿي سينيٽ سيڪريٽريٽ مطابق ان موقعي تي سجاده نشين دربار حضرت موسيٰ پاڪ شهيد سيد ابوالحسن گيلاني پاران اجتماعي دعا ڪرائي وئي. هن مرحوم جي درجن جي بلندي ۽ مغفرت جي خاص دعا به ڪئي تقريب ۾ قومي ۽ صوبائي قيادت ۽ معززين جو وڏو انگ شريڪ هو

بقايا 38 ڌرڻو

استعمال سبب ٻه ڄڻا زخمي ٿيا هئا . جهيڙي ۾ ڪهاڙين جا ڌڪ لڳڻ سبب 43 سالا ميان بخش ماڇي حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ زير علاج هو جيڪو گذريل رات فوت ٿي ويو . فوتي ميان بخش جي وارثن پاران جهيڙي ۾ حملو ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف فوتيءَ جو لاش مهراڻ موري لڳ قومي شاهراهه تي رکي قومي شاهراهه بند ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت احتجاج ڪيو ويو.

بقايا 39 احتجاج

ورهين جو ٽينگر گهر جي چابي کڻڻ لاءِ شهر طرف وڃي رهيو هو ته بااثر شهري عقيل قائم خاني پڪڙي مٿس بي رحماڻو تشدد ڪيو جيڪو زخمي ٿي پيو علاج بعد هاڻي طبيعت ڪجهه بهتر ٿي آهي هن چيو ته بااثر شهري عقيل قائم خاني گهر اڳيان بيٺل ٻاڙي جي ٻارڻ گهنٽي وڄائي ته شهري ڏمرجي اتان لنگهندڙ منهنجي ٽينگر کي پڪڙي گهر اندر بند ڪري بدترين تشدد ڪيو تشدد سبب جسم جي مختلف هنڌن تي تشدد جا نشان ظاهر نظر اچي رهيا آهن.

بقايا 40 فوت

9 ورهين جي جيرش کي سندس والده حوالي ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پوليس نگراني هيٺ منتقلي عمل ۾ آندي وئي. ٻنهي ٻارن کي 17 اپريل جي رات لاوارث حالت ۾ [illegible] بيسن مان تحويل ۾ ورتو ويو هو جنهن کان پوءِ پوليس ڪين ايڌي فائونڊيشن حوالي ڪيو هو.

بقايا 41 سسٽم جي شروعات

ڇڏي آهي جنهن ذريعي پاڻي جي ورڇ جي نظام ۾ شفافيت، مؤثريت ۽ ڊيٽا تي ٻڌل انتظامي بهتري آندي ويندي. هي جديد نظام ريئل ٽائيم مانيٽرنگ جي سهولت فراهم ڪندو جنهن ذريعي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي جو درست اندازو ۽ نگراني ممڪن ٿي سگهندي. سنڌ حڪومت جي سهڪار ۽ World Bank جي معاونت سان ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج سروسز امپروومينٽ پراجيڪٽ (KWSSIP) تحت هي منصوبو شروع ڪيو ويو آهي. ان جو مقصد پاڻي جي غير مساوي ورڇ، غير حساب ٿيل پاڻي جي ضايع ٿيڻ ۽ غير مؤثر بلنگ جهڙن ڊگهي عرصي وارن مسئلن جو حل ڪڍڻ آهي. منصوبي تحت تقريباً 100 مانيٽرنگ چيمبرز شهر جي مختلف اهم هنڌن تي قائم ڪيا ويا آهن ته جيئن پاڻي جي وهڪري کي منظم ۽ مانيٽر ڪري سگهجي.

بقايا 42 هدايت

146.77 ملين رپيا ورهايا ويا آهن جڏهن ته 5000 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC) جي غلطين، بينڪ اڪائونٽ (IBAN) جي تفصيلن جي کوٽ ۽ ڊيٽا جي عدم مطابقت سبب نظرثاني ڪئي پئي وڃي. اهي تفصيل ٽرانسپورٽ شعبي لاءِ تيل جي قيمتن ۾ تازي واڌ جي رد عمل ۾ شروع ڪيل ٽارگيٽيڊ فيول سبسڊي تي عملدرآمد جي جائزي دوران سامهون آيا. وڏي وزير اختيارين کي هدايت ڪئي ته رقم جي ادائيگي واري عمل کي تيز ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ ڊيٽا جي درستگي ۽ انفورسمينٽ واري نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، مڪيش ڪمار چاولا، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سيڪريٽري آءِ بي سي آصف اڪرام، سيڪريٽري ناڻي فياض جتوئي، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سيڪريٽري ايڪسائيز سليم راجپوت ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 43 گرفتار

غير قانوني مائيگريشن ۾ ملوث منظم نيٽورڪ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ترجمان ايف آءِ اي موجب انڪوائري نمبر 757/2026 تحت ڪارروائي دوران گرفتار جوابدارن ۾ ارسلان اشفاق، سيد غلام محي الدين حيدر عرف حارث ۽ محمد صادق شامل آهن. جيڪي غير قانوني طور ماڻهن کي ٻاهرين ملڪن موڪلڻ لاءِ جعلي ۽ ٽيمپرڊ ويزا تيار ڪرڻ ۾ ملوث هئا.

بقايا 44 معلوم ڪئي

هجڻ باوجود وزيراعظم طرفان والده جي صحت بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي ڪامران ٽيسوري سندس ٿورا مڃيا ۽ اظهار تشڪر ڪيو.

بقايا 45 شڪ ظاهر

ڊاڪٽرن وٽ پڻ وٺي وڃڻ بعد ڊاڪٽرن ابتدائي طور پوليو هجڻ جو شڪ ظاهر ڪيو آهي. جنهن کانپوءِ خاندان ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي. ٽينگري جي ڀاءُ ۽ ٻين وارثن جو چوڻ آهي ته هنن پهرين ڏينهن کان ئي صحت کاتي ڏيارڪر کي بار بار اطلاع ڏنا آهن پر افسوس جو هن وقت تائين ڪنهن به ذميوار اداري طرفان سنجيده قدم نه کنيو ويو آهي.

بقايا 46 پوليس حوالي

واري ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن نبن چانڊيو ۽ ولي محمد چانڊيو کي فرسٽ سول جج ۽ جوڊيشل مجسٽريٽ نديم علي برڙو جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جڏهن ته پوليس عدالت کان 7 ڏينهن جي ريمانڊ جي استدعا ڪئي پر عدالت جوابدارن کي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ان کان اڳ پوليس کي ڏينهن اڳ جوابدار ولي محمد چانڊيو ۽ قيصر چانڊيو کي عدالت ۾ پيش ڪيو هو.

بقايا 47 زخمي

واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي ڪنڌيارو اسپتال آندو جتان ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 48 عورت فوت

خاصخيلي جي تيز رفتاري سبب سمر نالي باءِ پاس وٽ موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ جي نتيجي ۾ ساڻس گڏ ويٺل عورت مسمات پٺاڻي زال محمد حسن خاصخيلي روڊ تي ڪرڻ سبب شديد زخمي ٿي پئي جنهن ترت ڪوٽ غلام محمد رورل هيلٿ سينٽر پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي عورت جو طبي معائنو ڪرڻ بعد کيس دماغ ۾ زوردار ڌڪ لڳڻ سبب فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي.

PAKISTAN RAILWAYS

Divisional Office, Karachi

OPEN AUCTION OF POULTRY SHEDS. CATTLE FARMS, PARKING, GODOWNS / WAREHOUSE, NEW/ALREADY CONSTRUCTED SHOPS, AGRICULTURE, FIBER STALLS, MARQUEES / MARRIAGE LAWN, RESTAURANT / COFFEE SHOP / TEA HOUSE FOOD STREET PURPOSE OVER KARACHI DIVISION

No.253-KAC/ADV/D.D/P&L/KYC

Dated: 16-04-2026

Pakistan Railway intends to conduct open auction of Poultry Sheds, cattle farms, Parking, Godowns/Warehouse, New/already constructed Shops, Agriculture, Fiber Stalls, Marquees, purpose at various locations over Karachi Division as per following Schedule.

GODOWN / WAREHOUSE:-

S.No	Description	Time Period	Size	Bid Form Fee (Non Refundable)	Bid Security Money	Location / Date and Time of Auction
1	03 nos, Godowns Bridge No. 35 at Baldia Station on KCR	05 Years further extendable for 05 years	Various Sizes	Rs. 20,000/-	Rs. 500,000/- for each Godown / Warehouse (Refundable /Adjustable)	Waiting area, City Railway Station Karachi on 06-05-2026 10:00 Hrs. to 16:00 Hrs
2	02 Nos Godowns near Wazir mension station					
3	09 Nos warehouse Between k.m 33.98 to km 38 UP side Jumma Goth Station					
4	1 Nos Godown near jang press foot over bridge oppt 1.1 Chundrigar Road		1730 sq.yds			
5	1 Nos Godown purpose at Mangopir Railway Station on Karachi circular Railway section		2488.88 sq.yds			
6	11 Nos Godown/ warehouse purpose at Jumma Goth Railway Station on Kiamari-Kotri section		242' x 180' (each plot size)			
7	06 nos. Godowns at Liaqatabad Railway Station		888 Sq. Yards			
8	Plot B, Near L-XingGodown/ No4, Islamabad Phatak, Hyderbad		160' x 143'			AEN/office Hyderabad on 12-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs

NEW SHOPS:

S.No	Description / Location	Time Period	No. of Shops	Size	Bid Form Fee (Non Refundable)	Bid Security Money	Location / Date and Time of Auction
1	New shops at Landhi Station on Karachi	05 Years further extendable for 05 years	15	various sizes	Rs. 10,000/-	Rs. 100,000/-	Waiting area, City Railway Station Karachi on 30-04-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
2	New Shops near Samo Bridge Kalapul		50				
3	Jungshahi Railway Station		12				
4	Near Block No. 165 at Hump Yard Karachi		02				
5	At Dabheji Railway Station		50				
6	Plot C, Near L-Xing No4, Islamabad Phatak, Hyderabad		4 (shops)				AEN/office Hyderabad on 12-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
7	Near Digri Railway Station		20				Waiting room Mirpur Khas Railway Station on 13-05-2026 at 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
8	Near Sehwan Sharif Station		20				Sehwan sharif station on 20-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs

ALREADY CONSTRUCTED SHOPS / GODOWNS:-

S.No	Description of Shops	Time Period	No. of Shops / Godown	Size	Bid Form Fee (Non Refundable)	Bid Security Money	Location / Date and Time of Auction
1	Near Police Line Rest House Hyderabad (PRACS)	05+05 Years	33 (shops) 04 (Godowns)	various sizes various sizes	Rs. 10,000/- for each shop	Rs. 100,000/- for each shop	AEN/office Hyderabad on 12-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
2	Near Zeal Pak Hyderabad on Hyderabad-Badin Road (PRACS)		16 (shops) ft	12 ft x 15 ft			
3	At Tandojam Railway. Station (PRACS)		08 (shops)	12 ft x 15 ft			
4	At Railway Colony Hyderabad		01 (shop)	18 ft x 15 ft			
5	Near Zeal Pak Railway Station		2 (Shops)	Various size			
6	Plot C, Near L-Xing No4, Islamabad Phatak, Hyderbad		4 (shops)	10 ft x 12 ft			
7	Near L-xing No. 37 at KM 66/4-5 Mirpurkhas (PRACS)		14 (shops)	various sizes			Waiting Room Mirpur Khas Railway Station on 13-05-2026 at 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
8	Near Zinda Peer Mazar Karachi Cantt		11 (shops)	various sizes	Rs. 10,000/- for each shop	Rs. 100,000/- for each shop	Waiting area Karachi City Station on 04.05.2026 at 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
9	Near VIP Rest House near Karachi Cantt		01 (Shop)	16 ft x 12 ft			
10	At Adam Road Karachi Cantt (Shop No. 19)		01 (Shop)	various sizes			
11	At Kalapul Karachi Cantt		02 (Shops)	various sizes			
12	At Hump Yard Railway Colony Karachi		01 (Shop)	10 ft x 10 ft			
13	At RG Keamari Railway Colony Karachi		02 (shops)	various sizes			
14	Near peer Bukhari Karachi		10 (Godowns)	10 ft x 10 ft			
15	At Liaqatabad Railway Station		43 Shops	various sizes			

POULTRY SHEDS / CATTLE FARM:-

S. No.	Description	Time Period	Size	Bid Form Fee (Non-Refundable)	Date of Auction/ Place of Auction
01	45 Poultry Sheds/ Cattle farm at Bin Qasim	05 Years further extendable for 05 years	2222 Sq. yard (each)	20,000/-	Waiting area, City Railway Station Karachi on 05-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs

PARKING:-

S.No	Location	Area in Sq. Yards	Category Period of license	Participation Money Refundable	Earnest Money	Place and Date of Auction
1	Licensing of Railway Land for Parking Plot-C at Bridge No. 26 Orangi Station on KCR.	4222.22	'C' 01 Years	300,000	425,000	Waiting area at Karachi CityStation on 05.05.2026 at 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
2	Licensing of Railway Land Plot-A for Car/Motor Cycle Parking at Landhi Railway Station	6000	'C' 01 Years	300,000	425,000	
3	Licensing of Railway Land Plot-B for Car/ Motor Cycle Parking at Landhi Railway Station	5888.88	'C' 01 Years	300,000	425,000	
4	Licensing of Railway Land Plot-C for Car/ Motor Cycle Parking at Landhi Railway Station	5555.55	'C' 01 Years	300,000	425,000	
5	Licensing of Railway Land Plot-D for Car/ Motor Cycle Parking at Landhi Railway Station	4888.88	'C' 01 Years	300,000	425,000	
6	Licensing of Railway Land Plot-E for Car/ Motor Cycle Parking at Landhi Railway Station	4377.77	'C' 01 Years	300,000	425,000	
7	Licensing of Railway land for car/ motor cycle parking near chanesar halt karachi	12852.5	'B' 03 Years	300,000	425,000	
8	Licensing of Railway land for car/ motor cycle parking near PIDC Plot-A	1711.11	'C' 01 Years	300,000	425,000	
9	Licensing of Railway land for car/ motor cycle parking near PIDC Plot-B	3200	'B' 03 Years	300,000	425,000	
10	Licensing of Railway land for car/ motor cycle parking near Hump Yard	6425	'B' 03 Years	300,000	425,000	
11	Plot C, Near L-Xing No4, Islamabad Phatak, Hyderbad	As per approved plan	'C' 01 Years	300,000	425,000	AEN/offic Hyderabad on 12-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs

AGRICULURE:-

S.No	Section	Period	Bid Form Fee (Non Refundable)	Bid Security Money	Date of Auction / Place of Auction
1	LND-KOT	05 Years	Rs 5,000/- for each site	Rs. 50,000/- for each site	Waiting area, City Railway Station Karachi on 06-5-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
2	HDR-TDM, HDR-MPS, HDR-BDX				AEN office hyderabad on 12-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
3	KOT-DADU				AEN office Kotri on 19-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
4	SWN-DDU-SNN				Sehwan sharif station on 20-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
5	MPS-MVI, PHO-JDO-JMO, MPS-NWS, MPS-KRB				Waiting area at Mirpurkhas Railway Station on 13-05-2026 at 10:00 Hrs to 16:00 Hrs

FIBER STALLS:-

S.No	Description	Time Period	Size	Bid Form Fee (Non Refundable)	Bid Security Money	Date of Auction / Place of Auction
1	66 Fiber Stall at Lyari Railway Station	05 Years	Various Sizes	Rs. 5000/- for each site	Rs. 50,000/- for each site	Waiting area, City Railway Station Karachi on 07-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
2	18 nos. L-xing No. 08 Gharibabad Furniture Market on KCR					
3	20 Fiber Stalls at MPS Station Yard on MPS-MVI Sec					Waiting area at Mirpurkhas Railway Station on 13-05-2026 at 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
4	52 Fiber Stalls at Shadipali Station on MPS-JMO Sec					
5	20 Fiber Stalls at MPS Station Yard on MPS-MVI Sec					
6	20 Fiber Stalls at MPS Station Yard on MPS-MVI Sec					
7	12 Fiber Stalls at Dhoronaro Station Yard KM 121.77 on MPS-MVI Sec					
8	10 Fiber Stalls at Digri Station Yard on MPS-JMRO Sec					

MARQUEES / MARRIAGE LAWN:-

S.No	Description	Time Period	Area Sq.Yards	Bid Form Fee (Non Refundable)	Bid Security Money	Location / Date and Time of Auction
1	Plot A near CNG Pump national highway at kotri station yard		4840	Rs. 20,000/-	Rs. 300,000/	AEN office Kotri on 19-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
2	DETHA Station Yard KM 189.40		2000			AEN office Hyderabad on 12-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs
3	Zeal Pak (Closed) Station Hyderabad		2777.77			
4	L-xing No. 8 KM 186/11-12 B/W HDR-DETHA		1277.77			
5	Near Old Goodie Stores Samo Bridge Karachi Cantt		3555.55			Waiting area, City Railway Station Karachi on 07.05.2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs

RESTAURANT / COFFEE SHOP / TEA HOUSE FOOD STREET:-

S. No.	Location	Period	Area Sq.Yards	Bid Security Money	Date of Auction / Place of Auction
1	03 nos. Tea Shop/Restaurant at Dabheji Station	10+05 Years	2966.66	1,000,000/-	Walting area, City Railway Station Karachi on 06-05-2026 10:00 Hrs to 16:00 Hrs

NOTE:-

1. Bid form could be collected from the Deputy Director Property and Land office Pakistan Railway's Karachi during office timing.
2. For terms and condition visit Deputy Director Property and Land Office Pakistan Railway's Karachi in working days during office timing.
3. Bid security money will be refunded to all participants except highest bidder after the auction.
4. All successful bidders required to deposit 10% withholding tax as per rule/policy.
5. Auction timings may be extended by the auction committee as per ground reality and public Interest during duction.
6. Pakistan railways administration reserves the right to accept/ reject any or all offered bid without assigning any reason thereof.

PID K No.3322/25

(Urma Faheem) Dy. Director P&L
for Divisional Superintendent Pakistan Railways, Karachi .Tel #02199213412

ریلوے لائن کو صرف کراسنگ سے احتیاط سے پار کریں

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سفارتڪاري جي ناڪامي ۽ خطي جي غير يقيني صورتحال
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد
امن يا وقفو؟ اسلام آباد، هرمز ۽ طاقت جي وچ ۾ لٽڪيل هڪ دنيا!
صفحو 4

سالگره ۽ طوطي جو فالنامو
مير اعظم علي ٽالپر
صفحو 4

مختيار اڙ
اڄوڪو ڏينهن - 21 اپريل
صفحو 4

سي پي ڊي آءِ طرفان بجيٽ جي شفافيت ۽ عمل درآمد جي احتساب ۾ موجود خلا جي رپورٽ پيش

پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت محدود ۽ غير مساوي آهي، عوام جي شراڪت ڪمزور آهي ۽ احتساب ۾ خلا موجود آهن: رپورٽ

رپورٽ ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته جيتوڻيڪ بجيٽ وقت تي پيش ڪيا ويندا آهن، پر پارلياماني مشاورت ڪمزور آهي، بحث لاءِ محدود ڏينهن آهن

شفافيت جي سطح وڌيڪ گهٽ ٿي ويندي آهي جڏهن عمل درآمد دوران حڪومتون بروقت خرچن ۽ آڊٽ رپورٽن کي شايع ڪرڻ ۾ ناڪام رهن ٿيون

Media Briefing on State of Budget Transparency and Accountability in Pakistan
NED
ڪنڌڪوٽ: پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت محدود ۽ غير مساوي آهي عوام جي شراڪت ڪمزور

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: نظير سومرو) سي پي ڊي آءِ پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت ۽ عمل درآمد جي احتساب ۾ موجود خلا جي رپورٽ پيش ڪئي سينٽر فار پيس اينڊ ڊيولپمينٽ انيشيٽوز (سي پي ڊي آءِ) پنهنجي سليڪن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي (سي اين بي اي) ذريعي پنهنجي "اسٽيٽ آف بجيٽ ٽرانسپيرنسي رپورٽ (2025)" جا نتيجا ميڊيا بريفنگ دوران ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڌ ڪوٽ ۾ تعمير ڊيولپمينٽ آرگنائيزيشن جي طرفان شيئر ڪيا. رپورٽ ۾ مالي سال 2024-25 تي ڌيان ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته موجوده مالي سال اڃا جاري آهي ۽ ان جو مڪمل ڊيٽا سال جي آخر ۾ ئي دستياب ٿيندو. رپورٽ جي نتيجن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت محدود ۽ غير مساوي آهي، عوام جي شراڪت ڪمزور آهي ۽ احتساب ۾ خلا موجود آهن. اهم بجيٽ دستاويز باقاعدگي سان عوام جي سامهون نه آندا ويندا آهن ۽ شهرين کي بجيٽ جي ترجيحن تي اثر انداز ٿيڻ جو تمام گهٽ موقعو ملي ٿو. بريفنگ دوران نذير سومرو غلام اڪبر سهيل اعوان چيو ته رپورٽ ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته جيتوڻيڪ بجيٽ وقت تي پيش ڪيا ويندا آهن، پر پارلياماني مشاورت ڪمزور آهي، بحث لاءِ محدود ڏينهن آهن ۽ مناسب جاچ پڙتال نه ڪئي ويندي آهي. شفافيت جي سطح وڌيڪ گهٽ ٿي ويندي آهي جڏهن عمل درآمد دوران حڪومتون بروقت خرچن ۽ آڊٽ رپورٽن کي شايع ڪرڻ ۾ ناڪام رهن ٿيون جنهن سان موثر نگراني محدود ٿي وڃي ٿي ان ۾ اهو پڻ مليو ته پنجاب نسبتاً بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري ٿو ان کان پوءِ وفاقي حڪومت آهي، جڏهن ته سنڌ، خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان پوئتي آهن. جيتوڻيڪ مجموعي طور تي شفافيت جي سطحون قابل قبول معيار کان گهٽ آهن سي پي ڊي آءِ سي اين بي اي ذريعي حڪومتن کان مطالبو ڪري ٿو ته هو بجيٽ جي معلومات بروقت شيئر ڪن عوامي شراڪت کي موثر بڻائين ۽ مضبوط احتسابي نظام قائم ڪن ته جيئن عوام جو اعتماد ۽ حڪمراني ۾ بهتري اچي سي پي ڊي آءِ پاڪستان مان 101 ضلعن ۾ 64 سول سوسائٽي تنظيمن جي نيٽ ورڪ سي اين بي اي جي پليٽ فارم تان هڪ ڏهاڪي عرصي کان پاڪستان ۾ وفاقي ۽ صوبائي بجيٽ بابت ريسرچ رپورٽون شايع ڪرڻ کان علاوه بجيٽ مشاورتن ۽ مباحثن جي انعقاد ذريعي پاڪستان ۾ بجيٽ کي عوام جي اميدن جو ترجمان بڻائڻ ۽ بجيٽ سازي جي مرحلن کي عالمي معيارسان هم آهنگ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي

خيرپور ۾ سابق ڊي اي او پروفيسر عبدالسميع پنهور جي مان ۾ تقريب

خيرپور(ڊ ر) گسٽا اڳواڻ استاد قادر حسين واڪيو پاران سابق ڊي اي او پروفيسر عبدالسميع پنهور جي مان ۾ هڪ پروقار شاندار تقريب واڪيا هائوس هنگورجا ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ تعلقا ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري سوڀو ديرو لياقت علي لاڙڪ تعلقا ايجوڪيشن آفيسر بختيار چنا پرنسپال ڊگري ڪاليج هنگورجا پروفيسر نورالدين شيخ فوڪل پرسن وقارحطار ٽائون ڪميٽي هنگورجا جي ڪائونسلر استاد امداد سومرو گسٽا اڳواڻ مور سنڌي شاهنواز ڪلهوڙو شرف واڪيو حافظ ملازم چنا طاهر پنهور آفتاب پنهور نياز واڪيو صمد پنهور فتاح ڏاهري سميت معززين استادن شرڪت ڪئي ميزبان استاد قادر حسين پروفيسر عبدالسميع پنهور سميت ٻين مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته سابق ڊي اي او پروفيسر عبدالسميع پنهور جي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو سندس محنت ۽ ڪوشش سان خيرپور جا سوين بند پيل اسڪول کليا اسڪولن تان بااثر ماڻهن جا قبضا ختم ڪرايا سندس تعليمي خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو آخر ۾ مهمانن کي بهترين ماني کارائي وئي جڏهن ته استاد قادر حسين آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا.

عمر ساند ٽائي جي حد ۾ چورين جي وڌندڙ وارداتن خلاف مظاهرو

پوليس جي مبينا غفلت خلاف ڳوٺاڻا روڊن تي نڪري آيا، نعريبازي

منهنجي گهر مان ٻيو ڀيرو چوري، وڏي واردات ٿي آهي پوليس ڪجهه نٿي ڪري: مظاهرين

عثمان شاهه هڙي (ٽ ر) عثمان شاهه هڙي ويجهو عمر ساند ٽائي جي حد ۾ چورين جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي مبينا غفلت خلاف ڳوٺاڻا روڊن تي نڪري آيا. بس اسٽاپ حاجي علو ساهوال وٽ مين ٽنڊوآدم روڊ تي ڪاٺين کي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڳوٺ شهداد بلوچ جي پورهيت مولا بخش بلوچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي گهر مان ٻيو ڀيرو چوري، وڏي واردات ٿي آهي. جنهن ۾ چور سولر پليٽون ۽ بيٽريون ٻهاري ويا آهن متاثر مولابخش بلوچ ٻڌايو ته پنهنجي مدد پاڻ تحت کوجي ڪٽن ذريعي چورن جو پيرو کنيو ويو جيڪو پرواري ڳوٺ جي هڪ گهر ۾ وڃي لڳو ڳوٺاڻن جو الزام آهي ته جوابدارن جا نالا فراهم ڪرڻ ۽ ثبوت هجڻ باوجود عمر ساند پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي. متاثر مولا بخش بلوچ جو چوڻ ۽ هوڏانهن مظاهرين ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪيو آهي ته چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري غريب پورهيت کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

عثمان شاهه هڙي: پوليس جي مبينا غفلت خلاف ڳوٺاڻا روڊن تي نڪري آيا، نعريبازي

ٺٽون دمبالو جي سينئر صحافي راجا آريسر جي گرفتاري خلاف احتجاج

مسوپرڳڙي جي صحافين احتجاج ڪيو، فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو مطالبو

سائين راجا آريسر جيڪو هڪ ذميوار صحافي ۽ سماجي ڪارڪن آهي: قلم ڌڻي

مسوپرڳڙي (ن ع) گذريل ڏينهن ڪنڊو غلام علي ۾ نوجوانن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ سينئر صحافي ۽ ڪنڊو غلام علي ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ راجا آريسر کي سائين سميت پوليس پاران گرفتار ڪرڻ خلاف پريس ڪلب مسوپرڳڙي جي صحافين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي صحافين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته انتهائي افسوسناڪ عمل آهي سائين راجا آريسر جيڪو هڪ ذميوار صحافي ۽ سماجي ڪارڪن آهي ڪنڊو غلام علي ايڪشن ڪميٽي جي پليٽ فارم تان بيروزگاري خلاف پرامن احتجاج ڪري رهيو هو پر ان باوجود کيس گرفتار ڪيو ويو اهو عمل جمهوريت جي نالي تي هڪ وڏو سواليه نشان آهي جتي حق جي آواز اٿارڻ کي ڏوهه بڻايو وڃي ٿو هنن چيو ته جيڪڏهن نوجوانن لاءِ روزگار جو مطالبو ڪرڻ به جرم بڻجي وڃي ته پوءِ اهو ڪهڙي قسم جو نظام آهي هنن چيو ته اسان ايس ايس پي بدين کان پرزور مطالبو ڪريون ٿا ته سينئر صحافي راجا آريسر ۽ ٻين کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي، هنن چيو ته جيڪڏهن صحافي کي آزاد نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو احتجاجي مظاهري ۾ سينئر صحافي غلام قادر وسير ،سينئر صحافي ،عاشق علي ترڪ سينئر صحافي زاهد ملاح سينئر صحافي قلب علي لغاري سينئر صحافي گل محمد وگهيو سينئر صحافي محمد بخش وگهيو سينئر صحافي غلام مصطفيٰ بروهي ،سينئر صحافي نور محمد ترڪ صحافي غلام شبير ڪلهوڙو صحافي شوڪت علي نوناڻي صحافي ذيشان علي ترڪ ،صحافي محبوب خاصخيلي صحافي عمران لغاري ،صحافي امجد رگهيو صحافي محبوب لغاري، صحافي معشوق علي رگهيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

مسوپرڳڙي: صحافين احتجاج ڪيو، فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو مطالبو

گهرو ڪاٽي جو پارلياماني سيڪريٽري يوسي پليجاڻي پهتو

يوسي پليجاڻي جو نوجوان چيئرمين سيٽ تي آيو آهي: مخدوم فخر زمان

مٽياري (ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي پاران يوسي پليجاڻي چيئرمين سيٽ تان بنا مقابلي ڪامياب ٿيندڙ اسدالله غفار ڪوسو کي واڌايون پيش ڪيون ٿا ۽ انهي جي سامهون بيهندڙ اميدوارن کي جس ڏيون ٿا جن پاڪستان پيپلز پارٽي اميدوار ۽ اسان تي اعتماد ڪندي دستبردار ٿيا آهن اهڙن خيالن جو اظهار گهرو ڪاٽي جو پارلياماني سيڪريٽري ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرزمان اڏيرو لال اسٽيشن پهچي يوسي پليجاڻي جي چيئرمين سيٽ تان بنا مقابلي ڪامياب ٿيندڙ اسدالله غفار ڪوسو وٽ پهچي کيس مبارڪون ڏيندي ۽ خيالن جو اظهار ڪيو مخدوم فخر الزمان پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ ٻڌايو ته يوسي پليجاڻي جو نوجوان چيئرمين سيٽ تي آيو آهي جنهن کي پاڪستان پيپلزپارٽي يوسي پليجاڻي جي اڳواڻن کي چيو ته نوجوان چيئرمين کي ساٿ ڏئي پنهنجي علائقي جي عوام جي خدمت ڪيو ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ورڪر ۽ علائقي جي عوام جي خدمت ڪري پنهنجي سر تي آيل ذميوارين کي نڀايو وڃي ته جيئن علائقي واسي ۽ پ پ پ ورڪر کي سهولتون فراهم ٿين ۽ آسانيون پيدا ڪيون وڃن اتي يوسي پليجاڻي جي بنا مقابلي ڪامياب ٿيندڙ چيئرمين اسدالله غفار ڪوسو گهرو ڪاٽي جي پارلياماني سيڪريٽري ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرزمان جن جو والهانه استقبال ڪيو ۽ گلن جي ورکائڻ سان گڏ لونگين جا تحفا پڻ اوڍايا. ٻئي طرف مخدوم فخرزمان اڏيرو لال اسٽيشن جي مختلف ڳوٺن ۾ پهچي سرهندي برادري ڪوسه برادري ساهووال برادري ۽ بلوچ برادري وٽ پهچي انهن جي وارثن جي انتقالن تي تعزيتون پڻ ڪيون ان موقعي تي پ پ اڳواڻ عهديدار ۽ راڄن جا چڱا مڙس پڻ گڏ هئا

مٽياري: يوسي پليجاڻي جو نوجوان چيئرمين سيٽ تي آيو آهي: مخدوم فخر زمان

سنڌ آبادگار اتحاد پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه گهٽ نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

نواب زبير ٽالپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

هن وقت دنيا ۾ ڊيزل جو في بيرل اگهه 90 ڊالر کان به گهٽ آهي افسوس ڊيزل جو في ليٽر 353روپيا 42پيسا پيو ملي: نواب زبير

پاڪستان حڪومت هن وقت تائين 10مهينن دوران پيٽروليم مصنوعات تي 1200ارب کان وڌيڪ ڪمائي چڪي آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ آبادگار اتحاد پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه گهٽ نه ٿيڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون نواب زبير ٽالپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو ته ڊيزل ۽ پيٽرول جي اگهه ۾ لاٿ نه ٿيڻ سبب زراعت کي وڏو نقصان ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته هن وقت دنيا ۾ ڊيزل جو في بيرل اگهه 90 ڊالر کان به گهٽ آهي پاڪستان سرڪار جيڪڏهن 95روپيا في ليٽر خرچ هنيو وڃي ته تڏهن به ڊيزل في ليٽر 250روپين کان وڌيڪ نه ٿو ٿي سگهي پر افسوس ڊيزل جو في ليٽر 353روپيا 42پيسا ۽ پيٽرول في ليٽر366روپيا 58پيسا ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي جڏهن ته ٻهراڙي علائقن ۾ اڃان به ڪجهه روپين جي واڌ ٿي وڃي ٿي جنهن سبب ٻاڻ ٻج ۽ زرعي دوائين سوڌو زرعي مشينري جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن ۽ فصل تي ايندڙ خرچ حد کان به وڌيڪ وڌي ويو آهي.هنن چيو ته پاڪستان حڪومت هن وقت تائين 10مهينن دوران پيٽروليم مصنوعات تي 1200ارب کان وڌيڪ ڪمائي چڪي آهي. هنن سنڌ حڪومت جي دعوائن کي رد ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي خريداري جي 109 سينٽرن ڪجهه کلي سگهيا آهن جڏهن ته اڪثريت ۾ اڃان به سينٽر نه کوليا ويا آهن. جيڪي سينٽر کوليا ويا آهن اُتي عملو ناهي ۽ مختلف جواز ڄاڻائي آبادگارن کي پريشان ڪري سرڪاري سطح تي ڪڻڪ جي خريداري نه پئي ڪئي وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته ڪڻڪ جو في من اگهه 4500 روپيا ۽ ڦٽي جو اگهه 10000هزار في من ڏنو وڃي پاڻي جي هڪڙيڊو ڪوٽ ختم ڪري پوڇڙي جي زمينن تائين پاڻي ڏنو وڃي

مٽياري ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ ۾ اهم اجلاس

امتحاني مرڪز تي چيڪنگ پوائنٽس قائم ڪيا وڃن: ڊي سي

جنهن ۾ شاگرد وٽ موبائل فون استعمال ڪندي پڪڙيو ويندو، ان جو موبائل ضبط ڪيو ويندو

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو ته HSCپارٽ اول ۽ پارٽ ٻيون جي ساليانى امتحانن جي شفاف، منصفاڻي ۽ پرامن انعقاد لاءِ ضلعي انتظاميا مڪمل طور تي تيار آهي ۽ ڪنهن به قسم جي غفلت يا بي ضابطگي برداشت نه ڪئي ويندي. هن هدايت ڪئي ته سڀئي لاڳاپيل ادارا ڳڏيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪن ته جيئن امتحاني عمل کي مڪمل طور تي صاف ۽ ميرٽ تي يقيني بڻائي سگهجي. اهي ڳالهيون هن لطيف هال، ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري ۾ منعقد ٿيل اهم اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيون جيڪو HSCپارٽ اول ۽ پارٽ ٻيون ساليانى امتحان 2026 جي مانيٽرنگ بابت منعقد ڪيو ويو. اجلاس ۾ امتحاني مرڪزن تي سيڪيورٽي، نگراني ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته چيف سيڪريٽري جي هدايتن تي ضلع ۽ تعلقي سطح تي مانيٽرنگ ڪميٽيون قائم ڪيون ويون آهن جيڪي امتحاني مرڪزن جي مسلسل نگراني ڪنديون. هن چيو ته غير لاڳاپيل ماڻهن جي داخلا تي پابندي ۽ نقل جي روڪٿام لاءِ سخت قدم کنيا ويندا. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته هر امتحاني مرڪز تي چيڪنگ پوائنٽس قائم ڪيا وڃن جتي اميدوارن جي سخت جانچ ڪئي وڃي. جنهن ۾ شاگرد وٽ موبائل فون استعمال ڪندي پڪڙيو ويندو ان جو موبائل ضبط ڪيو ويندو ۽ ضابطي موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته عورتن جي امتحاني مرڪزن تي خاص طور تي عورت آفيسرن کي چيڪنگ لاءِ مقرر ڪيو وڃي ته جيئن ضابطن تي مڪمل عملدرآمد ٿي سگهي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته هر امتحاني مرڪز جي مين گيٽ تي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا وڃن ته جيئن نگراني جو عمل وڌيڪ موثر بڻائي سگهجي. هن پوليس کاتي کي هدايت ڪئي ته امتحاني مرڪزن تي فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي، جڏهن ته تعليم کاتي کي پابند بڻايو ويو ته امتحاني عملي جي حاضري ۽ ڪارڪردگي کي يقيني بڻايو وڃي. اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي وئي ته هو پنهنجي پنهنجن علائقن ۾ امتحاني مرڪزن جي نگراني ڪن ۽ پرنسپل سپرنٽنڊنٽس ۽ ٻين لاڳاپيل عملي جي حاضري کي يقيني بڻائين. هن زور ڏنو ته ڪنهن به قسم جي شڪايت تي فوري ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ذميوارن خلاف قانون موجب قدم کنيا ويندا.

مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ ايڇ ايس سي پارٽ ون ۽ ٽو امتحانن جي شفاف انعقاد بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

سروري سرهاڻ تنظيم طرفان اهم مقرري، ميڊم گلبدن جاويد ليڊيز ونگ جي صدر مقرر

ڄامشورو(پ ر) سروري سرهاڻ تنظيم طرفان اهم مقرري، ميڊم گلبدن جاويد ليڊيز ونگ جي صدر مقرر سروري تنظيم جي باني چيئرمين ۽ سروري سرهاڻ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي قيادت هيٺ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائڻ لاءِ اهم قدم کڻندي ميڊم گلبدن جاويد کي ليڊيز ونگ جي صدر مقرر ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي بيان ۾ چيو ته ميڊم گلبدن جاويد هڪ باصلاحيت، متحرڪ ۽ سماجي خدمتن سان وابسته شخصيت آهي جنهن کي عورتن جي ڀلائي ۽ تنظيم جي واڌاري لاءِ ڀرپور صلاحيت حاصل آهي پاڻ اميد ظاهر ڪيائون ته هوءِ پنهنجي ذميوارين کي بهتر نموني نڀائيندي ۽ پوري ملڪ ۾ سروري سرهاڻ تنظيم جي پيغام کي وڌيڪ اثرائتي نموني پهچائيندي مخدوم صاحب وڌيڪ چيو ته عورتون ڪنهن به معاشري جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ انهن کي برابري جا حق تعليم ۽ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سروري سرهاڻ تنظيم هميشه عورتن جي عزت، تحفظ ۽ بااختياري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي. نئين مقرر ٿيل چيف آرگنائيزر ميڊم گلبدن جاويد پنهنجي مقرري تي قيادت جو شڪريو ادا ڪندي عزم ظاهر ڪيو ته هوءِ تنظيم جي منشور کي اڳتي وڌائڻ عورتن جي سماجي بهتري لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي سروري سرهاڻ تنظيم هڪ سماجي ۽ فلاحي تنظيم آهي جيڪا خاص طور تي عورتن جي ڀلائي تعليم صحت ۽ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل آهي تنظيم طرفان مختلف علائقن ۾ عورتن جي حقن بابت آگاهي مهم، مهارتن جي ترقي لاءِ تربيتي پروگرام ۽ ضرورت مند عورتن جي سهائتا لاءِ فلاحي سرگرميون پڻ جاري آهن سروري سرهاڻ تنظيم جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران پڻ هن مقرري کي ڀليڪار ڪندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو آهي

THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT
روزاني عبرت
63

21/04/2026

KARACHI DIPLOMATIC & SOCIAL ROUNDUP PAGE

A graceful reception was hosted at the Pearl Continental Hotel to commemorate the 55th Independence Day of Bangladesh. The event was organized by Bangladesh's Deputy High Commissioner, Saqib Sadaqat, and brought together a distinguished gathering of diplomats, officials, and members of the business community.

The Governor of Sindh, Nihal Hashmi, attended the ceremony as the chief guest. The High Commissioner of Bangladesh to Pakistan, Muhammad Iqbal Hussain, traveled specially from Islamabad to join the celebrations, underscoring the importance of the occasion. Also present were Dean of the Consular Corps and Consul General of Oman, Engr. Abdul Samee Al Khanjari, along with diplomatic representatives from Saudi Arabia, Bahrain, Qatar, Kuwait, Japan, Sri Lanka, Thailand, Malaysia, and Côte d'Ivoire. Among the notable attendees were Honorary Consul General Fazal Karim Dada Bhoy, DG MOFA Irfan Soomro, and prominent figures from the business community including Kaleem Farooqui, Hamza Tabani, Kafeel Ahmed, Farooq Afzal, Chairman PCDMA Saleem Wali, Chairman Medicam Group Khalil Nainitalwala, and COO Khurram Khalil Nainitalwala, along with other distinguished guests.In his remarks, Deputy High Commissioner Saqib Sadaqat highlighted the enduring friendship between Bangladesh and Pakistan and emphasized the importance of strengthening bilateral ties through cultural exchange and economic collaboration. He noted that such gatherings serve as a bridge between communities, fostering mutual understanding and goodwill. He also expressed gratitude to the attendees for joining the celebration and making the evening memorable. A highlight of the evening was the dinner, which featured traditional Bangladeshi delicacies. Guests particularly enjoyed the famous sweets Kacha Golla and Mishti Doi, which were widely appreciated and added an authentic cultural touch to the celebration.

BANGLADESH



The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 21 اپريل 2026ع

سفارتڪاري جي ناڪامي ۽ خطي جي غير يقيني صورتحال

وچ اوڀر جي سياست هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ اهڙي نازڪ موڙ تي بيٺل آهي، جتي هر بيان، هر قدم ۽ هر حڪمت عملي خطي جي امن يا بحران جي رخ کي طئي ڪري سگهي ٿي. ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ نہ رڳو ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي متاثر ڪري رهي آهي، پر ان جا اثر پوري علائقي ۽ عالمي امن تي بہ پئجي رهيا آهن. ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي جو اهو بيان تہ هن وقت آمريڪا سان ڪنهن بہ نئين ڳالهين جو ڪو منصوبو ناهي، ان ڳالهہ جي واضح نشاندهي ڪري ٿو تہ سفارتي دروازا تقريبن بند ٿي چڪا آهن. ايران جو موقف اهو آهي تہ آمريڪا سفارتڪاريءَ ۾ سنجيده ناهي ۽ جنگ بنديءَ جي ڀڃڪڙي ان جو واضح ثبوت آهي. جڏهن هڪ ڌر ٻي ڌر تي اعتبار وڃائي ويهي، تڏهن ڳالهين جو ميز صرف رسمي رهجي وڃي ٿو. ايران طرفان پاڪستان کي ٽياڪڙ طور صورتحال بابت آگاهہ ڪرڻ ان ڳالهہ جو اشارو آهي تہ خطي جا ملڪ اڃا بہ امن لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ چاهين ٿا، پر وڏين طاقتن جي ضد ۽ بي اعتمادي انهن ڪوششن کي ڪمزور بڻائي رهي آهي. ٻئي پاسي، ايران جي سفير رضا اميري مقدم جو بيان بہ اهميت جوڳو آهي، جنهن ۾ هن واضح ڪيو تہ ايران کي ڌمڪين يا دٻاءُ ذريعي پنهنجا اصول ڇڏڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي. هن بين الاقوامي قانونن جي ڀڃڪڙي ۽ سامونڊي ناڪابنديءَ کي سخت لفظن ۾ رد ڪيو. اها حقيقت بہ نظرانداز نٿي ڪري سگهجي تہ جڏهن ڪنهن ملڪ تي اقتصادي يا فوجي دٻاءُ وڌو وڃي تہ ان جو ردعمل بہ سخت ٿيندو آهي، جيڪو آخرڪار تڪرار کي وڌيڪ وڌائي ٿو.

آمريڪا پاران هڪ ايراني جهاز کي قبضي ۾ وٺڻ جي دعويٰ ۽ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو بيان تہ اهو قدم آبنائي هرمز ۾ ناڪابنديءَ جي ڀڃڪڙي روڪڻ لاءِ کنيو ويو، صورتحال کي وڌيڪ گنڀير بڻائي ٿو. سياسي مبصرن جو خيال آهي تہ ايران جو جوهري پروگرام، سامونڊي ناڪابندي ۽ علائقائي تڪرار، سڀ گڏجي ڳالهين جي عمل کي انتهائي پيچيده بڻائي رهيا آهن. جڏهن اعتماد جو فقدان هجي ۽ هر ڌر ٻي ڌر کي پنهنجي خلاف سازش ڪندي ڏسي، تڏهن سفارتڪاريءَ جي ڪاميابي جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا. اهڙي ماحول ۾ ننڍيون غلطيون بہ وڏي بحران جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. هتي هڪ اهم سوال اهو بہ پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا عالمي برادري هن وڌندڙ تڪرار کي روڪڻ لاءِ ڪو مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟ تاريخ شاهد آهي تہ جڏهن بہ وڏيون طاقتون سڌي ٽڪراءَ جي ويجهو پهتيون آهن، تڏهن ٽئين ڌر جي مداخلت ئي صورتحال کي سنڀاليو آهي. پاڪستان، چين ۽ ٻين علائقائي ملڪن وٽ اڃا بہ اهو موقعو آهي تہ هو سفارتي چينلن کي ٻيهر فعال بڻائڻ ۽ ٻنهي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي واپس آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪن. ان کان علاوه، ميڊيا ۽ عوامي بيانن جو ڪردار بہ اهم آهي. جيڪڏهن ٻنهي طرفن کان سخت ۽ اشتعال انگيز بيان جاري رهندا تہ عوامي سطح تي بہ نفرت ۽ بي اعتمادي وڌندي، جيڪا حڪومتن لاءِ لچڪ ڏيکارڻ کي وڌيڪ مشڪل بڻائيندي. تنهن ڪري ذميوار بيان بازي ۽ محتاط پاليسي وقت جي اهم ضرورت آهي.

جيڪڏهن موجوده ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي نہ آئي تہ نہ رڳو ڳالهين جي بحالي مشڪل ٿيندي، پر خطي ۾ هڪ وڏي تڪرار جو خطرو بہ وڌي سگهي ٿو. اهڙي ڪنهن بہ صورتحال جا اثر صرف ايران ۽ آمريڪا تائين محدود نہ رهندا پر سڄي دنيا ان کان متاثر ٿيندي. خاص طور تي ترقي پذير ملڪ، جيڪي اڳ ئي معاشي دٻاءَ هيٺ آهن، وڌيڪ بحرانن کي برداشت ڪرڻ جي سگهہ نٿا رکن. اسين سمجهون ٿا ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ موجوده صورتحال سفارتڪاري جي ناڪامي جو عڪس آهي، جتي ضد، طاقت جو استعمال ۽ بي اعتمادي ڳالهين جي جڳهہ والاري ويٺا آهن. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين سنجيدگيءَ سان امن کي ترجيح نہ ڏني تہ ايندڙ ڏينهن وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. دنيا کي هاڻي تڪرار نہ پر حل جي ضرورت آهي.

ضلعي حيدرآباد ۾ سياسي تماشو عروج تي پهتل!


عبدالمجيد مغيري

سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ سان سياسي مقابلو ڪرڻ لاءِ بزرگ هستي حُرن جي روحاني پيشوا پير سائين پاڳاري جي سربراهيءَ ۾ سڀئي مخالف سياسي پارٽيون جي ڊي اي، جي پليٽ فارم تي هڪ ڀيرو ٻيهر گڏجي سياسي ميدان ۾ اچڻ لاءِ وڏيون تياريون ٿي رهيون آهن.

سياسي هوائن جو رُخ اڃا ماٺ ميٺ ۾ هڪ هنڌ تي بيٺل آهي، ڦريو بہ ناهي، ڦرڻ جا آثار ڏسڻ ۾ بہ نٿا اچن. تنهن هوندي بہ وقت کان اڳ پير سائين پاڳاري جي سربراهيءَ ۾ وڏيون تياريون ٿي رهيو آهن. پير سائين پاڳارو صاحب هن ڀيري ٿيندڙ سياسي سرگرمين ۾ پاڻ وڏي دلچسپي وٺي رهيا آهن ۽ ٻئي پاسي تاريخ جو وڏو الميو ٿي رهيو آهي، پيپلز پارٽي پاڻ سان ئي وڙهي رهي آهي. اڳواڻن کي عهدن مٿان عهدا ۽ ٻہ ٻہ تي وزارتن جا قلم هٿن ۾ جيئن وٺين تيئن وينا قائلن، پنن مٿان ڦيرائن. ان جي باوجود بہ اڃا وڌيڪ عهدا حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهي، شهيدن جي پارٽيءَ جا بکيا اُڌيڙي، پاڙون پٽي رهيا آهن. تقريبن سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ عهدن ڪاڻ اندروني رنجشن ۾ پارٽي اڳواڻ هڪٻئي خلاف تپي باهہ ٿيل ضرور آهن پر ضلع ڄامشورو ۽ حيدرآباد جيئن اڃان سرعام تماشا شروع نہ ٿيا آهن. ضلعي ڄامشوري کان پوءِ ضلع حيدرآباد سياسي تماشو بڻجي ويو. مزي جي ڳالهہ پيپلز پارٽيءَ وارا، پنهنجي ئي پارٽي وارن سان سياسي ويڙهہ وڙهي رهيا آهن ۽ مخالف ڌريون تماشو ڏسي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي تاڙيون وڄائي خوب انجواءِ ڪري رهيا آهن. جهيڙو جهيڙيندڙ ڌر تہ، ڌن دولت جي زور تي، ميڊيائي مجاهدن جو لشڪر سوشل ميڊيا جي محاذ تي لاهي ڇڏيو. جيڪي حيدرآباد تي پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو ڦڙڪائي رکندڙ ۽ حيدرآباد جي وارثي ڪندڙ پيپلز پارٽي اڳواڻن خلاف طرح طرح جون اٽڪلون، من گهڙت ڪوڙيون ڳالهيون ڦهلائي لکين جيالن جون دليون آزاري رهيا آهن جون ٿا تہ ايندڙ وقت ۾ حيدرآباد جي ميئر جو عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ وقت کان اڳ ۾ پيپلز پارٽي ميئر حيدرآباد ڪاشف خان شورو خلاف مجاهدن جنگ شروع ڪري پنهنجي سياسي طاقت جي نمائش ڪري رهيا آهن. پيپلز پارٽي جي سياسي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ائين ٿي رهيو آهي جو عهدي ڪاڻ پيپلز پارٽي نام جا اڳواڻ، پيپلز پارٽيءَ وارن سان سرعام وڙهي رهيا آهن. دنيا وارا تماشو ڏسي رهيا آهي، ۽ عظيم شهيد رهنمائن جي عوامي پارٽي خدا جي مخلوق اڳيان رُسوا ٿي رهي آهي!

افسوس! الاءِ تہ ڪهڙو لوڀ جو واءُ وريو آهي!؟ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي!؟ عظيم شهيد رهنمائن جي پارٽيءَ سان ڪهڙي ويڌن ٿئي پئي!! ڏنل قربانين کي جڻ ڪو ڪارو نانگ سُرائي رهيو آهي!! پارٽيءَ ۾ جڙيل مضبوط سياسي اُصول ۽ آدرشن جو جنازو ڪڍيو پيو وڃي!! جيءَ کي جهورينڌڙ لقاءُ ڏسي شهيدن جي پارٽيءَ سان بي پناهہ محبت ڪندڙ نظرياتي جيالن، سنڌ جي عوام جون اکيون رت روئڻ تي مجبور ٿي پيون آهن!

تاريخ شاهد آهي، وقت جا ڪئين قهري طوفان آيا، پيپلز پارٽي جمي بيهي مقابلو ڪيو. پارٽيءَ جا تنظيمي معاملا ۽ عهدن جي ورهاست، پارٽي قيادت حل ڪندي رهي، ڪنهن کي اهڙي اجازت نہ هوندي هئي، جيئن اڄڪلهہ ڏسون پيا تہ تنظيمي معاملن کي پارٽيءَ جي صلاح مشوري ڪرڻ سواءِ پاڻ ليڊر بڻجي فيصلا ڪري هوڪا ڏيندا وتن. اهڙا عمل پيپلز پارٽيءَ کي زوال طرف کڻي وڃي رهيا آهن!

هر دؤر ۾ پيپلز پارٽي پنهنجي سياسي ڏاهپ، ڏانءَ سان، حڪمت عملين سان، مسلسل جدوجهد جي سفر ۾ ڪاهيندي اڳتي وڌندي، مخالفن کي شڪستن مٿان شڪستون ڏيئي سڀني پارٽين کي تماشو بڻائيندي رهي ۽ اڄ شهيدن جي پارٽي دنيا وارن اڳيان تماشو بڻجي ويئي!؟

سنڌ جي عوام ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وارثيءَ جو حق پنهنجي اصلي وارثن کي ملندو، شهرن مٿان پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا ڦڙڪندا ۽ خوشيءَ مان سنڌ جي دل ڌڙڪندي، اڄ پيپلز پارٽيءَ جا جهنڊا ڦڙڪي رهيا آهن سنڌ مُرڪي پئي اهڙو عمل ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. حيدرآباد کي فتح ڪرڻ لاءِ سياسي سگهہ رکندڙ نظرياتي جيالن جي محنتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. تاريخي شهر حيدرآباد، جنهن کي سنڌ جي دل سڏيو وڃي ٿو، ڪيترن سالن کان لساني گروهي سياست جي بلاهہ ۾ سڙندو رهيو ۽ جيئڻ لاءِ جتن ڪندو رهيو. گروهي سياست ۾ قيد ٿي ويل حيدرآباد، پنهنجي آزاديءَ لاءِ ڪنهن مسيحا لاءِ واجهائيندو رهيو، حيدرآباد واسين کان کسيل مُرڪون موٽائي ڏيڻ لاءِ پيپلز پارٽيءَ جي نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان مليل خاص هدايتون ساڻ کڻي، ڄام خان شورو حيدرآباد آيو ۽ حيدرآباد کي گروهي سياست کان آزادي ڏياري، پنهنجي محبوب چيئرمين سان ڪيل وچن پاري ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ڄام خان شورو عوام جون دليون کٽڻ چاهي ٿو. گذريل عام چونڊن ۾ حيدرآباد شهر جي اردو ۽ پشتو ٻولي ڳالهائيندڙ هزارين رهواسين کي پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو. نيٺ حيدرآباد فتح ڪري پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو ڦڙڪايو، پارٽيءَ جي مرڪزي قيادت جي صلاح مشوري کان پوءِ ڪاشف خان شورو ميئر حيدرآباد ٿيو. جنهن حيدرآباد شهر ۾ وڏا ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. ترقياتي ڪم تيزيءَ سان ٿي رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو پيپلز پارٽي مخالف ايم ڪيو ايم، جماعت اسلامي، تحريڪ انصاف وارن ڪڏهن بہ ميئر حيدرآباد خلاف

آمريڪا جي فضائن مان

امن يا وقفو؟ اسلام آباد، هرمز ۽ طاقت جي وچ ۾ لٽڪيل هڪ دنيا!

راجا زاهد اختر خانزاده

هيءَ اها گهڙي آهي، جڏهن خبرون صرف اطلاع نہ رهيون پر اهي پاڻ هڪ ڪهاڻي بڻجي ويون آهن. هن وقت جڏهن مان هيءُ ڪالم لکي رهيو آهيان، آمريڪا ۾ آچر جي رات جا ٻارهين ٿي رهيا هئا، جڏهن تہ پاڪستان ۾ سومر جي صبح جا 9 ٿي رهيا هئا. گذريل ڪيترن ئي ڪلاڪن کان مان آمريڪا جي مختلف ميڊيا ذريعن، صدر ٽرمپ جي ٽروٿ سوشل تي بيانن، سفارتي اشارن ۽ ميدان ۾ ٿيندڙ سرگرمين کي گڏ ڪري هڪ تصوير ناهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان پر جيترو وڌيڪ ڏسان ٿو اوترو وڌيڪ واضح ٿيندو پيو وڃي تہ دنيا هن وقت ڪنهن سڌي ليڪ تي نہ پئي هلي پر هڪ اهڙي دائري ۾ گهمي رهي آهي، جتي هر قدم کڻڻ سان طرف بہ بدلجي وڃي ٿو. ڪجهہ ڏينهن اڳ تائين اهو تاثر ڏنو پئي ويو تہ آمريڪا ۽ ايران ڪنهن نہ ڪنهن معاهدي جي ويجهو پهچي رهيا آهن تہ سفارتڪاري پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي ۽ اسلام آباد هن عمل ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪرڻ وڃي رهيو آهي هاڻي صورتحال ان جي ابتڙ هڪ اهڙي پيچيدگيءَ ۾ داخل ٿي وئي آهي، جتي يقين ۽ شڪ گڏوگڏ موجود آهن ۽ انهن مان ڪوبہ مڪمل طور غالب نہ آهي.

صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا بيان هن سموري ڪهاڻيءَ جو سڀ کان غير متوقع ۽ شايد سڀ کان وڌيڪ فيصلو ڪندڙ پهلو بڻجي چڪا آهن. هو هڪ لمحي چوي ٿو تہ معاهدو هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ ٿي سگهي ٿو تہ انهن جا نمائندا اسلام آباد وڃي رهيا آهن ۽ اميد آهي تہ ايران پيشڪش قبول ڪري وٺندو ۽ ايندڙ ئي لمحي ساڳئي ساهہ ۾ هو ڌمڪي بہ ڏئي ٿو تہ جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ نتيجا تباهہ ڪندڙ هوندا. پر اصل ڪهاڻي انهن لفظن جي پٺيان لڪل آهي. سامونڊي ناڪا بندي برقرار آهي، آبناءِ هرمز تي ڇڪتاڻ گهٽجڻ بدران وڌي رهي آهي ۽ موجوده حالتن موجب صدر ٽرمپ چيو آهي تہ آمريڪي فوج نار جي ملڪن ۾ آمريڪي سامونڊي ناڪا بندي جي ڀڃڪڙيءَ تي ايران جي جهنڊي واري ڪارگو جهاز جي انجڻ روم کي نقصان پهچائي ان کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو آهي ٻئي طرف ايران هن آمريڪي ڪارروائي کي "هٿياربند سامونڊي ڦر" ۽ "جنگبنديءَ جي ڀڃڪڙي" قرار ڏيندي جلد جواب ڏيڻ جو اشارو ڏنو آهي. هڪ طرف ڳالهين جو عمل، ٻئي طرف ٻنهي پاسن کان طاقت جو مظاهرو جاري آهي. اهو تضاد رڳو اتفاق ناهي پر هڪ اهڙي حڪمت عمليءَ جو حصو لڳي ٿو جنهن ۾ سفارتڪاري ۽ دٻاءُ کي گڏ استعمال ڪيو پيو وڃي تہ جيئن مخالف ڌر کي غير يقيني حالت ۾ رکيو وڃي. اسلام آباد هن وقت هن سموري ڪهاڻيءَ جو مرڪزي اسٽيج بڻجي چڪو آهي پر هن اسٽيج جي اصل اهميت ان ۾ ٿيندڙ ڳالهين کان وڌيڪ ان جي چوڌاري پيدا ٿيندڙ تاثر ۾ آهي. پاڪستان ۾ غير معمولي سيڪيورٽي انتظام، اسلام آباد کي بند ڪرڻ ۽ سفارتي سرگرمين ۾ واڌ ان ڳالهہ جو اشارو آهي تہ ڪجهہ اهم ٿيڻ وارو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ دنيا کي اهو باور ڪرايو پيو وڃي تہ ڪجهہ وڏو ٿيڻ وارو آهي. آمريڪا چيو تہ ان جا نمائندا ايندا، پوءِ چيو ويو تہ نائب صدر جي ڊي وينس نہ ايندو پر جيرڊ ڪشنرءُ اسٽيو وٽڪوف ايندو ۽ پوءِ وري چيو ويو تہ وينس بہ اچي سگهي ٿو. هيءَ اها گهڙي آهي، جتي سنجيدگي ۽ علامت جي وچ ۾ فرق ڌنڌلو ٿيڻ لڳي ٿو ۽ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا اهو واقعي هڪ فيصلائتو ڳالهيني مرحلو آهي يا رڳو هڪ سياسي منظر آهي، جتي هر ڌر پنهنجي پوزيشن بهتر ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

ايران اندر هن وقت ٻہ مؤقف گڏ هلي رهيا آهن ۽ اهي ٻئي ئي ٻہ مؤقف انهيءَ بحران جي اصل رُخ جو تعين ڪندا هڪ تہ جيڪو چوي ٿو تہ هيءُ سڀ هڪ حڪمت عملي آهي تہ آمريڪا ڳالهين جي نالي تي وقت حاصل ڪري رهيو آهي، پنهنجي فوجي پوزيشن مضبوط ڪري رهيو آهي ۽ اسرائيل کي وڌيڪ تياريءَ جو موقعو ڏئي رهيو آهي. ٻيو مؤقف هيءُ آهي تہ سفارتڪاريءَ کي مڪمل طور رد نٿو ڪري سگهجي تہ جيڪڏهن ڪو رستو نڪري سگهي ٿو تہ ان کي آزمايو وڃي پر هن ڀيري بغير ضمانت جي نہ. انهيءَ ڪري ايران واضح شرط رکي آهي تہ پهريان آمريڪا سامونڊي ناڪابندي ختم ڪري پوءِ ڳالهين کي اڳتي وڌايو وڃي ان کان سواءِ ڪنهن بہ ڳالهين کي صرف دٻاءُ هيٺ ٿيندڙ عمل سمجهيو وڃي ۽ اهوئي اهو نقطو آهي، جتي اعتماد جو بحران سڀ کان وڌيڪ واضح ٿي وڃي ٿو. ايران جي نظرئي کان ڏٺو وڃي تہ اهو صرف هڪ ٻيو ڳالهين جو مرحلو ناهي پر هڪ آزمائش آهي، هڪ امتحان تہ ڇا هن ڀيري بہ ساڳيو ڪجهہ ٿيندو جيڪو اڳ ٿي چڪو آهي، جڏهن هڪ طرف ڳالهين جي ڳالهہ هجي ۽ ٻي طرف ناڪابندي جاري هجي ۽ ساڳئي وقت ايراني ڪارگو جهاز تي قبضو بہ ڪيو وڃي تہ سوال صرف نيت جو نہ رهندو پر ساک جو بڻجي ويندو. تهران ۾ هن وقت اهوئي سوال گونجي رهيو آهي تہ ڇا اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ممڪن ملاقات واقعي سنجيده قدم آهي يا صرف هڪ اهڙو مرحلو آهي، جتي دنيا کي ڏيکاريو ويندو تہ ڪوشش ڪئي وئي پر ناڪامي ٻي ڌر جي هئي.

ان سموري عمل ۾ پاڪستان اهڙي هنڌ تي بيٺل آهي، جتي هر قدم انتهائي احتياط جو مطالبو ڪري ٿو. هڪ طرف اهو پاڻ کي هڪ ذميوار سفارتي پل طور پيش ڪري رهيو آهي تہ ٻئي طرف ان کي اهو بہ ڏسڻو آهي تہ هو ڪنهن اهڙي عمل جو حصو نہ بڻجي وڃي، جيڪو رڳو علامتي هجي. جيڪڏهن ايران کي قائل ڪيو وڃي تہ هو ڳالهين ۾ اچي ۽ پوءِ بہ ڪا اڳڀرائي نہ ٿئي تہ ان جو اثر نہ رڳو هن عمل تي پر پاڪستان جي سفارتي ساک تي بہ پئجي سگهي ٿو.

هتي هڪ ٻيو زاويو بہ آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ۽ اهو آهي طاقت جي زبان. اها زبان جيڪا بيانن جي شور ۾ اڪثر ٻڌڻ ۾ نٿي اچي پر فيصلا انهيءَ بنياد تي ٿين ٿا. علمي سطح تي ان بحران کي ڏسندڙ وڏا تجزيا نگار هن وقت انهيءَ زبان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جان مرشائمر جي مطابق ايران کي ڪمزور ڌر سمجهڻ بنيادي طور تي هڪ وڏي غلطي آهي، ڇو تہ آبناءِ هرمز ان جي هٿ ۾ اهڙو (leverage) آهي جيڪو عالمي معيشت کي متاثر ڪري سگهي ٿو. جيفري سڪس هن صورتحال کي عالمي معاشي بحران جي تناظر ۾ ڏسي رهيو آهي، جڏهن تہ ڊگلس ميڪگريگر جي نظر ۾ آمريڪا جي الجهڻ سان چين ۽ روس کي فائدو ٿي رهيو آهي ۽ اسڪاٽ رٽر جي مطابق جيڪڏهن ڇڪتاڻ وڌي ٿي تہ اها هڪ ڊگهي ۽ مهانگي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ ڪنهن کي بہ فوري فتح نہ ملندي. اهي سڀ رايا مختلف هجڻ باوجود هڪ بنيادي حقيقت ڏانهن اشارو ڪن ٿا ۽ اها آهي تہ اهو تڪرار ڪنهن فوري حل ڏانهن ناهي وڃي رهيو پر هڪ اهڙي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جتي هر ڌر وقت خريد ڪري رهي آهي. پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري رهي آهي ۽ اصل فيصلو ڪنهن هڪ ملاقات يا اعلان سان نہ پر ايندڙ ڏينهن جي مسلسل دٻاءُ ۽ ردعمل سان ٿيندو. هن وقت جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو صرف ڳالهيون ناهن پر ڪيترن ئي سطحن تي هلندڙ هڪ راند آهي. بيان، طاقت، معيشت ۽ خاموش حڪمت عملي سڀ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن.

اهوئي پسمنظر آهي، جنهن ۾ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ممڪن ملاقات کي سمجهڻ ضروري ٿي وڃي ٿو. ڇو تہ جيڪڏهن اها ملاقات ٿئي ٿي تہ اهو صرف هڪ سفارتي ايونٽ نہ هوندو پر اهو اشارو هوندو تہ دنيا اڃا تائين هن بحران کي ڳالهين ذريعي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. جيڪڏهن ايران شامل ٿئي ٿو تہ اهو هڪ موقعو هوندو پر جيڪڏهن هو پوئتي هٽي وڃي ٿو تہ اهو ان ڳالهہ جو اشارو هوندو تہ اعتماد جي ليڪ پار ٿي چڪي آهي، جتان واپسي آسان ناهي رهندي. جيڪڏهن آمريڪا لچڪ ڏيکاري ٿو تہ رستو نڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن طاقت جي زبان غالب رهي ٿي تہ ڇڪتاڻ هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي سگهي ٿي. شايد انهيءَ سڄي ڪهاڻيءَ جو سڀ کان اهم ۽ سڀ کان ڏکيو سوال اهو ئي آهي تہ ڇا اهو واقعي امن ڏانهن سفر آهي يا صرف هڪ وقفو، هڪ ساهہ، جنهن کان پوءِ راند ٻيهر ساڳئي شدت سان شروع ٿيندي، ڇو تہ تاريخ اسان کي اهوئي سيکاري ٿي تہ امن جا سڀ کان وڏا اعلان اڪثر اتي ڪيا ويندا آهن، جتي جنگ اڃا ختم نہ ٿيندي آهي، اهو صرف پنهنجي ايندڙ صورت اختيار ڪري رهي هوندي آهي.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

توانائي بحران ۽ سمارٽ لاڪ ڊائون:
عوام کي سُڪ ڪڏهن پلئہ پوندو؟

اسان جي حڪمرانن جو اهڙو حال ٿي ويو آهي جو اهي صرف پنهنجي لاءِ جيئڻ جا جتن پيا ڪن ۽ عوام جي تڪليفن، ڏکن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جو حڪومت وٽ گذريل 70 ورهين کان ڪو حل نہ نڪري سگهيو آهي ملڪ ۾ جيڪو عوامي مسئلو بحران جي ور چڙهيو آهي اهو ڪڏهن بہ حل نہ ڪيو ويو آهي منهنجي ذهن ۾ ان ڪري تہ ان مان سک صرف مسڪين ماڻهن کي پلئہ پوندو آهي. حڪمرانن جي سهولتن سکن ۽ عياشين ۾ تہ ڪا ڪمي اچڻي ڪانهي، پلي ملڪ جا حال هيٺا ٿي وڃن ٻوڏون اچن زلزلا اچن جنگيون لڳن بيماريون پيدا ٿي وڃن ۽ ملڪي خزانو خالي ٿي وڃي اهڙين حالتن ۾ ڪنهن منسٽر ۽ ڪامورن ۽ سياسي نمائندن جي گاڏين جي اي سي بند ٿي آهي تہ وري آفيس يا گهر جي ڪڏهن بہ تہ جيڪڏهن بجلي بحران ۾ شدت اچي ٿي، لاڪ ڊائون ٿئي ٿو تہ سرڪاري خرچ تي انهن وٽ وڏا وڏا هيوي جنريٽر بہ موجود هجن ٿا تہ پوءِ اندازو لڳايو تہ اهڙين سهولتن هيٺ عياشيءَ ۾ رات ڏينهن گذاريندڙ هڪ سرڪاري ڪاموري يا ايم اين اي ۽ ايم پي اي سميت ٻين اعليٰ عهديدارن کي ڪهڙو قياس ايندو؟ عوام مٿان عام پهاڪي جيان 'چمڙيءَ کي ڪهڙي خبر تہ سج اڀرندو ۽ لهندو بہ آهي" سو حڪمرانن کي ڪهڙي خبر تہ ملڪ ۾ غريب مهانگائي ۽ مسئلن کي منهن ڏين پيا. گذريل ستر سالن کان ڪهڙي حڪمران جو تلو ڪٽجي جنهن جي وڃڻ ڪانپوءِ عوام ڪيس دعائون ڏنيون هجن سواءِ بدعائن جي مطلب تہ انهن کي ڪوبہ احساس دل ۾ ناهي هوندو هن وقت توانائي بحران جي نمري هيٺ لاڪ ڊائون جو جيڪو فيصلو ڪيو ويو آهي توهان ڏسي رهيا هوندؤ تہ لاڪ ڊائون صرف مسڪين ۽ پنهنجي ٻچن جي پيٽ لاءِ روزي ڪندڙ روزگار وارن ماڻهن لاءِ ڪيو پيو وڃي مطلب تہ رات جي وقت وڏن وڏن هوٽلن ڪاروباري هنڌن تي هڪ مسڪين ئي ڪمائي رهيو هوندو آهي پر ڪنهن ڪاموري يا سياسي ماڻهوءَ جو گهرياتي تہ جيڪڏهن ڪاروبار کي بند ڪرڻ جو فيصلو ٿيو آهي تہ صرف مسڪينن لاءِ سياسي ماڻهن يا سرڪاري ڪامورن لاءِ ڪوبہ لاڪ ڊائون ناهي ٿيو ڏٺو وڃي تہ هڪ ايم اين اي ايم پي اي سينيٽر، سيڪريٽري، ڊي سي ايس ايس پيز جو ساڳيو ئي پروٽوڪول آهي وڏين وڏين گاڏين جو قطارون نظر اچي رهيون آهن ڇا انهن هيوي شاهاڻين گاڏين جو تيل انهن ساڻ گڏ هيٺئين عملي جو خرچ کاڌ خوراڪ ان پروٽوڪول جو آفيسر پنهنجي ذاتي خرچ مان پريندو هوندو؟ اندازو لڳايو تہ ڇا سمارٽ لاڪ ڊائون مان ڪنهن مسڪين کي فائدو پهچايو پيو وڃي يا حڪومت پنهنجي عياشين لاءِ وڌيڪ خرچ ڪيئي رهي آهي جڏهن بہ وچ ايشيا ۾ ڪوبہ بحران پيدا ٿيندو آهي تہ ان ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر پاڪستان ٿيندو رهيو آهي جنهن جو اهم سبب اهوئي آهي جو حڪمرانن گذريل ستر ورهين کان حب الوطنيءَ واري نعري هيٺ ملڪي ناڻو لٽيو آهي ايران آمريڪا جنگ ڪانپوءِ تيل جي بحران ڪانپوءِ ملڪ ۾ وري توانائي يعني بجلي بحران ڪر کنيو آهي. آهستي آهستي جيئن شديد گرمي شروع ٿي رهي آهي هڪ سازش تحت بجلي بحران جي معاملي کي اٿاريو پيو وڃي منهنجي ذهن ۾ هيءَ بہ هڪ ڪهڙي سازش ٿي آهي عوام جي جان، مال، ڪڍڻ، يعني پيسو ٽيڪس لڳايو ويندو يا بلن ۾ اضافو ڪيو ويندو عوام لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري پنهنجي شاهاڻين خرچن کي وڌائي غريب عوام مٿان سمارٽ لاڪ ڊائون مسلط ڪرڻ وارو فيصلو عوام دشمن آهي ملڪ سان سچائيءَ لاءِ حڪمرانن کي پنهنجا پروٽوڪول گهٽائڻا آهن، پوءِ سمجهي سگهبو تہ واقعي اسان جا حڪمران پاڻ لاءِ نہ پر عوام لاءِ جيئڻ کي ترجيح ڏين پيا.

محمد اسماعيل لانگاهہ

سالگرهہ ۽ طوطي جو فالنامو

مير اعظم علي ٽالپر

اڄ کان ٽي ڏينهن اڳ 18 اپريل جي تاريخ هئي ۽ اها 18 اپريل 1954ع ۾ بہ آئي هئي جڏهن آچر جي فجر وقت راقم الحروف جي هن دنيا ۾ روئيندي پيدائش ٿي هئي. اُن حساب سان 1954ع کان 2026ع 18 اپريل تائين راقم جي عمر 73 سالن کي اچي پهتي آهي جڏهن تہ '80، مت ڪسي' جو پهاڪو مشهور آهي حالانڪ سرڪار 60 سالن ۾ ملازمن کي رٽائرمينٽ جو ليٽر هٿ ۾ ڏيندي آهي تہ هاڻ اوهان گهڻو ڪم ڪيو اُن ڪري ملڪ ڪري وڃي گهر آرام ڪريو. البتہ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ رٽائرڊ ٿيڻ ڪانپوءِ بہ جسماني طرح سان فٽ هجڻ سبب هر ڪو پنهنجي حساب سان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ کي لڳو پيو هوندو آهي اڄ کان اڌ صدي کن اڳ 1969ع ۾ ٻارن جي صفحي (عبرت) ۾ عمر جي لحاظ کان هڪ سهڻا سخن جهڙو نظم 'جڏهن عمر ٽيندس' لکيو هو تہ تڏهن اها خبر نہ هئي تہ راقم 73 سالن جي ڄمار تائين پهچندو بس آهي تہ ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ ٻول هئا سي اتفاقي اُن زماني ۾ لکجي ويا هئا عمر جي لحاظ کان گهڻو تہ تہ ٻہ ڪجهہ وسارو ٿيڻ لازمي ڳالهہ آهي البتہ راقم جي يادگيرين جو ياد وارو خزانو اڄ بہ محفوظ آهي چون ٿا تہ راقم جي ڄمڻ وارو وقت ڏکيو وقت (اها ڳالهہ وڏي ٿيڻ بعد معلوم ٿي هئي) هو، چو تہ شهر جي سرڪاري اسپتال جي ايلسا (عيسائي) نرس ڊليوري ڪرائڻ لاءِ گهر آئي پر اُن جي ڪوشش باوجود راقم جو ڄمڻ مشڪل ٿي ويو هو. اُن بعد مجبور ٿي نرس ايلسا گهر وارن کي چيو تہ هاڻ پير فقير کي ڏسو ۽ دعا ڪرايو. باقي ڳالهہ زور آهي اُن بعد فجر جو ماما محمد خان جهان سائين جي درگاهہ تي ويو تہ اندران پاڻي درگاهہ جو پڙهي دعا ڪري ڏنو ويو ۽ اُن جي پيئڻ ڪانپوءِ راقم جي هن دنيا ۾ آمد ٿي وئي ۽ فجر نماز جو وقت هو. 18 اپريل آچر جي صبح ٿيڻ واري هئي ۽ اسلامي ڪئلينڊر چنڊ جي 15 شعبان هئي اُن ڪري گهر ۾ ايندڙ شهر جي هڪ عورت نالو ئي رکيو 'شب راتي'.

هاڻ فرق صاف ظاهر آهي، 1954ع کان 2026ع 72 سال ٿي ويا. اهڙي ريت 'زندگي اي زندگي' ڇا، ڇا نہ ڏٺو جواني ديواني ۾، حيدرآباد شهر ۾ جڏهن بہ اچڻ ٿيو تہ شمس سئنيما اڳيان ويٺل طوطي جي فالنامي وارن وٽ وڃي هٿ ڏيکاري حال معلوم ڪيو يا وري 'ميان مِٺو' عرف طوطي جي آسري لفافو ڪڍائي پنهنجي حالت ۽ مستقبل جي سهڻي ۽ سٺي هجڻ جي اميد تي لفافو کولرايو تہ ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن حال معلوم ٿيو اُن ڪانسواءِ وارا وجهائي بہ ڳُجهہ کي شاندار ڏسڻ جا خواب ڏٺا، البتہ حيدرآباد ۾ شمس سئنيما وٽ ڪو بہ بنگالي بابا جهڙو جادوئي بابا موجود تہ هو جيڪو چٽي يا دعويٰ ڪري ها تہ محبوب 24 ڪلاڪن ۾ اوهان جي قدمن ۾ تہ شايد اُن جون بہ راقم خدمتون حاصل ڪري ها، بهرحال اهڙن طريقن سان بادشاهن کي دربار ۾ 'درباري' قسمت جو حال ٻڌائي سريخت جو خير گهرندا هئا. بهرحال راقم پنهنجي شاندار حال پڇڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي، البتہ والدين راقم جي ڄمڻ تي يقينن خوشيون ڪيون هونديون تہ ڇتيهہ لکلو پَٽ ڄائو آهي. حالانڪ اُن زماني ۾ تعليم عام نہ هئي ۽ پيدائش جي تاريخ جي لکڻ جو بہ ڪو رواج نہ هوندو هو، اُن ڪري اولاد ڄمڻ ۽ وڏي ٿيڻ ڪانپوءِ اُن لاءِ مائٽ سنڌس ڄمڻ جي ڪنهن تاريخ تي متفق نہ ٿيندا هئا، اُن ڪري صرف هو ڏڪا هٽندا هئا تہ ڪو چوندو سيارو هو تہ ڪو چوندو اونهارو هو. انب لٿا هئا يا ميڻهن وٺا هئا يا وري ڪو چوندو هو تہ هي پٽ اُن وقت ڄائو جڏهن اسان ڏڳي (ڳئون) ڪپائي هئي يا پوري ميڻهن خريد ڪئي هئي بهرحال راقم جي ڄم جي تاريخ ماما مير حسن پنهنجي ذاتي نوٽ بُڪ ۾ لکي ڇڏي هئي، اُن ڪري اها تصديق شده آهي، اڳاٽي زماني ۾ تاريخ نہ لکڻ سبب ماءُ پيءُ بہ هڪ تاريخ پيدائش تي اتفاق ڪري تہ ٻيهندا هئا.

دنيا ۾ مائٽ تہ اولاد کي چٽيو وڃن، اُن ڪانپوءِ اولاد ڄائي اُن جو نصيب ڄائي، اُن ڪري راقم جي پيدائش صحيح هئي يا غلط مطلب تہ فرمانبردار يا نافرمان، اُن جو فيصلو تہ رب ڄاڻي ٿو جيئن والدين تہ اولاد جي شادي بہ ڪرايو ڇڏين پوءِ 'ڪٽن ڀاڳ' گهر هلي يا تہ هلي پر شادي ٿيو وڃي. البتہ راقم جي ڄمڻ واري تاريخ قدرت واري هڪڙي لکي تہ وري اسڪول ۾ 'سائين' فِٽ ڪري صفا راند سونٽي مطابق بہ لکي، جيئن حساب ڪرڻ آسان ٿئي. واهہ سائين واهہ! اُن کي ئي تہ چوندا آهن 'گلو وارا ڪوڙا' پر اڄڪلهہ واري زماني ۾ تہ ڪوڙا آهن تہ ڪوڙا بندي جو وجود آهي، اُن ڪري قدرتي پيدائش هڪڙي تہ سرڪاري پيدائش ٻي ٿئي ٿي، اُن ڪري شايد راقم جي قسمت جو حال طوطو صحيح تہ ٻڌائي سگهندو هو ۽ رڳو 'ٽيون ٽيون' پيو ڪندو هو ۽ طوطي وارو مالڪ وري پٽ تي رکيل اُن زماني جي مقبول ترين شام واري اخبار 'آغاز' ويٺو پڙهندو هو تہ پاسي ۾ ڪن مان ڪچرو ڪڍڻ وارو ويٺو هوندو هو.


مير اعظم علي ٽالپر ٽنڊو ڄام

جڏهن عمر ٽيس

جڏهن عمر ٽيس پنج! تڏهن ڇڏبائين ماءُ جي هنج
جڏهن عمر ٽيس ڏهہ تڏهن چڙهيس بدن تي وهہ
جڏهن عمر ٽيس ويهہ! تڏهن نڪا لچ نڪا ليهہ
جڏهن عمر ٽيس چاليهہ! تڏهن عقل ني چئي ٻس ٽاليهہ
جڏهن عمر ٽيس پنجاهہ! تڏهن ڏکيائين پراوا منجا
جڏهن عمر ٽيس سٺ! تڏهن ڪنبائين هٿ ۾ لٺ
جڏهن عمر ٽيس ستر! تڏهن عقل ۾ آيس ڪتر
جڏهن عمر ٽيس اسي! تڏهن عقل ويس کسي
جڏهن عمر ٽيس نوي! تڏهن نڪو جاني نڪو جني
جڏهن عمر ٽيس پورو سو! تڏهن جان تہ ويچارو ويو

بهرحال تاڙي ڪڏهن بہ هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي، اُن جو عملي تجربو هاڻ راقم کي بخوبي ٿي رهيو آهي، جڏهن هڪ مهينو اڳ عيد جي ڏينهن عيدگاهہ ۾ ڌڪ کائڻ سبب هٿ کان ٻانهن جو پڇڻ ٿيو آهي، اُن ڪري هڪ هٿ جو وڏو احساس ٿيو آهي، حالانڪ لکڻ وارو ساڄو هٿ صحيح ڪم ڪري ٿو ۽ لکجي بہ ٿو پر ٻيو هٿ قابو هجڻ سبب تڪليف تمام گهڻي ٿئي ٿي، سو راقم هاڻ ڪجهہ هفتا لکڻ کان معذرت ڪري ٿو ۽ شڪرگذار آهي سائين حميد ابڙو ۽ سائين ذوالفقار علي لاکو جو جن راقم جي لکت کي برداشت ڪيو ۽ ذوالفقار علي لاکي سائين جا ٿورا، جنهن تحريرن کي ڪمپوز ڪيو موڪلائي ڪاٿهي، يار زنده صحبت باقي، البتہ سالگرهہ مبارڪ جو ڪيڪ بہ باقي ۽ طوطي جو فالنامو بہ باقي، هاڻ واقعي ثابت ٿيو آهي تہ تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي.

لطيفي لات —— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

ڏَمَ ڏِهَاڙِي ڏِي، سَنڌَا مَيهَرَ مِيهَڻَا،
جَهلِيَان ٿِي جَهولِيءَ ۾، پَلئہ پَايو سَي،
مَرَ تَان ڇَالِيهہ جَئي، سگَان سُپِيرِيَنِ جَي.

ڏمَ = (اسم خاص) سهڻي جي مڙس جو نالو (صفت، هٽ هيريو يا سيڪريل ڏڳو، مصيبت، ڏجهو، شوم وغيره، جامع سنڌي لغات)/ جهوليءَ = جهوليءَ جو اڳيون پاسو جو ڪنهن شئي وٺڻ لاءِ جهليو آهي / پلئہ = پوتيءَ يا گنديءَ جي حصي کي هٿ سان جهلي ڪا تبرڪات وٺڻ / مَرَ تان = پلي تہ / ڇاليهہ جئي = گهڻي انداز ۾ ميهڻا ڏئي بد شد ڳالهائي / سگان = ناتي جي ڪري، / (سر- سهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

سهڻي پنهنجي سرتين کي چئي تہ 'ڏمَ مون کي ميهر لاءِ روزانو تمام گهڻا ميهڻا، طعنا سدا ڏئي، پلي بدشد ڳالهائي، اهي منهنجي لاءِ ڪنهن تبرڪات، ڪنهن پرساد کان گهٽ ناهن، اهي جهولي جي جهوليءَ ۽ پوتيءَ جي پلئہ ۾ جهليندس! ڇو تہ اهي مون کي پنهنجي پرينءَ ميهار سان تينهن جي ناتي سبب ملن ٿا، منهنجي لاءِ اهي طعنا طنڻا پرينءَ خاطر پوتر آهن.' اهو آهي پنهنجي قول قرار جو ماڻ رکڻ، سر ڏئي ويساهہ نڀائڻ جن ويساهہ خاطر پنهنجي جان جو نذرانو ڏيڻ کان ڪين ڪيٻايو، اڄ اهي امر آهن. بامقصد منزل ماڻڻ لاءِ هر مشڪل جو مقابلو ڪرڻو پئي ٿو پوءِ اهي زباني ڪلامي هجن، لڪل سازشون هجن يا ظاهري رڪاوٽون انهن کي خوش دليءَ سان منهن ڏيڻو آهي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ـ 21 اپريل

اجمل بيگ مرزا

اڄ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ نثر نويس اجمل بيگ مرزا جي جنم جو ڏينهن آهي، پاڻ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جو ستون نمبر فرزند هو. سندس پيدائش جي تاريخ 21 اپريل 1921ع ۽ پيدائش جو هنڌ ٽنڊو ٺوڙهو حيدرآباد آهي. ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. ان بعد بي اي ۽ ايم اي جون سندون فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان حاصل ڪيائين. هن سنڌ جي کاڌ خوراڪ واري اداري ۾ راشننگ آفيسر طور نوڪريءَ جي ابتدا ڪئي ۽ 1976ع ۾ ساڳئي کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿيو. علم ۽ ادب سان دلچسپي ڪيس ورثي ۾ ملي ۽ سنڌي توڙي فارسي ٻولين تي عبور حاصل هئس. هن 'فاضل' تخلص سان شاعري شروع ڪئي پر بعد ۾ 'اجمل' تخلص اختيار ڪيائين. سندس شمار سنڌ جي بهترين عروضي شاعرن ۾ ٿئي ٿو شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين، جن ۾ غزل، قصيده، مثنويون، مخمس، بيت، سلام، مرثيا، نوحا، منقبتون ۽ مناجاتون شامل آهن. نثر ۾ سندس ادبي خدمتون نمايان آهن. سندس ڪتابن ۾ 'شاهنامہ عرب عرف منظوم تاريخ اسلام'، 'انگلينڊ جي تاريخ'، 'ٽريل انگلش ڊڪشنري'، 'سرحسيني'، 'دنيا جي نئين جاگرافي'، 'رنگين جاگرافي پاڪستان'، 'علم بدن ۽ صحت'، 'علم طبئي'، 'انتخاب از گلستان و بوستان'، 'سر سارنگ' ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن سڃاڻ ساهتڪار 26 مئي 1984ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

وشنو پاٽيا

اڄ مشهور ساهتڪار، صحافيءَ ۽ ڪالم نگار وشنو پاٽيا جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 21 اپريل 1941ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو. ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان هليو ويو. هو سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ ناليواري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار طور سڃاتو وڃي ٿو. هن مختلف سنڌي ادبي رسالن لاءِ ڪالم پڻ لکيا. سندس تصنيف ڪيل ڪتابن جو تعداد 15 آهي.

شروعات 1986ع ۾ الهنواز رڪنائيءَ جي سرپرستيءَ ۾ ڪئي. شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، خاص طور تي نظم ۽ غزل تي ملڪو حاصل اٿس. هن جي شاعري گڏيل شاعريءَ جي ڪتابن 'گلن سرهاڻ آندي آ' ۽ 'لفظن جي سوجهري ۾' شامل ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه سندس شاعريءَ جو مجموعو 'تاساريون آسون' ڇپجي چڪو آهي.

پروين جوکيو

اڄ مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياسي بصيرت رکندڙ خاتون پروين جوکيو جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 21 اپريل 1976ع تي ٿيو. سندس والد محمد موسيٰ جوکيو شهيد فاضل راهوءَ جو ويجهو دوست ۽ ساٿي هو. پروين اسڪول واري زماني کان ئي سماجي ۽ سياسي تنظيمن سان لاڳاپيل رهي. اسڪول ۾ هوءَ سجاڳ ٻار تحريڪ سان لاڳاپيل رهي ۽ انهيءَ تنظيم جي پليٽ فارم تان مختلف ٽيبلون، تقريري مقابلن ۽ سياسي گڏجاڻين ۾ دلچسپيءَ سان حصو وٺندي هئي. هن جا شهيد فاضل راهوءَ جي نياڻي شهناز راهوءَ سان ويجها تعلقات رهيا ۽ ٻنهي گڏجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي. هن ڀهراڙيءَ جي عورتن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ سندن لاءِ روزگار جا وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ سڄي عمر پاڻ پتوڙيو. هن گهريلو عورتن کي ڀرت، سلائي ۽ ٻيا هٿ جا هنر سيکارڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو. هن بدين ۾ مفت سلائي سينٽر قائم ڪيو جتي عورتن کي هنري سکيا بہ ڏني ويندي هئي. هن هينڊس جي پليٽ فارم وسيلي 23 ڳوٺن ۾ هنري سکيا جا مرڪز بہ قائم ڪرايا. ادب ۽ لکڻ سان بہ خاص دلچسپي هئس ۽ 100 کان مٿي ڪالم، خاڪا، ڪهاڻيون ۽ مقالا لکيائين.

غلام رضا پٽو

اڄ مشهور تعليمي ماهر غلام رضا پٽي جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي. هن جو جنم 16 فيبروري 1916ع تي هالا ۾ ٿيو. مسلم علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين. عملي

مختيار اثر

لونگ خان لائق سيتائي

اڄ مشهور شاعر لونگ خان سيتائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن سيتا وليج لڳ ڳوٺ وريو سولنگيءَ ۾ 21 جون 1932ع تي محمد پريل سولنگيءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون. سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين ۽ استاد بڻجي سڄي عمر ٻارن کي تعليم ڏنائين ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ سان شوق هئس. مشهور شاعر جمعي خان غريب ۽ عبدالله اثر جي صحبت ۽ سرپرستيءَ هن جي شاعريءَ کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. هو جميعت الشعراءِ سنڌ ۽ ٻين ادبي تنظيمن پاران منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ جوش ۽ خروش سان شامل ٿيندو هو ۽ پنهنجو ڪلام پيش ڪري داد حاصل ڪندو هو. هن 21 اپريل 1987ع تي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيو.

اير ايڇ پنهور

اڄ مشهور محقق، تاريخ نويس ۽ زرعي ماهر اير ايڇ پنهور جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 25 ڊسمبر 1925ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ ابراهيم ڪڇيءَ ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو محمد حسين ولد حاجي خان پنهور هو. مئٽرڪ جو امتحان ميهڙ جي هاءِ اسڪول مان ۽ انٽر جو امتحان ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين 1949ع ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجيءَ مان ميڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ بئچلر ڊگري حاصل ڪيائين. ان بعد هن آمريڪا جي وسڪونسن ميڊيسن يونيورسٽيءَ مان زرعي انجنيئرنگ ۾ ايم ايس سي جي سند حاصل ڪئي. هن هڪ زرعي انجنيئر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اڳتي هلي هو سنڌ جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي زراعت جي سپرنٽينڊنگ انجنيئر طور ڪم ڪيو. 1970ع ڌاري سرڪاري نوڪري ڇڏي زراعت، زيرزمين پاڻي، آبپاشي، باغباني، زرعي مشينري ۽ اهڙن ٻين موضوعن بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ هڪ ڪنسلٽنگ ڪمپنيءَ

'آپ بيتي جڳ بيتي'، 'اڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي'، 'سنڌ ۾ ريجائتي تاريخ جا ڇهہ هزار سال' ۽ 'سنڌ شناسي' مشهور آهن. هن عظيم سائنسدان 21 اپريل 2007ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

21 اپريل 2011ع جا شهيد



21 اپريل 2011ع کي سنڌ جي قوم پرست تاريخ جي هڪ بدترين ۽ المناڪ ڏينهن طور ياد ڪيو وڃي ٿو. اڄوڪي ڏينهن، يعني 21 اپريل تي 3 نوجوان قوم پرست اڳواڻ سرائي قربان کهاوڙ، روپلو چوليائي ۽ نور الله تنيو هڪ تنظيمي دوري تي پنهنجي ڪار ۾ ڪپرو سانگهڙ روڊ تي وڃي رهيا هئا. باڪوڙي موريءَ وٽ کين روڪي گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو ۽ سندن ڪار تي ڪيميڪل هاري باهہ ڏئي ڇڏي وئي. سرائي قربان علي کهاوڙ ۽ روپلو چوليائي حادثي واري جاءِ تي ئي شهيد ٿي ويا ۽ نور الله تنيو اسپتال ۾ پنهنجو سِر سنڌ مٿان صدقو ڪيو.

ذوالفقار علي شاهہ جاموٽ

مشهور سياستدان ذوالفقار علي شاهہ جاموٽ جي سالگرهہ ويجهڙ ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي. هو 15 اپريل 1941ع تي سنڌ جي تاريخي شهر مٽياريءَ ۾ ڄائو. پاڻ روحاني اڳواڻ پير پاڳارو جو انتهائي ويجهو، وفادار ۽ ڀروسي لائق ساٿي هو جنهن سبب سياسي ميدان ۾ بہ سندس حيثيت نمايان رهي. ذوالفقار علي شاهہ جاموٽ پنهنجي عملي سياست دوران ملڪ ۽ خاص طور سنڌ جي ماڻهن جي خدمت کي ترجيح ڏني. هن ٻہ ڀيرا سينيٽر ۽ هڪ ڀيرو وفاقي وزير طور اهم ذميواريون نڀايون. هو آخر تائين مسلم ليگ فنڪشنل سان وابستہ رهيو ۽ پارٽيءَ جي پاليسين کي اڳتي وڌائڻ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو. هن پنهنجي علائقي جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪيترائي يادگار فلاحي ڪم ڪرايا. انهن ۾ زرعي دوائن جي ليبارٽري قائم ڪرڻ، جنهن سان هارين کي فائدو ٿيو ۽ مٽياري شوگر مل جو قيام شامل آهي، جنهن مقامي معيشت کي هٿي ڏني. ان کان علاوه مٽياريءَ کي ضلعي جو درجو ڏيارڻ ۾ پڻ سندس

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب عدالت فيملي ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات نينه نوناري . پلينٽف.بخلاف. محمد يونس ولد ذوالفقار ذات نوناري رهندڙ پاڙو نوناري پبي او باڊو تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو 03483736247.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مائنر جي مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج مورو
سمري سوٽ نمبر 06 سال 2026

سعيد احمد ميمڻ . پلينٽف.بخلاف. (1) پروين شاهه ولد حسين شاه (2) ڪامران شاه ولد حسين شاه (3) فرحان شاه ولد حسين شاه رهندڙ وارڊ نمبر 2 درس روڊ مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف زيرقلم XXXVII رول 1 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي -/52,20,000 روپين جي اصل ۽ سود جي باقي رقم لاءِ جيڪا مٿي ڄاڻايل ڪيس ۾ واجب ادا آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 24 سال 2026

مسمات مصرت ڌيءُ دودو خان ويڍل گوٺ احمد خان چانڊيو تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو ..پلينٽف.. بخلاف. راجه گلشير علي ولد الهرکيو ذات چانڊيو ويڍل محمد ابراهيم چانڊيو تعلقو گولارچي ضلعو بدين . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ڏاج جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم III ميرپورخاص
گارڊين درخواست نمبر 07 سال 2026

محمد رمضان ولد گل محمد رهندڙ گوٺ محمد اسحاق منگريو پبي او ڦلڏيون تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص. ايپليڪينٽ.بخلاف. (1) غلام حيدر (2) اصغر علي (3) مسمات حيلمان سڀ پٽ ڌيئرون گل محمد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپونٽنس (1) زبيدان (2) شاهنواز. ..اٿر

نالي مٿئين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم III ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 07 سال 2026

(1) مسمات حسينه ڌيءُ محمد لطيف ذات ڪبري (2) ارشد علي ولد غلام نبي عمر 05 سال معرفت پلينٽف نمبر 01 رهندڙ گوٺ بالاچ ڪبري ديهه 177 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف. بخلاف. غلام نبي ولد مير حسن ذات ڪبري رهندڙ بالاچ ڪبري ديهه 177 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري داور امائونٽ، داوري آرٽيڪليز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 18 سال 2026

مسمات ياسمين ڌيءُ الله ڏنو خاصخيلي رهندڙ گوٺ قاسم شيدي ديهه 340 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص حال رهندڙ قاضي محلا وارڊ نمبر 3 ٽنڊو جان محمد ضلعو ميرپورخاص.پلينٽف. بخلاف. گلزيب علي ولد سومر ذات خاصخيلي رهندڙ قاضي محلا وارڊ نمبر 03 ٽنڊو جان محمد ضلعو ميرپورخاص . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Sheza. پلينٽف. بخلاف. محمد رمضان..... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف ڊاور اينڊ ڊاور آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس ۽ ڊليوري خرچي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات شازيه زال حليم ڌيءُ ذوالفقار علي زرداري رهندڙ نوابشاهه حال رهندڙ قاسم آباد ضلعو حيدرآباد.پلينٽف. بخلاف. حليم ولد غلام رسول زرداري رهندڙ گوٺ علي اصغر شاه تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد سيل نمبر 03253979919 . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج VI حيدرآباد
سوٽ نمبر 169 سال 2026

(1) ڪامران احمد (2) فرقان احمد (3) ريحان احمد (4) رومان احمد (5) مسمات صائمه (6) مسمات افشين (7) مسمات حرا (8) مسمات رمشا سڀ پٽ ڌيئرون ظهير احمد رهندڙ گهر نمبر 58 يونٽ نمبر 08 بلاڪ ايف لطيف آباد حيدرآباد ..پلينٽف.. بخلاف.. (1) سيڪريٽري انٽرئير حڪومت پاڪستان اسلام آباد (2)اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نادرا يونٽ نمبر 6 لطيف آباد حيدرآباد (3 Ashi (alleged daughter) شناختي ڪارڊ نمبر 4130485635172 (4) سمرين (alleged daughter) شناختي ڪارڊ نمبر 4130482952604 سيريل 3 کان 4 معرفت ڊفينڊنٽس نمبر 2 (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس نمبر 05 ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اف ليگل اسٽيٽس، ڪينسليشن، مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 38 سال 2026

مسمات سليما ڌيءُ جهنگ خان مسلم بالغ رهندڙ ماجي هوٽل تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار.پلينٽف. بخلاف. ميرو ولد محمد علي رهندڙ موسيٰ پتافي پبي او بڪيرا شريف تعلقوضلعو ٽنڊو الهيار . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف داور امائونٽ اينڊ داوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 03 سال 2026

مسمات صدوري زال امير محمد ذات لغاري رهندڙ گوٺ سعيد خان لغاري تعلقو ضلعو مٽياري.پلينٽف. بخلاف. امير محمد ولد مير محمد ذات لغاري رهندڙ گوٺ سعيد خان لغاري تعلقو ضلعو مٽياري . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 192 سال 2024

عبدالعزيز ڪوسو معرفت قانوني وارث.پلينٽف. بخلاف.. (1) اميد علي ولد رستم خان ڪوسو معرفت قانوني وارث (اي) مسمات شاهول (بيواهه) (بي) گلبهار (پٽ) (سي) مسمات شمشاد (ڌي)سڀ مسلم بالغ رهندڙ سردار ڪالوني قاضي احمد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ اسپيسفڪ پرفارمنس ڪانٽريڪٽ اينڊ انجڪشن زيرقلم VII رول 1 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول II شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 106 سال 2026

مسمات شمائلا ڌيءُ رسول بخش رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاه.پلينٽف. بخلاف. سرمد ولد شمن رهندڙ Gachero روڊ مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز سيل نمبر 03199258749 . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 46 سال 2026

مسمات سائران زال رحمت الله رهندڙ گوٺ جمعون خان ڪوسو تعلقو نوابشاه.پلينٽف. بخلاف. رحمت الله ولد شاه بيگ ڪوسو رهندڙ گوٺ مٺو خان ڪوسو تعلقو دوڙ ضلع شهيد بينظير آباد . ... ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ جهيز جي واپسي/ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

عوام الناس کي اطلاع ڪجي ٿو ته درخواست گذار نالي مسمات صدور خاتون زال غلام سرور ذات شيخ ويٺل آخوند محلا تعلقہ ميهڙ ضلعو دادو ستي سروي نمبر 318 ايراضي 0-475 چورس وال سارو ستي سروي نمبر 320 ايراضي 7-57 چورس وال ٻنهي نمبرن جي ٽوٽل ايراضي 7-532 چورس وال واقع وارڊ (B) آخوند محلا شهر تعلقہ ميهڙ ستي سروي رڪارڊ ۾ نئين سر داخلا رکڻ لاءِ ڪاغذات پيش ڪيا آهن جيڪڏهن ڪنهن شخص يا اداري کي مذڪوره ملڪيت تي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (7) ستن ڏينهن اندر پنهنجي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪندا. مدو گذرڻ جي صورت ۾ ڪو به اعتراض قابل قبول نه رهندو

اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ريڏنو ولد محمد عرس ڪوراڙو درخواست ڏني آهي ته سنڌس پيءُ ۽ چاچو نالي (1) محمد هاشم ولد الهڏنو ڪوراڙو (2) نالي محمد عرس ولد الهڏنو ڪوراڙو جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه واريياسو تپو واريياسو تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 3_104_105_106 ۽ ٻين ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام گوٺ ٻچل ڪوراڙو تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي (1) محمد هاشم ولد الهڏنو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 ريڏنو پٽيتو فوتي جو 2 علي اڪبر پٽيتو فوتي جو 3 خالدا پٽيتي فوتي جي تفصيل فوتي (2) نالي محمد عرس ولد الهڏنو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 ريڏنو پٽ فوتي جو 2 علي اڪبر پٽ فوتي جو 3 خالدا ڌيءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو .

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

اسان خريدار پلاٽ نمبر C/43 سائيٽ ايريا حيدرآباد ميسرز Shaia Builders & Co. مان تبديل ڪري M/S Ahsan Ali Shah & Co رکان ٿا اگر ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض سيڪريٽري سائيٽ منگهو پير روڊ ڪراچي وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نہ هوندو

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته مون نالي وڪيو ولد من ڪان زرعي زمين سروي نمبر 286 جريان نمبر 157 ديهه تماچاڻي ايراضي 19-05 ايڪڙ ۽ گهنٽا ڪان ورتي آهي جنهن جي رجسٽري ٿيل آهي ۽ رجسٽري مون کان ڪٿي ڪري گم ٿي وئي آهي. ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهي آهي جنهن جي رپورٽ لاڳاپيل ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرائي آهي اگر ڪنهن کي هٿ اچي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلي ٻي صورت ۾ ڊپليڪيٽ جاري ڪري ڏني وڃي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي .

عنايت علي ولد انور علي خاصخيلي رهندڙ قبول خاصخيلي تعلقو حيدرآباد ڀهراڙي

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي موٽر سائيڪل هونڊا CD-70 رجسٽريشن نمبر HDH-3880 جو اصل رجسٽريشن بڪ ڪٿي ڪري گم ٿي ويو آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيو آهي اگر ڪنهن کي هٿ اچي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي.

محمدناصر عمراڻي ولد گل محمد رهندڙ تلاب نمبر 3گرونگر گهر نمبر A/1940 پشوري محلہ حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون منٺار ٻرڙو ۽ ٻيا جيڪي به منهنجا ٻرڙا رشتيدار آهن انهن سان منهنجو ڪو به واسطو نه آهي ۽ نه ئي منهنجو کائڻ پيئڻ اٿڻ ويهڻ ختم آهي هر ڪو پنهنجي گهر جو پاڻ وڏو آهي ۽ نقصان نفي جو پاڻ مالڪ آهي ۽ مسمات ليلان بنت محمد اقبال چنڻ ۽ انهن جي پاڻرن رشتيدارن سان منهنجي ڪابه برادري نه آهي آج ڪانپوءِ بي ڏريون پنهنجي ڪمن جو پاڻ ذميوار آهن مون تي ڪير به ڏوهه نه ڏئي. منهنجو هي قسم نامون رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

لشڪر خان ولد محمد خان ويٺل گوٺ ٽنڊو حيدر تعلقو ضلعو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي پٽ نالي ڪرسٽوفر ولد بشير مسيح سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيوآهيان. جيڪو نافرمان ٿي ويو آهي منهنجي چوڻ ۾ نه آهي اگر ڪو به شخص سنڌس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦڏو فساد ڪندو ته ان سان منهنجو ڪنهن به قسم جو ڪو به تعلق نه هوندو پنهنجي ٻري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

بشير ولد بوٽا مسيح رهندڙ ليبارٽي ڪيمپ سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محمد اعظم سپيو ولد احمد علي سپيو رهندڙ گوٺ مريد سپيو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي احمد علي سپيو ولد مٺو خان سپيو تاريخ 16-10-2009تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 417,418,416/A ايراضي حصي موجب ديهه سپڪي رعيتي تپو ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) پرويز علي سپيو (پٽ) (2) خالد حسين (پٽ) (3) محمد اعظم سپيو (4) عبدالسلام (پٽ) (5) اڪرم علي سپيو (6) مسمات فرزانہ (ڌي) (7) مسمات صوبيه (ڌي) (8) مسمات صالحان (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبہ جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوا قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي ممتاز علي ولد محمد ايوب لاکو رهندڙ گوٺ انڙپور حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي محمد ايوب لاکو ولد محمد حسين تاريخ 08-03-2018 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 131/5,6 AC مان ٺهيل پلاٽ نمبر 63 ايراضي 720چورس فوٽ ديهه برهام تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) ممتاز علي (پٽ) (2) اشفاق (پٽ) (3) عبدالرزاق (پٽ) (4) مسمات شازيہ (ڌي) (5) مسمات شاهين (ڌي) (6) مسمات نذيران (7) مسمات رضيہ ايوب (ڌي) (8) مسمات مومل ايوب (ڌي) (9) مسمات مائي ٻاگل(بيواهه جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبہ جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوي قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي راڄيش ولد نٿو رهندڙ گهر نمبر A/92 ڪنڀار پاڙو ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي مسمات ميگهي زال نٿو هندو تاريخ 23-10-2025 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 147/1,148/2 مان ٺهيل پلاٽ نمبر 98 ايراضي 1520 چورس فوٽ ديهه برهام تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) راڄيش (پٽ) (2) هيرانند (پٽ) (3) پورو (پٽ) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبہ جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوي قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هن اشتهار ذريعي هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته ديهه ڪلوڪوهر تعلقو ٽنڊو بولا خان ۽ ڪانيدارن (1) محمد اسلم ولد مشتاق (2) نصير احمد ولد ابراهيم (3) غلام عباس ولد شيرمحمد (4) فياض احمد ولد عزيز احمد جنهن جي نالي تي ديهه ڪلوڪوهر ۾ انٽري نمبر ستون فارم 371/1985.86 ڪيٽ 682/19.34 683/16.7 684/13.7 685/14.30 686/21.32 ٽوٽل ايراضي 30-85 ايڪڙ آهي جنهن لاءِ ٻن شاهدن (1) شرجيل احمد سومرو ولد عبدالشڪور سومرو (2) بلاول برفت ولد بڪر برفت بيان ڏنو آهي ته مٿي ذڪر ڪيل ڪانيدارن جي مرڻ ڪري انهن جا وارث (1) رافع ولد غلام علي (2) راحب ولد غلام علي (3)عشاء علي ڌيءِ غلام علي (4) مسمات ناظمہ بيواهہ غلام علي ٿيا آهن ان لاءِ هن اشتهار ذريعي هر ڪنهن کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿي ذڪر ڪيل وارثن تي اگر ڪنهن کي ڪو به اعتراض وغيره آهي ته هو هن اشتهار جي ستن ڏينهن اندر اسانجي آفيس ۾ پنهنجا اعتراض جمع ڪرائين

مختيارڪار تعلقو ٽنڊو بولا خان

بقايا 1 نوٽيس جاري

جو آغاز سنڌن پگهارون بند ڪري ڪين شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا. ايس ايس پي ٺٽو ساجد امير سدوزئي سنڌس آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ٺٽي ضلعي اندر گٽڪو ۽ مائو واپرائڻ سبب ڪينسر جهڙين بيمارين خطرناڪ حد تائين وڌي ويون آهن تنهنڪري اهڙي ناسور کي ختم ڪرائڻ لاءِ پوري ضلعي اندر پوليس کي سخت ڪاروايون جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي هن چيو ته هڪ سئو 57 پوليس اهلڪارجن ۾ سب انسپيڪٽر ۽ اي ايس آئي کان وٺندي جمعدار ۽ سپاهي به شامل آهن، سنڌن خلاف گٽڪو ۽ مائو واپرائڻ تي ڪاروائي جو آغاز ڪندي پهرين مرحلي ۾ سنڌن پگهارون بند ڪري ڪين شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن باز نه اچڻ جي صورت ۾ سنڌن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي ايس ايس پي ٺٽو ساجد امير سدوزئي وڌيڪ چيو ته ٺٽو حيدرآباد قومي شاهراهه تي ٿيندڙ ڦر وارداتن جو سختي سان نوٽيس وٺندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن جي نشاندهي تي ٻين جي گرفتارين لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. جڏهن ته ضلعي اندر ڌوهارين توڙي سماجي برائين کي هٿي ڏيندڙ مافيائن خلاف بنا فرق جي ڪاروائي جاري رکي ويندي ايس ايس پي ٺٽو ساجد امير سدوزئي سان نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جو وفد ملاقات ڪري ڪيس صورتحال بابت آگاهي ڏني

بقايا 2 احتجاج

جنهن سبب ماڻهن ۾ ڪينسر جو موذي مرض وڌي رهيو آهي اسڪولي ٻار نشي جا عادي ٿي رهيا آهن جڏهن ته پ پ جا نمائندا راڳ ڊسڻ ۾ پورا آهن عوام کي تباهي ڏکيو پيو وڃي خاص ڪري نوجوان نسل بگڙجندو ٿو وڃي انهن چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي سنڌ حڪومت پاران عوام کي صحت جون سهوليتون فراهم ڪرڻ جي دعوائن باوجود سول اسپتال ڪوسڪي ۾ ڊاڪٽرن دائين ۽ طبي ٽيسٽ ۽ ليبارٽري مشينن جي کوٽ آهي اسپتال ۾ مريضن لاءِ ڪا به سهوليت ناهي جڏهن ته ٻين سماجي برائين چورين جي آزار کان غريب عوام کي تحفظ ناهي انهن ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ۽ ٻين وس وارن کان پرزور مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي ڄاڻايل سمورا مسئلا حل ڪري عوام سان انصاف ڪيو وڃي بدين ضلعي جي ڀهراڙي ۾ وڌندڙ دل جي مريضن لاءِ بدين ۾ اين آءِ سي وي ڊي ڪولي بي موت مرڻ کان غريب عوام کي بچايو وڃي.

بقايا 3 ريلي ڪڍي وئي

برڙو استاد پير بخش ڏاريجو استاد اجمل پٺاڻ استاد نثار احمد برڙو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ ضروري آهي هنن چيو ته تعليم اهڙو زيور آهي جيڪو انسان جو مان مٿانهون ڪري ٿو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته علم بادشاهه آهي جيڪو علم حاصل ڪندو اهو بادشاهه ٿيندو

بقايا 4 اي پاران ريلي

ضلعي جي وڏي انگ ۾ جي ڊي اي ڪارڪنن جا سوين پيروڪار نواز جتوئي هائوس پهتا. ان موقعي تي نيشنل پيپلز پارٽي جي سربراهه غلام مرتضيٰ جتوئي سيني اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو بعد ۾ قافلو دريا خان مري ڏانهن روانو ٿيو جتي اڳوڻي وفاقي وزير ۽ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي ۽ سنڌس پاڻرن جي اعزاز ۾ ڪالهه هڪ ريلي منعقد ڪئي وئي ريلي منعقد ڪرڻ تي رئيس غلام حيدر مري خلاف ڪارروائي ڪئي وئي ۽ سنڌس دڪانن واري مارڪيٽ کي ڍاهي ڇڏيو ويو ۽ پيٽرول پمپ يونٽن کي به اڇلايو ويو هن ڪارروائي خلاف جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا دريا خان مري پهتي ۽ ريلي جي شڪل اختيار ڪئي اڳواڻن گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ان عمل جي سخت مذمت ڪئي ان کي ناانصافي قرار ڏنو ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو.

بقايا 5 دورو ڪيو

بحالي سينٽر جي انچارج ۽ عملي کان مسئلن بابت ڄاڻ ورتي ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب پاران بحالي مرڪز جي ڪارڪردگي تي پنهنجي اطمينان جو اظهارڪيو ويو آخر ۾ معذورين جي بحالي واري سينٽر جي انچارج ۽ عملي سان هڪ آگاهي سيشن پڻ طلب ڪيو ويو جنهن ۾ صوبائي محتسب جي اداري جي اغراض مقصدن ۽ عوامي شڪايتن جي تدارڪ جي طريقيڪار سميت آن لائين شڪايت درج ڪرائڻ واري نظام بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ۽ ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا ويا ۽ يقين ڏياريو ويو ته محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن موجب عوام جي شڪايتن جي ترت ازالي، ادارن ۾ شفافيت جي فروغ ۽ سهولتن جي بهتري لاءِ ان جدوجهد کي مستقبل ۾ پڻ جاري رکيو ويندو

بقايا 6 مظاهرو

ڪري سمورا گهر ڀاتي سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيون هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته بااثر ڀاڄ خور خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 7 اعلان

چونڊيل نمائندا هن سنگين مسئلي کي نظرانداز ڪري رهيا آهن جنهن سبب علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو اڳواڻن چيو ته پاڻي جهڙي بنيادي ضرورت جي کوٽ انساني حقن جي کليل ڀڃڪڙي آهي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن فوري طور تي پاڻي جي فراهمي کي يقيني نه بڻايو ويو ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو جنهن ۾ ڌرڻا، ريليون ۽ علامتي احتجاج شامل هوندا هنن حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ٽينڪر مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ علائقي ۾ مستقل بنيادن تي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 8 شمر حيدر جتوئي

ڪاٺي طرفان ضلعي ۽ تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ سينٽر قائم ڪري خريداري جو ڪم تيز ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ سرڪار جي مقرر ڪيل 3500 روپيه في مڻ بجاءِ 4000 روپيه في مڻ اگهه مقرر ڪرڻ گهرجي ، سنڌ جي زراعت کي ڪاپاري نقصان رسي رهيو آهي تيل جي اگهن ۾ آيل واڌ ۽ مهانگائي جي طوفان ۾ سنڌ جي آبادگار ۽ هاري کي فصلن ۾ مسلسل نقصان رسايو وڃي پيو ، پاڇين توڙي ڪماڻن جي وکري ۾ اگهن جي لاٿ ڪري آبادگار هاري سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن ايتري قدر جو ڪماڻا پڙيهه مان وڏي قيمت ۾ خريد ڪري وکرو ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ جي اندر ڪماڻن جي فصل جي اپت اچڻ سان اگهن ۾ ايتري ته لاٿ ڪئي وئي آهي جو هاڻي آبادگار زميندار ۽ هاري ڪماڻن جو وکرو ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جا ڪرايا به ڀرڻ لاءِ تيار ناهن ، جنهن جي ڪري ڪماڻن جو فصل فائدي بجاءِ نقصان جو سبب بڻيو آهي ، هاڻي وري ڪڻڪ جي اپت ڪانپوءِ سرڪار جو رويو ساڳيو رهيو آهي جنهن سان ڪڻڪ جي وکري ۾ آبادگار هاري زميندار سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي پنهنجي خرچ جو ڪاٿو لڳائڻ ۾ تمام گهڻو نقصان کائي رهيا آهن ، اهڙي صورتحال سنڌ جي زراعت ۾ ڪمند توڙي سارين جي اگهن ۾ ساڳي رهي آهي جنهن جي ڪري ڪڻڪ جي خريداري ۾ سرڪار جي ڪا به ٻي ڏيائي قبول نه ڪئي ويندي، ڪڻڪ جي خريداري جا سينٽر قائم نه ڪيا ويا ته سنڌ جي هر شهر ۽ وسندي ۾ احتجاجي مظاهرن ڪانپوءِ سنڌ جا هاري آبادگار ايوانن جي آڏو سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا . ميٽ دي پريس ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جي مرڪزي اڳواڻ جبار باغي ، رڳو مل ۽ ٻيا گڏ هئا .

بقايا 9 ماڻهن جو هيسڪو

ملازم گل منير ۽ رياض پيچو ٻيا عملي سان گڏ هالا ٿاڻي تي پهتا ۽ پوليس وٽ شڪايت داخل ڪرائي.ان موقعي تي هيڊ محرر علي بخش نظاماڻي پوليس ڪيمپ سان گڏهيسڪو آفيس جو معائنو ڪري ابتدائي رپورٽ تيار ڪئي.حيسڪو عملدارن جو چوڻ آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويندو. جڏهن ته پوليس موجب اعليٰ اختيارين کان اجازت بعد ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي، آخري اطلاعن تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 10 ڪمار دليپ

تقريب کي خطاب ڪندي انفارميشن آفيسر عرفان علي جوڻيجو چيو ته برڊس پنهنجي ترقياتي منصوبن ذريعي پاڻ مڃرايو آهي ۽ اها تنظيم ڪنهن به تعارف جي محتاج ناهي هن چيو ته نئون فرنيچر ملڻ بعد ٻارڙن جي چهري تي خوشي صاف نظر اچي رهي آهي ان موقعي تي خادم حسين انصاري اسڪول بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته اسڪول ۾ هن وقت 200 ٻارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جڏهن ته صرف ٻه استاد کين پڙهائي رهيا آهن جن مان هڪ سرڪاري استاد آهي ۽ ٻيو استاد برڊس طرفان مقرر ڪيو ويو آهي تقريب ۾ اياز انصاري، ثوبيه انصاري، نعيم انصاري سميت ڳوٺاڻن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 11 وڻن جو مطالبو

رهواسي شهر ۾مينهن جا واڙا قائم ڪري ڇڏيا آهن جنهن ڪري تقريباً هر محلي ۾ ڪيترائي واڙا موجود آهن هن چيو ته انتظاميا کي ڪيترائي ڀيرا چيو ويو آهي ته اهي واڙا شهر کان ٻاهر منتقل ڪيا وڃن پر ڪيترن ئي سالن کان پوءِ به هن مسئلي تي ڪو اثرائتو قدم نه کنيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته شهر اندرمينهن جي واڙن جي وڌڻ سبب اسڪولي ٻار شهري، واپاري ۽ سرڪاري ملازم سخت پريشان آهن مينهون واڙن ۾ نڪري روڊن تي رستا گندا ڪن ٿيون ۽ بدبو پڻ پکڙجي ٿي ڊاڪٽر يار محمد ڦليوٽو وڌيڪ چيو ته شهر کي صاف ۽ رکڻ لاءِ مينهن جا واڙا هنگامي بنيادن تي شهر کان ٻاهر منتقل ڪيا وڃن. ته جيئن شهر صاف سٿرو رهي ۽ خاص طور تي صبح جو اسڪول ويندڙ ٻار ڪنهن به حادثي کان بچي سگهن

بقايا 12 ڪرڻ جو حڪم

اڳڀرائي آءِ جي سنڌ واقعي جو سخت نوٽيس وٺي ڇڏيو ٽنڊو مستي واري علائقي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيل ناري خالده عرف روبينا چانڊيو جي ڪيس جو آءِ جي سنڌ پاران معاملي جو سخت نوٽيس وٺندي ٽنڊو مستي ٿاڻي جي ايس ايڇ او محمد هاشم هڪڙو کي بدلي ڪري ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي مقتول جي وارثن الزام لڳايو هو ته ايس ايڇ او هاشم هڪڙو تي الزام هنيو هو ته روبينا چانڊيو قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کان مبينا طور 7 لک رپيا رشوت وٺي سنڌن خلاف ڪا به قانوني ڪارروائي نه ڪئي وئي هئي ٽنڊو مستي جي ڳوٺ ٻلو چانڊيو ۾ ناري روبينا عرف خالدان چانڊيو کي مبينا طور ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪيو ويو. واقعي بعد علائقي ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر پکڙجي وئي هئي

بقايا 13 ورسي پيتا پيش

جهنگ جو قانون لاڳو ڪري ڇڏيو آهي سنڌ ۾ انساني حق معطل آهن سپريم ڪورٽ کان وٺندي سمورين عدالتون سنڌ ۾ نياڻين جي قتلام تي خاموش آهن خالده چانڊيو شمائلا چانڊيو سميت سمورين نياڻين جي قتل جو ذميوار جاگيرداري نظام ۽ پيپلز پارٽي آهي پيپلزپارٽي جي حڪومت سنڌ جي تاريخ جي بدترين حڪومت آهي زرداري سموري سنڌ کي نياڻين لاءِ مقتل گاهه بنائي ڇڏيو آهي سنڌ ۾ ڪٿي به نياڻيون محفوظ ناهن سنڌ ۾ امن ۽ انصاف ملڻ خواب بنجي ويو آهي سنڌ جي عوام کي پيپلزپارٽي جي ڪرپٽ سرڪار خلاف اٿڻو پوندو جلسي ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جي ٻارڙين قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا قومي شاعر نور احمد ٻڪاري شاعري پيش ڪئي .

بقايا 14 پروجيڪٽ انجنيئر

ويندا ته چار ڏينهن اڳ پوءِ ٿي سگهن ٿا ۽ سکر بئراج جي ٻي مرحلي وارو ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو ويندو جنهن لاءِ سول ۽ مڪينيڪل انجنيئر ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ڪوفر ڊيم (عارضي بند) جو ڪم مضبوطي سان ڪيو ويو آهي ان ڪري جيڪي پاڻي وهڪرا اچن ٿا سي آساني سان گذر ٿي رهيا آهن ۽ ڪينالن ۾ به گهرج مطابق آبپاشي کاتي پاران پاڻي ڇڏيو پيو وڃي ان لاءِ بئراج تي هلندڙ ڪم ۾ ڪا به پريشاني ناهي هن چيو ته تمام تر صورتحال اندر ڪنٽرول آهي ۽ سکر بئراج جي دروازن جي تبديلي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي ۽ ڪم جي جائزي لاءِ صوبائي وزير آبپاشي ڄام خان شورو سيڪريٽري آبپاشي ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سنڌ بيراجز امپرووومينٽ پروگرام نورالعارفين جلد سکر بئراج جي هلندڙ ڪم جو جائزو وٺندا هن چيو ته جيڪو ڪم هلي رهيو آهي اسين مطمئين آهيون ۽ چيني انجنيئرن جي سهڪار سان وقت سر ٻيئن مرحلي وارو سکر بئراج جي 27 دروازن جي تبديلي وارو ڪم وقت سر مڪمل ٿي ويندو

بقايا 15 ڳالهه ٻولهه

آسپاس جي امن امان واري صورتحال تي خيال ونڊيا ۽ وڌندڙ صورتحال تي ڌيان ڇڪايو جنهن تي ڊي آءِ جي صاحب هر ممڪن ڪوشش وٺي علائقي ۾ امن امان بحال رکڻ ۽ عوام جي جان مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ جي خاطري ڪرائي هن وڌيڪ چيو ته آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو جي واضح حڪم آهي ته منشيات فروشن پاڻاريدار ڌوهاري کي سختي سان عمل ڪندي سنڌس خلاف پوري ڊويزن ۾ آپريشن جاري آهي جنهن ۾ پوليس کي الرٽ ڪيو ويو آهي جنهن ڪري ڪافي حد تائين ڪاميابي حاصل ٿي آهي پوليس کي عوام جو خادم ٿي ڪم ڪرڻو پوندو ۽ عوام جي جان مال سان گڏ وڳا سنڌس عزت ڪرڻي پوندي جنهن عوام ۽ پوليس پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃن

بقايا 16 شازيه احمداڻي

قومي عوامي ضلع دادو جي آرگنائيزر محمد سومر چانڊيو سان خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو

بقايا 17 اعلان

ڊويزن تائين چونڊ عمل جي نگراني ڪندو رهيو آهي ۽ اوچتو گل پينل جي انفارميشن سيڪريٽري طور اميدوار ٿي سامهون آيو آهي

بقايا 18 نوٽيس ورتو

ڊي آءِ جي ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق چانگا پڻ پهتو جنهن وارثن کي انصاف جي خاطري ڪرائي.جڏهن ته گهرو وزير ضياءَ لنجار ۽ آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي حيدرآباد کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي آءِ جي سنڌ پنهنجي بيان ۾ چيو ته معصوم ٻارڙي جو قتل انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي ۽ ان ۾ ملوث جوابدار ڪنهن به رعايت جا مستحق ناهن هن پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. آءِ جي سنڌ وڌيڪ واضح ڪيو ته جيڪڏهن جاچ دوران پوليس جي ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي ثابت ٿي ته لاڳاپيل عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي هن زور ڏيئي ته واقعي جي جاچ مڪمل شفافيت سان ڪئي وڃي. ساڳئي وقت سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار پڻ واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ڄامشورو کان فوري رپورٽ طلب ڪئي آهي هن پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته جوابدارن جي جلد گرفتاري کي يقيني بڻايو وڃي ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته معصوم ٻار جو قتل انتهائي افسوسناڪ آهي ۽ حڪومت شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ سنجيده آهي.ٻئي پاسي ٻارڙي جي قتل واري واقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي پڻ سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ بدامني لاقانونيت ۽ ڌوهاري عنصرن جو راڄ قائم ٿي چڪو آهي هن چيو ته شهرن ۽ ڳوٺن جا رستا ڌوهارين جي حوالي ٿي ويا آهن ۽ پوليس بي وس نظر اچي ٿي اياز لطيف پليجي وڌيڪ چيو ته وڏيرا سردار جاگيردار ۽ سياسي اثر رکندڙ ماڻهو ڌوهارين جي سرپرستي ڪري رهيا آهن، جنهن سبب قبيلائي دهشتگردي، ڪاروڪاري، منشيات فروشي ۽ ڪرپشن وڌي رهي آهي هن چيو ته سنڌ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني نظر نٿي اچي ۽ پوليس کي سياسي مفادن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي واقعي کانپوءِ علائقي واسين ۾ سخت خوف ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي جڏهن ته شهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته نه رڳو جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي پر علائقي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ به هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن شهرين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڌوهارين خلاف موثر ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ماهرن جو چوڻ آهي ته اهڙن واقعن ۾ دير سان ڪيس داخل ٿيڻ انصاف جي عمل کي متاثر ڪري سگهي ٿو تنهن ڪري پوليس کي گهرجي ته هو فوري طور قانوني ڪارروائي پوريون ڪري متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪري، جيئن اهڙن افسوسناڪ واقعن کي روڪي سگهجي.ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق چانگا موجب ڪيس وارثن جي فرياد تي داخل ڪيو ويندو اسان مختلف چوڪن جا سي سي ٽي وي فوٽيج گڏ ڪيون پيا جلد جوابدارن تائين پهچي ويندا سين.

بقايا 19 رونمائي تقريب

پڙهندڙن کي فڪري سگهه ۽ شعور جي نئين راهن ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هنن اهڙين ادبي سرگرمين کي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ انتهائي ضروري قرار ڏنو. تقريب ۾ سجاول جي نالي واري شاعر اياز امر شيخ سينيئر صحافي اسلم ميربحر هندو پنچائت جي اڳوڻي صدر ڊاڪٽر هوت چند پ پ ڪلچر ونگ ضلعي سجاول جي جنرل سيڪريٽري آڪاش اڪبر زنگيجو صحافي نديم شهزاد ڪٿي شاعر مشتاق سعيد دائود امر اصغر ميمڻ سجڻ سرائي گلڻ مستانو فريد گل شاعر عمران علي زنگيجو عدنان عرف خان زنگيجو حنيف زنگيجو چاچا خميسو ميمڻ ۽ ڪمپيئرنگ جا فرائض سرانجام ڏيندڙ سرويچ سجاولي لائبريري جي انچارج زبير احمد جعفراڻي پنهنجي البيلي انداز سان ڪمپيئرنگ ڪندي تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

بقايا 20 ڳولا جاري، ڌرڻو

فوري طور بچائي ورتو جڏهن ته هڪ نياڻي 8 سالن اجالا ڌي صدام چانڊيو اونهي پاڻي ۾ لڙهي وئي. وارثن پاران ڳولا جي باوجود لاش ملي نه سگهيو آهي جڏهن ته ٽن ڪلاڪن تائين ضلعي انتظاميا ريسڪيو ٽيم پاران ڪابه مدد نه ڪرڻ تي وارثن احتجاج ڪندي ڪراچي واهه جي پل تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويل ٻارڙي جو لاش هٿ اچي نه سگهيو هو

بقايا 21 فرار ٿي ويا

طالب حسين شيخ پنهنجي ٻارن سان گڏ احتجاج ڪندي ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي سنڌن ڦريل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي وڃي ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. متاثر پورهيت جو چوڻ آهي ته هو

بقايا 22 ڏنڊ جي سزا

بعد جوابدار کي ڪورٽ مان گرفتار ڪيو ويو واضح رهي ته لائبه مغل 18 جون 2024 کي سٽي ٿاڻي تي ڏوهه نمبر 225/2024 قلم 509- 506/2 - 452 تحت ڪيس داخل ڪرايو هو جنهن ۾ جوابدار ضمانت تي هو ڪيس جي پيروي سرڪاري وڪيل طارق عزيز غوري ڪئي گرفتاري بعد جوابدار کي ڊسٽرڪٽ جيل سانگهڙ منتقل ڪيو ويو.

بقايا 23 جوابدار گرفتار

آهن. ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته پوليس مقابلن دوران دهشتگردي، ڦر ۽ پوليس مقابلن جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ نامزد 4 ڌوهاري پوليس سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ مارجي ويا آهن جن ۾ 35 ڪيسن ۾ نامزد ڌوهاري شاهنواز عرف شانو پٽ الهه رکيو ڪلهوڙو، 8 سنگين ڪيسن ۾ نامزد ڌوهاري گل جان ٽيو پٽ علي گل ٽيو 14 سنگين ڪيسن ۾ نامزد قربان پٽ مياندار سنجراڻي ۽ 9 سنگين ڪيسن ۾ نامزد محمد ياسين پٽ ڊاڪرحسين مهيسر شامل آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار ڌوهارين ۾ 20 لک رپين انعام يافته 32 ڪيسن ۾ نامزد ۽ پوليس آفيسرن جي شهادتن ۾ ملوث ڌوهاري اظهر عرف اڙو پٽ ممتاز عرف منو ابڙو آهي، پوليس آفيسرن جي شهادتن ۾ ملوث 9 ڪيسن ۾ نامزد 30 لک انعام يافته ڌوهاري عرفان پٽ عبدالنبي جوڻيجو 22 ڪيسن ۾ نامزد 20 لک روپيا انعام يافته ڌوهاري رحمت الله عرف خانو پٽ محمد وارث جتوئي شامل آهن ان کان علاوه امام بخش تاريجو پٽ عبدالحميد تاريجو عاقب پٽ جمال خان جتوئي ۽ ارشاق علي پٽ قربان علي ڪڪراٽي کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن لاءِ واضح پيغام جاري ڪندي چيو آهي ته يا هو قانون آڏو گوڏا کوڙين يا پنهنجي منطقي انجام لاءِ تيار رهن

بقايا 24 شيڊول جاري

ثقافتي ۽ ادبي ترقي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي.نيشنل پريس ڪلب ڪنڊ ڪوٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ثناءالله ميراڻي، عبدالفهيم چاچڙ ،جمال چاچڙ ثناء الله چنه چيو ته اسان جي لڳاتار جدوجهد، محنت ۽ خلوص جو نتيجو آهي. پنهنجي ڀرپور ڪوشش سان اليڪشن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي نامينيشن فارم هن مهيني اپريل جي 22 تاريخ کان 27 اپريل تائين آهي ۽ فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 28 اپريل آهي فارم ڇنڊ ڇاڻ جي آخري تاريخ 30 اپريل آهي ۽ اهڙي طريقي سان اليڪشن 21 مئي تي ڊسٽرڪٽ ڪامپليڪس حال ۾ ٿيندي. ڪشمور آرٽس ڪائونسل جي ميمبر فنون لطيفه جي سڀني دوستن کي گذارش آهي ته اگر ڪوبه دوست اليڪشن ۾ پنهنجو پينل آڻڻ چاهي ته اهو فارم وٺي سگهن ٿا ۽ پنهنجو پينل آڻي سگهن ٿا. هن مثبت اڳڀرائي سان سڀني آرٽسٽن فنڪارن اداڪارن شاعرن اديبن ۽ نوجوانن لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيندا جتي هو پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهندا ۽ آرٽ، ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ اڳتي وڌي سگهندا. اميد آهي ته هي چونڊون علائقي ۾ تخليقي سرگرمين کي هٿي ڏينديون ۽ نوجوانن کي هڪ صحتمند، تعميري ۽ روشن مستقبل ڏانهن وٺي وينديون.

بقايا 25 انصاف جو مطالبو

حوالي سان سمورا دستاويز به موجود آهن. هن چيو ته گذريل ڏينهن منهنجو ڀاءُ فاروق وڳڻ ۽ ڀاڻيو وقار علي وڳڻ منهنجي خلاف پريس ڪانفرنس ڪري منهنجي خلاف غلط الزام هڻي غلط رنگ ڏئي رهيا آهن ، جڏهن ته حقيقت ان جي ابتڙ آهي. ڊاڪٽر سڪندر علي وڳڻ وڌيڪ چيو ته خريد ۽ وڪرو جو سمورو عمل شفاف نموني سان مڪمل ڪيو ويو آهي ۽ خريدارن کي سنڌن حق ڏنا ويا آهن. هن عوام کي اپيل ڪئي ته افواهن تي ڌيان نه ڏنو وڃي. هن اختيارين کان پڻ مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن ٻي ڌر بي بنياد الزام هڻي رهي آهي ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 26 ڪيس داخل

اڳواڻ محمد محسن مشوري پنهنجي 15 اڻ سڃاتل هٿياربند ساٿين سان گڏجي پلاٽ تي اچي موتمار ڌمڪيون ڏئي 30 لک روپيا ڦر ڪري ڪار ڪاهي ويو شڪايت باوجود پوليس ڪاروائي نه ڪئي جنهن ڪري مان پنهنجي وڪيل ايڊووڪيٽ شفقت علي شاهه نقوي ۽ ايڊووڪيٽ آصف علي ابڙو جي معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو ۾ درخواست داخل ڪرائي جنهن کان پوءِ عدالتي حڪم تي گذريل ڏينهن حد جي دڙي ٿاڻي تي اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ڪيل روڪ رقم ۽ ڪار واپس ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 27 مرڻينگ ڪري

اطلاع تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان حوالي سان سجل ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته شروعاتي جاچ ۾ معلوم ٿيو آهي ته موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن غلام عباس ڪٽوهر کي گولين هڻي فرار ٿي ويا آهن جنهن واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. جلد اصل حقيقتون سامهون اچي وينديون

بقايا 28 وسند ٿري

سنڌ ۾ انساني حق معطل آهن سپريم ڪورٽ کان وٺندي سمورين عدالتون سنڌ ۾ نياڻين جي قتل عام تي خاموش آهن خالده چانڊيو شمائلا چانڊيو سميت سمورين نياڻي جي قتل جو ذميوار جاگيرداري نظام ۽ پيپلز پارٽي آهي پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ جي تاريخ جي بدترين حڪومت آهي زرداري سموري سنڌ کي نياڻين لاءِ مقتل گاهه بنائي ڇڏيو آهي سنڌ ۾ ڪٿي به نياڻيون محفوظ ناهن سنڌ ۾ امن ۽ انصاف ملڻ خواب بنجي ويو آهي سنڌ جي عوام کي پيپلزپارٽي جي ڪرپٽ سرڪار خلاف اٿڻو پوندو جلسي ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جي ٻارڙين قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا قومي شاعر نور احمد ٻڪاري شاعري پيش ڪئي

بقايا 29 روڊ تي ڌرڻو

ڪيو جنهن ڪري روڊ ٻنهي پاسي بلاڪ ٿي ويو ۽ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي مظاهرين سليم خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته علائقي ۾ ڌوهاري سرگرم آهن ۽ پوليس ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فونون ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ، رهواسين جي احتجاج بعد پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڌوهاري گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي روڊ کولرايو

بقايا 30 اميدوارن فارم ڀريا

مختلف ڳوٺن ۾ گهر گهر وڃي ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ اپيل ڪري رهيو آهي جڏهن ته ٻيا اميدوار پارٽي ٽڪيٽ جي آسري تي ويٺل آهن جڏهن ته چيئرمين جي سيٽ لاءِ اهم اميدوارن ۾ ماسٽر الهڏنو سوهو پ پ ورڪر مراد چانڊيو جو پٽ نوشاد چانڊيو سردار علي گوهر سوهو حاجي حمزو سوهو پ پ جي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون آهن جڏهن باخبر ذريعي مان خبر پئي آهي ته هي سيٽ ضلعي سجاول جي تمام اهم شخصيت جي ريجهي عزيز کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ياد رهي ته هي اليڪشن 17 مئي تي ٿي رهي آهي

بقايا 31 ڪاپي جي ڌمر

27 وجيلنس ٽيمون جوڙيون ويون آهن جنهن ۾ تعليمي بورڊ جون 15 ۽ تعليم کاتي جون 12 ٽيمون شامل آهن ٻئي طرف ڪالهه پهرين ڏينهن يارهين جماعت جي ڪيمسٽري جو پرچو ورتو ويو جتي امتحاني وقت شروع ٿيڻ شرط سواليه پيپر آئوٽ ٿي ويو ۽ اميدوار امتحاني سينٽرن ۾ انويجيليٽرن جي موجودگيءَ ۾ سرعام موبائيل فون واٽس ايپ گروپ ۽ گائيڊن جي ذريعي ڪاپي ڪندي نظر آيا جنهن ڪري اڪثر امتحاني سينٽرن ۾ ڪاپي جي ڌمر مچل رهي ٻئي طرف امتحانن دوران تعليمي بورڊ لاڙڪاڻو جي چيئرمين خالد حسين مهر ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طارق منظور چانڊيو سان گڏجي شهر جي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج لاڙڪاڻو سميت ٻين امتحاني سينٽرن جو دورو ڪري امتحانن جو جائزو ورتو

بقايا 32 چاڪر خان

عبدالله چانڊيو کي چريو قرار ڏئي زمين تي قبضو ڪري منهنجي پيءُ جيڪا منهنجي چاچي جي نالي هئي ان کي به گهراڻ ڪيڏي چيو ۽ مون کي ڏنل پنهنجي ڌي جو رشتو منظور آڪاش سولنگي سان ڪرائي ڇڏيو. هن چيو ته منهنجو پيءُ عبدالله ۽ منهنجو چاچو تمام گهڻا خوش هئا منهنجي پيءُ ۽ منهنجي ماڻرن زمين تي هاريو ڪري پيسا ڪمائي منهنجي چاچي محمد صوفي کي ڏنا جنهن 60ايڪڙ زرعي زمين خريد ڪئي. جنهن مان 15ايڪڙ زمين منهنجي پيءُ عبدالله جي نالي ڪئي ۽ 45 ايڪڙ پنهنجي زال جي نالي ڪئي. جنهن تي منهنجي پيءُ اعتراض واريو پر چاچي جواب ڏنو ته ٻئي هنڌ زمين ملي ٿي هي وڪرو ڪري اها وڌيڪ زمين خريد ڪري تنهنجي نالي ڪندسين پر چاچي زمين نه خريد ڪئي پر منهنجي پيءُ جي نالي نه ڪئي. هن چيو ته 1998 ۾ منهنجي چاچي پنهنجي ڌي جو رشتو مون کي ڏيڻ بدران منظورآڪاش سولنگي کي ڏئي ڇڏيو ۽ زمين جي حصي مان به ڪٿو جواب ڏئي ڇڏيو ۽ سازش ڪري منهنجي پيءُ جي 3زالن کي ماڻٽن ڏانهن موڪلي ڇڏيون ۽ منهنجي پيءُ کي چريو قرار ڏئي اسان کي به ملڪيت ۽ گهر کان لاتعلق ڪري ڇڏيو. هن الزام هنيو ته ڄاڻايل ماسري ۾ منهنجي چاچي محمد صوفي جي سردار ڪرم الله چانڊيو مدد ڪئي ۽ منهنجو پيءُ 2007 ۾ بيماري سبب وفات ڪري ويو.

بقايا 33 ورهائڻ واري تقريب

گارڊن سٽي جي لائونج ۾ ٿي گذري.تقريب جا مهمان خاص اسڪول جي ايڊمنسٽريٽر مسز اسدالله ميمڻ،جنيد ميمڻ،پرنسيپال ميڊم ساجده شاهه جن هٿان انعام تقسيم تقريب جي موقعي تي اسڪولي شاگردن ۽ شاگرديائين مختلف موضوعن تي تقريرون خاڪا ۽ لوڪ گانن تي پنهنجي پرفامنس جو مظاهرو ڪيو ان موقعي تي تقريب ۾ شريڪ اسڪولي شاگردن جي والدين ۽ شاگردن کين خوب داد ڏنو تقريب ۾ شريڪ مهمانن وقفي وقفي سان ڪلاس پهرين کان اٺين ڪلاس تائين فرسٽ، سيڪنڊ ۽ ٿرڊ پوزيشن ڪندڙ سميت مختلف پيپرن ۾ بهترين مارڪون حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ شيلڊون ۽ ٻيا انعام تقسيم ڪيا، جڏهن ته انگلش اردو تقريرون ڪندڙ سميت بهترين خاڪا پيش ڪندڙ شاگردن ۾ ڪيش رقم انعام طور ڏنا ويا جڏهن ته تقريب ۾ آيل مهمانن والدين سميت شاگردن کي ريفريشمينٽ پڻ ڪرائي وئي

آفيس آف دي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ
ڊويزن ٽنڊو محمد خان

No. TC/ 822 /2026 Dated. 17-04-2026

حوالو: 1. هن آفيس طرفان جاري ڪيل ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس، جنهن جو حوالو نمبر TC/166/2026، ٽنڊو محمد خان، تاريخ 01-04-2026 آهي.

2. ايگزيڪيوٽو انجنيئر (Dev)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن جي ليٽر نمبر TC/821/2026، تاريخ: 17-04-2026 ذريعي NIT نمبر TC/166/2026 تاريخ 01-04-2026 ۾ پهرين جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ 08-05-2026 جي بجاءِ 20-04-2026 ڪرڻ جي تصحيح جي منظوري.

ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت ۾ واڌ لاءِ اين. آءِ.ٽي (NIT) ۾ تصحيح

پروڪيورمينٽ ڪميٽي يعني ايگزيڪيوٽو انجنيئر (Dev)، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٽنڊو محمد خان جي منظوريءَ سان. NIT نمبر TC/166/2026 تاريخ 01-04-2026 ۾ پهرين جمع ڪرائڻ جي تاريخ 08-05-2026 تي صبح 09:30 وڳي کولڻ جي تاريخ 08-05-2026 تي صبح 10:30 بجاءِ، هاڻي پهرين جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ 20-04-2026 پڙهي وڃي. اين آءِ ٽي (NIT) جا ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر (Dev)
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن
ٽنڊو محمد خان

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/KRY/1513/2026

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

AUCTION OF SULPHUR
THROUGH SEALED BIDS

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

Tender Enquiry No.	Material & Location	Approx. quantity in M/Tons	Base Price (Exclusive of Taxes/ Duties) Per M/Ton in Pak Rs.	Bid Bond (Amount in Pak Rs.)	Bidding Procedure	Bid Submission Date at 11:30	Bid Opening Date at 12:00
OGDCL-SCM-LD-PT-COMM-319411330-2026	Auction Round # 147: Sale of Sulphur in 27 (Twenty-Seven) Lots i.e.100 (10 lots), 200 (05 lots), 400 (05 lots), 500 (04 lot), 600 (02 lots), 800 (01 lot) from Dakhni Oil Field, Near Tehsil Jand District Attock, Punjab Province.	8000	200,000/-	5% of Gross quoted value	Single Stage Single Envelope	06.05.2026	06.05.2026

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
5. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No. 184/43

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ضلعي ٺٽي جي 157 پوليس اهلڪارن جون پگهارون بند ڪري شوڪاز نوٽيس جاري

ايس ايس پي پاران گٽڪو ۽ مائو کائيندڙ سب انسپيڪٽر ۽ اي ايس آءِ جمعدار ۽ سپاهين کي نوٽيس جاري ڪيا

منشيات کان باز نه اچڻ جي صورت ۾ عملدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي: ايس ايس پي

ضلعي اندر ڏوهارين توڙي سماجي برائين کي هٿي ڏيندڙ مافيائن خلاف بنا فرق جي ڪاروائي جاري رکي ويندي

ٺٽو (ڊ ر) ايس ايس پي ٺٽو ساجد امير سدوزئي پاران منشيات ۽ ڏوهن خلاف ڪاروايون وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان ضلعي ٺٽي اندر مقرر 157 پوليس اهلڪارن خلاف گٽڪو ۽ مائو واپرائڻ تي ڪاروائي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سانجهند: گهوٽڪا روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

شادي لارج ۾ وڌندڙ برائين ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ايس ٽي پي جو احتجاج

ڪارڪنن رئيس ميان ڪوسو عبدالستار ٻرڙو ايوب ٻٽي ۽ ٻين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ سميت جائز مسئلا حل ڪري بيچيني دور ڪئي وڃي

شادي لارج (ن ع) مرڪزي فيصلي تحت احتجاج ۾ اهم مطالبا پيش ڪرڻ لاءِ بدين ضلعي جو واپار سياسي ڪاروباري مرڪزي ۽ شوگر انڊسٽري وارو شهر ڪوسڪي ۾ منشيات جي روڪٿام سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ ۽ سماج ۾ وڌندڙ برائين خلاف ايس ٽي پي ڪوسڪي اڳواڻن شهرين سوشل ورڪرن ۽ سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعري بازي ڪئي وئي احتجاج ڪندي اڳواڻن رئيس ميان ڪوسو عبدالستار ٻرڙو ايوب ٻٽي اصف رضا خان پٺاڻ حاجي ملاح عمران ڪوسو احتجاجي مظاهري بعد ڪوسڪي شوگر ملز جي مرڪزي گيٽ سامهون وچ شهر ۾ مين روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا وڏي هجوم جي گڏ ٿال ميڙاڪي خطاب ڪندي ايس ٽي پي اڳواڻ رئيس ميان ڪوسو عبدالستار ٻرڙو خطاب ڪندي چيو ته وڏي عرصي کان ڪوسڪي ۾ منشيات سرعام هلي پئي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ ٻن ٻارڙين کي اغوا جي ڪوشش واري الزام هيٺ 5 جوابدار گرفتار

ٻارڙين نشا ۽ امبيا ڪنبر جي اغوا ڪوشش واري معاملي جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو

پوليس ڪريم ٻرڙو، سالار قمبراڻي ۽ سهولتڪار قدير ٻرڙو سميت 5 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ ٻن ٻارڙين نشا ۽ امبيا ڪنبر جي اغوا ڪوشش وارو معاملو پوليس ڪاروائي ڪندي الزام هيٺ آيل جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو واقعي جو ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي فوري نوٽيس ورتو بروقت پوليس ٽيمن حرڪت ۾ اچي الزام هيٺ آيل ٻن ڄڻن ڪريم ٻرڙو ، سالار قمبراڻي ۽ سهولتڪار قدير ٻرڙو سميت 5 ماڻهن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي ان حوالي سان پوليس پاران نينگرين جي وارثن سان مڪمل تعاون ڪيو پيو وڃي وارثن جي فرياد مطابق وڌيڪ قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي جڏهن ته پوليس پاران واقعي جي زيرحراست جوابدارن کان وڌيڪ جاچ پڇا جاري آهي

ٽنڊوآدم اندر بدامنيءَ ۾ ناپر نه آئي، چور شهري جي گهر ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل ڪاهي ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي لوهار گهٽي مان نامعلوم چور علي حسن منصوري جي گهر ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چوري ڪري ويا واضح رهي ته ٽنڊو آدم ۾ ڏوهي ڪاروايون روز جو معمول بڻيل آهن جنهن ڪري شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن رهواسين وس وارن کي ڏوهي ڪاروائين تي ڪنٽرول ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

جيڪب آباد: مولانا راشد محمود سومرو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

خيرپور ۾ استادن ۽ شاگردن پاران پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ حوالي سان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول خانڻ ٻرڙو جي استادن ۽ شاگردن پاران اسڪول کان مين چونڪ خانڻ ٻرڙو تائين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ ۽ پنهنجي ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو جي بنياد تي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي هيڊ ماستر گورنمينٽ پرائمري اسڪول خانڻ ٻرڙو استاد عبدالحميد ٻرڙو يوسي گوندرڙو جي چيئرمين محمد ايوب ٻرڙو استاد اول خان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

نوان جتوئي ۾ رئيس غلام حيدر مري تي بلاجواز ڪارروائي خلاف جي ڊي اي پاران ريلي

سيد راشد شاهه، سيد زين شاهه، صفدر عباسي، حسنين مرزا، رياض چانڊيو، محمد خان جوڻيجو ۽ ٻيا

رئيس غلام حيدر مري جي دڪانن ۽ پيٽرول پمپ يونٽن کي ڊاهيندڙ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: اڳواڻ

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) جي ڊي اي اڳواڻن سيد راشد شاهه سيد زين شاهه صفدر عباسي، معظم عباسي، حسنين مرزا رياض چانڊيو سردار محمد خان جوڻيجو رئيس شڪيل جلباڻي ۽ نوشهروفيروز بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: فوتي جو لاش اسپتال ۾ پيل نظر اچي رهيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ شاٽ سرڪٽ سبب گهر کي باهه لڳي، الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو

ڪوٽڙي(ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي اسد آباد جي علائقي ۾ اصغر پٺاڻ نالي شخص جي ڪرائي واري گهر کي بجلي جو شاٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي باهه سبب گهر ۾ پيل سمورو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو گهر ڀاتي رڳو پنهنجيون جانيون بچائي ٻاهر نڪتا، واقعي بعد رهواسين جي مدد سان باهه تي ڪنٽرول ڪيو ويو متاثرن پاران اختيارين کان مدد جي اپيل ڪئي آهي

ٽنڊوآدم: فوتي نوجوان جو لاش گهر ۾ رکيل آهي

خيرپور شهر مان مينهن جا واڙا ٻاهر منتقل نه ٿيا، شهري سخت پريشان، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ مينهن جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل نه ٿيا جنهن سبب شهر ۾ گندگي ۽ ٻين مسئلن ۾ اضافو ٿي ويو صبح جي وقت مينهون واڙن مان نڪري روڊن تي اچن ٿيون ڪڏهن ٻارن تي چڙهي انهن کي زخمي ڪن ٿيون ۽ گاڏين سان ٽڪرائجڻ جا واقعا به پيش اچن ٿا ان سلسلي ۾ ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر يار محمد ڦلپوٽو ٻڌايو ته ڳوٺ جا بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

آءِ جي سنڌ جي نوٽيس تي ايس ايچ او ٽنڊومستي کي ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم

خيرپور(ڊ ر) آءِ جي سنڌ جو نوٽيس روبينا چانڊيو قتل ڪيس ايس ايچ او ٽنڊو مستي هاشم هڪڙو بدلي، ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم. ٽنڊو مستي واري علائقي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل ناري خالده عرف روبينا چانڊيو جي ڪيس ۾ اهم بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: گهرن کي لڳل باهه مان شعلا نڪري رهيا آهن

مورو پريس ڪلب جي وفد جي ڊي آءِ جي نوابشاهه سان ملاقات، امن امان صورتحال تي ڳالهه ٻولهه

مورو (ن ع) مورو پريس ڪلب جي سينئر صحافين چيئرمين محمد اسحاق ڪورائي، فقير بشير احمد لغاري،صحافي خدا بخش ميمڻ جي وفد جي ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ڊويزن فيصل بشير ميمڻ سان ملاقات، ملاقات دوران سنڌس کي لونگي پارائي وئي،ان موقعي تي صحافين پاران ضلعي نوشهروفيروز تعلقي مورو سميت بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب معذورن جي بحالي واري مرڪز جو دورو ڪيو

محمد سجاد حيدر شاهه ريهيبليٽيشن سينٽر جي او آر ڪالوني ۾ سهولتن جو جائزو ورتو

معذورين جي بحالي واري سينٽر جي انچارج ۽ عملي سان آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب حيدرآباد سيد محمد سجاد حيدر شاهه پاران گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اينڊ ريهيبليٽيشن سينٽر جي او آر ڪالوني حيدرآباد جو دورو ڪيو ويو دوري جو مقصد چائلڊ سينٽر ۾ معذورن لاءِ سهولتن ، مسئلن ۽ گهربل ضرورتن جو جائزو وٺڻ هو بحالي سينٽر ۾ مختلف معذورن جي چئن الڳ شعبن ۾ معذورن جي بحالي جون خدمتون ادا ڪيون وينديون آهن جنهن ۾ جسماني معذور،ٻڌڻ کان محروم اکين کان محروم ۽ ذهني معذورن ٻارڙن جا شعبا واقع آهن ۽ انهن چئني شعبن جا الڳ الڳ پرنسپل پنهنجا فرض ادا ڪري رهيا آهن _ ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب سيد محمد سجاد حيدر شاهه بحالي سينٽر جي سمورن شعبن جو تفصيلي معائنو ڪيو ۽ بحالي سينٽر ۾ معذورن جي ڪارڪردگي جي حوالي سان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر:

هالا ويجهو بجلي جون تارون چوري ٿيڻ بعد مشتعل ماڻهن جو حيسڪو

ڳوٺ نور محمد منگريو ۾ پول تان چار تارون غائب ٿيڻ بعد مشتعل ڳوٺاڻن حيسڪو آفيس

واقعي بعد حيسڪو لائين سپرنٽينڊنٽ جي رام عملي سان ڳنڍجي ٿاڻي پهچي

آفيس جو معائنو ڪري ابتدائي رپورٽ تيار ڪري اعليٰ اختيارين کان اجازت بعد ايف آءِ آر

هالا (رپورٽ: عبدالرحيم ميمڻ)هالا ويجهو ڳوٺ ۾ پول تان بجلي جون تارون چوري ٿيڻ بعد مشتعل ماڻهن جو حيسڪو آفيس تي حملو پيچ ڊاهه روڊ بلاڪ،حيسڪو عملو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ٿاڻي تي پهچي ويو هالا ويجهو ڳوٺ نور محمد منگريو ۾ بجلي جي پول تان چار تارون غائب ٿيڻ بعد صورتحال ڇڪتاڻ جو شڪار ٿي وئي، بجلي بند ٿيڻ تي مشتعل ڳوٺاڻن حيسڪو هالا آفيس تي حملو ڪري پيچ ڊاهه ڪئي ۽ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو.ذريعن موجب مشتعل ماڻهن آفيس جو تالو ٽوڙي اندر داخل ٿي ڪمپيوٽر، شيشن ۽ اهم سرڪاري ڪاغذن کي نقصان پهچايو جنهن بعد ڀاڱوٽ هالا اسٽينڊ روڊ بلاڪ ڪرڻ سبب ٽريفڪ سخت متاثر ٿي وئي جنهن کي چيرمين ميونسپل ڪميٽي خالي ڪرايو،واقعي بعد حيسڪو هالا جا لائين سپرنٽينڊنٽ جي راس رفعت ميمڻ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

بردس جون تعليم سميت مختلف شعبن ۾ خدمتون قابل تعريف آهن: راجيش ڪمار دليپت

ڳوٺاڻا ۽ شهري سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪن ته تعليمي ادارن ۾ بهتري آڻي سگهجي

والدين اسڪولن جو دورو ڪن، استادن سان رابطي ۾ رهي سرگرم ڪردار ادا ڪن

بدين (ڊ ر) سماجي تنظيم بردس پاران ڳوٺ اسحاق ملاح ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول کي فرنيچر ڏيڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش ڪمار دليپت چيو ته بردس جون تعليم سميت مختلف شعبن ۾ خدمتون قابل تعريف آهن هن زور ڏنو ته ڳوٺاڻا ۽ شهري سرڪاري اسڪولن جي مالڪي ڪن ته جيئن تعليمي ادارن ۾ بهتري آڻي سگهجي والدين اسڪولن جو دورو ڪن استادن سان رابطي ۾ رهي سرگرم ڪردار ادا ڪن ٻارن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ استادن جي حاضري ۽ تدريس تي به نظر رکن هن چيو ته اسڪول ۾ فرنيچر جي فراهمي سان شاگردن کي ويهڻ جي سهولت ملندي، جنهن سان سندن ڌيان پڙهائي تي وڌيڪ رهندو ڊيسڪ ۽ ڪرسي تي ويهڻ سان لکڻ پڙهڻ ۾ آساني ٿيندي جنهن سان شاگردن ۾ اسڪول اچڻ جو شوق پڻ وڌندو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: مين ايليمينٽري اسڪول ۾ ڪتاب ورهايا پيا وڃن

ٽنڊوباگو ۾ عوامي تحريڪ جي ڪاهوڙي ڪردار رامجي ڪولهي جي ورسي، پيغام پيش

سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جي بربريت سبب نياڻيون محفوظ ناهن جرڳائي نظام آئين جي سنگين ڀڃڪڙي آهي

رامجي ڪولهي سڄي عمر سنڌي قوم جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي: وسند ٿري ۽ ٻين جو خطاب

ٽنڊوباگو (ٽ ر) عوامي تحريڪ جي ڪاهوڙي ڪردار رامجي ڪولهي جي ورسي پروگرام ۽ جلسو وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ جلسي عام کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري،مرڪزي رابطه سيڪريٽري لال جروار مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زرقا هاليپوٽو پرهه هاليپوٽو دريا خان ڏيٿو بلاول لاشاري اياز ڪلوئي جاڪرو نوحاڻي رامجي جي ونيِ سويرا ڪولهي اياز ڪوسو هميرو مل مهراڻ درس گلزار نوحاڻي مختيار بڪاري ۽ ٻين خطاب ڪيو ان موقعي تي جلسي عام کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري چيو ته رامجي ڪولهي فڪر پليجو سان آخري دم تائين سلهاڙيل رهيو هن سنڌ جي قومي حقن واري جدوجهد ۾ زبردست ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ ۾ بربريت ۽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سکر بئراج جي دروازن جي تبديلي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي: پروجيڪٽ انجنيئر

بئراج جي 27 دروازا مان 16 دروازا لڳي ويا آهن ڪم تيزي سان جاري آهي: عبدالفتاح ميمڻ

سول ۽ مڪينيڪل انجنيئر ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن جلد ڪم مڪمل ڪيو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ بئراجز امپرووميمنٽ پروگرام جي پروجيڪٽ انجنيئر عبدالفتاح ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو آهي ته سکر بئراج جي دروازن جي تبديلي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي ۽ ٻئي مرحلي ۾ سکر بئراج جا 27 دروازا تبديل ڪرڻا هئا جنهن مان 16 دروازا سکر بئراج تي لڳي ويا آهن هن چيو ته باقي 11 دروازن جي تبديلي وارو ڪم تيزي سان جاري آهي هن چيو ته 31 مئي تائين ٻيئي مرحلي وارو ڪم مڪمل ٿي ويندو ۽ ٻيا 11 دروازا به لڳي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

FURNITURE DISTRIBUTION CEREMONY
Government Primary School Ishaque Mallah taluka and Dist Badin
BRDS
Badin Rural Development Society (BRDS)
بدين: اسسٽنٽ ڪمشنر راجيش دليپت ۽ ٻيا اسڪول ۾ فرنيچر ورهائڻ واري تقريب ۾ ڳالهائي رهيا آهن

دادو: سنڌ سڀا پاران گم ٿيل نوجوانن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو پرسان ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

نيشنل هاءِ وي تي پيش آيل حادثي ۾ نوجوان فرار مهر موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش کڻائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن

مورو (ن ع) مورو پرسان نيشنل هاءِ وي تي تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون خوفناڪ ٽڪر ٿيڻ سبب افسوسناڪ حادثو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار نوجوان فرار مهر موقعي تي ئي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي شاهپور جهانيان اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي بعد ۾ قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ته ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو بعد ۾ وارث نوجوان جو لاش کڻائي پراڻو گجيرو پنهنجي گهر کڻائي ويا

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو ٻاٿر ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ مير حسن ڪنڌر واسين عاطف، امجد، فراز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٻاٿر جي چرچ تي پوليس جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور(ڊ ر) ڪنڌرا ٿاڻي جي حد ڳوٺ مير حسن ڪنڌر جي ڳوٺاڻن جو ٻاٿر ۽ پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي عاطف، امجد علي فراز علي ۽ آصف علي ڪنڌر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڳوٺ جي ٻاٿر ڪارنهن جو ڪوڙو الزام لڳائي ڪين بليڪ ميل ڪري رهيو آهي ۽ هاڻي اسان کان 30 لک رپيا وٺڻ لاءِ سخت دٻاءُ وجهي ڌمڪائي رهيو آهي هن چيو ته ٻاٿر رقم نه ڏيڻ جي صورت ۾ پوليس معرفت ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي حد جو چونڪي انچارج پڻ ٻاٿر جي وهنڪار وهندي اسان کي حراسان ڪري رهيو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪامريڊ رامجي ڪولهي
بدين: عوامي تحريڪ پاران ڪامريڊ رام جي ڪولهي جي ورسي ملهائي پئي وڃي

لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس ۽ وياج خورن جي مبينا ناجائزين خلاف مظاهرو

قمبر جي ڳوٺ محمد علي ڀهوڙ جي رهواسين محمد پيرل ڀهوڙ مائٽن سان گڏجي احتجاج ڪيو

پوليس ٻاٿر وياج خور جي چوڻ تي پٽن نزاڪت ۽ لياقت کي ٻن ڊاٽسن سميت کڻي گم ڪيو آهي: الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي قمبر جي ڳوٺ محمد علي ڀهوڙ جي رهواسين پوليس ۽ وياج خورن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پورهيت محمد پيرل ڀهوڙ پنهنجي مائٽن پرويز ۽ خورشيد ڀهوڙ سان گڏجي ڌانهيندي الزام لڳايو ته سال 2021ع دوران منهنجي پٽ نزاڪت ڀهوڙ ٻاٿر وياج خور سردار عرف ڪارو چانڊيو کان وياج تي 3 لکن عيوض ۾ موٽرسائيڪلون ورتيون جنهن کي هو مختلف وقتن تي 2 ڪروڙ رپيا ڏئي چڪو آهي پر ان جي باوجود ٻاٿر وياج خور وڌيڪ پئسن جي گهر ڪري رهيو آهي جنهن جي چرچ تي قمبر شهر جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ پٽن نزاڪت ۽ لياقت ڀهوڙ کي ٻن ڊاٽسن سميت گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو جن جو هن وقت تائين ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي ڪوٽ ۽ ٽينڪر مافيا جي آزار خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان

پاڪستان نوجوان تحريڪ جي اڳواڻن عبدالستار لهر، شهباز ميمڻ ۽ اسد خان ۽ ٻين احتجاج ڪيو

فوري طور تي پاڻي جي فراهمي کي يقيني نه بڻايو ويو ته احتجاجي تحريڪ کي تيز ڪيو ويندو: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي ۾ پاڻي جي هٿراڌو ڪوٽ ۽ ٽينڪر مافيا جي وڌندڙ آزار خلاف مضبوط ۽ سگهارو تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي 24 تاريخ تي خدا جي بستي کان شروعات ڪنداسين ، اهڙو اعلان پاڪستان نوجوان تحريڪ جي اڳواڻن عبدالستار لهر شهباز ميمڻ ۽ اسد خان ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جامشورو ايٽ ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪوٽڙي سائيٽ ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جا رهواسي گذريل ويهن سالن کان زندگي جي بنيادي سهولت، صاف پاڻي کان محروم آهن ۽ ٽينڪر مافيا جي رحم ڪرم تي ڇڏيل آهن 24 تاريخ کان خدا جي بستي کان شروعات ڪبي پوءِ ٻهر اسٽاپ ابڙا چوڪ ۽ آخر ۾ پاڻي بحالي تائين ڊي سي آفيس آڏو ڪيمپ هڻي ويهنداسين هنن الزام لڳايو ته ضلعي انتظاميا ۽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪڻڪ جي خريداري ۾ سرڪار جي بي ڌياني قبول نه ڪئي ويندي: ٿمر حيدر جتوئي

آبادگار هاري سرڪار خريداري سينٽر نه کلڻ ڪري پريشانين ۾ مبتلا آهن

سينٽر قائم نه ڪيا ويا ته آبادگار ايوانن جي آڏو سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) سنڌ هاري ڪميٽي طرفان خوراک کاتي جي ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ ڪڻڪ جي خريداري لاءِ سينٽر کولڻ جي اعلان تي عمل نه ڪرڻ خلاف سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ٿمر حيدر جتوئي ميٽ دي پريس کي خطاب دوران اهڙو اظهار ڪيو، هن چيو ته ڪڻڪ جي وڪري لاءِ آبادگار هاري سرڪار جي سينٽر کولي خريداري نه ڪرڻ جي ڪري پريشانين ۾ مبتلا آهن ، سرڪاري مقرر ڪيل اگهه بجاءِ واپاري پنهنجي من پسند اگهن تحت 3 هزار 32سو روپيه جي الڳ الڳ اگهن تحت خريداري ڪري ڪڻڪ جي فصلن مان ٿيندڙ اپت ۾ آبادگار ۽ هاري کي نقصان ڏئي رهيا آهن سنڌ سرڪار کي فوري طور ان جو نه صرف نوٽيس وٺڻ گهرجي پر ڪڻڪ جي خريداري لاءِ خوراک بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: پورهيت فٽ پاٿ جي مرمت جو ڪم ڪري رهيا آهن

جاگيرداري جرڳائي نظام سنڌ جي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن: شازيه احمداڻي

سڄي ملڪ ۾ هر سال 9 سئو کان هڪ هزار نياڻيون عورتون قتل ڪيون وڃن ٿيون

سنڌ ۾ روزانو ڪا نه ڪا نياڻي ظلم، تشدد سبب موت جو کاڄ بڻجي ٿي ۽ قتل ڪئي وڃي ٿي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) سنڌ عورتن لاءِ مقتل گاهه بڻجي چڪي آهي . جاگيرداري جرڳائي نظام سنڌ جي ترقي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن ميرٽ جو خون ڪيو ويو آهي . روزگار کسيو ويو آهي سنڌ جي وسيلن تي قبضا ٿي چڪا آهن نه ڪي پاڻي ۽ زمينن تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن ڪاروڪاري جا ڪوڙا الزام هڻي معصوم نياڻين کي قتل ڪيو پيو وڃي تعليمي ادارن ۾ خوني بگهڙ نياڻين کي حراسان ڪري خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا، حڪمران انسان جا دشمن بڻجي چڪا آهن جرڳائي نظام کي مضبوط ڪري قاتلن کي تحفظ ڏنو پيو وڃي . عدالتون آزاد ناهن اهڙن خيالن جو اظهار سنڌياڻي تحريڪ (قومي عوامي تحريڪ) جي آرگنائيزر شازيه احمداڻي سيڪريٽري نصرت خاصخيلي سنڌي گرليس اسٽوڊنٽس تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر فضا ملاح وڪيل جاويد چانڊيو ۽ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

پ ٽ الف چونڊن ۾ بي ضابطگين جا الزام، شهباز پينل جو احتجاج ۽ ڪورٽ وڃڻ جو اعلان

يونٽن کان ڊويزن تائين بنا مقابلي ڪاميابيون مرڪزي مرحلي ۾ ٻن پينلن ۾ سخت مقابلو

اليڪشن ڪميشن تي ڌر بڻجڻ جا الزام، آفيس بند ۽ اعتراض داخل ڪرڻ کان روڪڻ جو دعوي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) انڊسٽريز کاتي جي نگراني ۾ هلندڙ پ ٽ الف جي شفيع سليو سڪندر جتوئي گروپ جي اليڪشن آخري مرحلي ۾ پهتي آهي هن اتوڪي اليڪشن ۾ يونٽن کان ڊويزن تائين ڪٿي به جمهوري عمل نه ٿيو آهي سڀ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا آهن جڏهن ته مرڪزي مرحلي لاءِ ٻن پينلن گل پينل جي صدارتي اميدوار شفيع محمد سليو جنرل سيڪريٽري سڪندر جتوئي ۽ مدمقابل شهباز پينل جي صدارتي اميدوار علي شير جتوئي ۽ جنرل سيڪريٽري سڪندر چڇڙو پنهنجي پنهنجي پينلن جي جملي نو اميدوارن جا فارم جمع ڪرايا آهن اليڪشن ڪميشن جو هڪ ڪارنامو سامهون آيو آهي ته اليڪشن ڪميشن جو وائيس چيئرمين منظور چانڊيو يونٽ ڪان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿيل معصوم ٻار واقعي جو گهرو وزير نوٽيس ورتو

گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي

جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: ضياء لنجار

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ ٿاڻي جي حد ۾ بهار ڪالوني چوڪ تي ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن جي فائرنگ ۾ رڪشا ۾ سوار 5 ورهين جي قتل ٿيل معصوم ٻارڙي ارمان پٺاڻ جي قتل واري ماسري جو گهرو وزير ۽ آئي جي سنڌ پاران نوٽيس ورتو،ڊي آئي جي حيدرآباد کان رپورٽ طلب ڪئي وئي،فوري طور جوابدار گرفتار ڪرڻ جو حڪم،ٻارڙي جي قتل وارو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو،اياز لطيف پليجو پاران واقعي جي مزمت ڪندي جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو،بهار ڪالوني ۾ قتل ٿيل ٻارڙي جو لاش حيدرآباد وارث کڻائي ويا جتي مڪي شاهه حوالي ڪيو ويو،جڏهن ته ٻارڙي جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سڄاول ۾ ناميارو شاعر فقير اڪرم زنگيجو جي ڪتاب جي رونمائي تقريب

تقريب ۾ شاعرن، اديبن، دانشورن، علمي شخصيتن، اداڪارن، گلوڪارن شرڪت ڪئي

"رازالستي"پڙهندڙن کي فڪري سگهه ۽ شعور جي نئين راهن ڏانهن وٺي وڃي ٿو: مقرر

سڄاول (ڊ ر) سڄاول ۾ سرويچ سڄاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ سڄاول رويا پبليڪيشن سڄاول پاران سڄاول جي سينئر اداڪار ڊائريڪٽر ۽ شاعر اڪرم علي زنگيجو جي ڪتاب راز السعي جي تقريب رونمائي ٿي جنهن ۾ سڄاول سميت ٻين علائقن کان آيل هر مڪتب فڪر جي ماڻهن شاعرن اديبن دانشورن علمي شخصيتن اداڪارن گلوڪارن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت صوفي ذوالفقار قادري جن ڪئي مهمانن خطاب ڪندي چيو ته فقير اڪرم زنگيجو جو هي ڪتاب روحانيت، فڪر ۽ تصوف جي گهراين کي اجاگر ڪري ٿو جيڪو سنڌي ادب ۾ اهم اضافو آهي. مقررن وڌيڪ چيو ته "راز السعي" نه رڳو هڪ ادبي شاهڪار آهي پر بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ ٽي نينگريون ڪراچي واهه ۾ ٻڏي ويون، ٻن کي بچايو ويو، هڪ جي ڳولا جاري، ڌرڻو

سائيٽ ۾ پاڻي ڪوٽ سبب ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ آيل جهنڊيال فارم جون رهواسي 3 معصوم نياڻيون واهه ۾ ٻڏي ويون

موقعي تي بيٺل ماڻهن ٻن ٻارڙين کي بچائي ورتو 8 سالن اجالا ڌي صدام چانڊيو اونهي پاڻي ۾ لڙهي وئي

ضلعي انتظاميا ۽ ريسڪيو ٽيم پاران ڪا به مدد نه ڪرڻ تي وارثن واهه جي پل تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي جي مسلسل ڪوٽ سبب ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڪراچي واهه تي آيل جهنڊيال فارم جون رهواسي 3 معصوم نياڻيون واهه ۾ ٻڏي ويون موقعي تي بيٺل ماڻهن ٻن ٻارڙين کي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ٻڏي ويل ٻارڙين جا وارث روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي ويجهو پورهيت کان هٿياربند موٽرسائيڪل ڦري فرار ٿي ويا

گهوٽڪي(ن ع) حسين ٻيلي روڊ تي ممتاز شاهه پيٽرول پمپ پرسان هٿياربندن هٿيارن جي زور تي طالب حسين شيخ کان سنڌس سي ڊي موٽرسائيڪل ماڊل 2025 ڦر ڪري ورتي ۽ آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ متاثر پورهيت طالب حسين شيخ اي سيڪشن ٿاڻي پهچي موٽرسائيڪل ڦر ٿيڻ جي اين سي داخل ڪرائي هن موقعي تي متاثر پورهيت بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: گهر تان قبضو هٽائڻ دوران زخمي ٿيل ڊي ايس پي

ٽنڊوآدم جي عدالت پاران شادي کان انڪار ناري کي ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدار کي قيد ۽ ڏنڊ جي سزا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي سول اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ ون وقاص احمد قريشي جي عدالت پاران شاهپور چاڪر جي رهواسي جوابدار اسد ولد اصغر مغل کي ٽنڊوآدم جي رهواسڻ لائبه ڌيءَ شبير مغل کي شادي کان انڪار ڪرڻ تي سندس گهر ۾ گهڙي حراسان ڪرڻ ۽ موبائل ڌمڪيون ڏيڻ جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 2 سال قيد جي سزا ٻڌائي جنهن بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ قومي ڪارڪنن کي کڻي گم ڪرڻ خلاف سنڌ سڀا پاران احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن شبير سنڌي، شمن شاهه، اصغر، عقيل لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ سياسي ڪارڪنن کي بنا جواز کڻي گم ڪرڻ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي

دادو(ڊ ر) سنڌ سڀا جي مرڪزي سڏ تي دادو پريس ڪلب آڏو شبير سنڌي، سيد شمن شاهه اصغر عقيل لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته سنڌ مان جبري طور کڻي گم ڪيل قومي ڪارڪنن کي فوري طور بازياب ڪرائي آزاد ڪيو وڃي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ سياسي ڪارڪنن کي بنا جواز کڻي گم ڪرڻ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هنن وڌيڪ چيو ته ڪوڙن ۽ من گهڙت ڪيسن ۾ قيد سنڌي قومي ڪارڪنن کي ترت آزاد ڪيو وڃي ۽ سنڌي انعام ڪي به بنا دير آزاد ڪيو وڃي

ٽنڊوباگو لڳ پيپل برادري جي عورتن ۽ مردن جو پوليس خلاف ڌرڻو روڊ بلاڪ

سانگي ڦرهو جي رهواسين مرجو پيپل ،بصر پيپل ،اگارو پيپل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

پوليس ٻن ڄڻن مٺو ۽ انب پيپل کي بيگناهه گرفتار ڪري منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي: الزام

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو لڳ سانگي ڦرهو جي پيپل برادري جي عورتن ۽ مردن جو ٽنڊوباگو جهڏو مين روڊ تي سانگي ڦرهو وٽ رڪاوٽون رکي پوليس خلاف ڌرڻو هنيو ويو اڳواڻن مرجو پيپل ،بصر پيپل ،اگارو پيپل ٻين اڳواڻن ميڊيا کي ٻڌايو ته ڊيٺي پوليس گذريل ڏينهن اسان جي ٻن نوجوانن مٺو پيپل ۽ انب پيپل بي گناهه گرفتار ڪري منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ناجائز ڪئي آهي جيڪو سراسر اسان سان ظلم آهي ، هنن ايس ايس پي بدين ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي نوجوانن مٿان داخل ڪيس چارج ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي اسان سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ اسان احتجاج جو دائرو وڌائينداسين

لاڙڪاڻو پوليس پاران تازو آپريشن دوران 4 ڏوهارين کي ماري ۽ 6 خطرناڪ جوابدار گرفتار

پوليس مقابلن دوران دهشتگردي، ڦر ۽ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل 4 ڏوهاري مارجي ويا آهن: ايس

مارجي ويلن ۾ شاهنواز عرف شانو ڪلهوڙو، گل جان تنيو قربان سنجراڻي ۽ ياسين مهيسر

مقابلن دوران 3 انعام يافته سميت 6 خطرناڪ ڏوهاري گرفتار ڪيا ويا، ٽن ڏوهارين هٿيار ڦٽا ڪيا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس جي تازو پوليس آپريشن دوران 4 ڏوهارين کي ماري ۽ 3 انعام يافته سميت 6 خطرناڪ ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ، 3 ڏوهارين پوليس آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

مورو: مورو پريس ڪلب جا صحافي ڊي آءِ جي فيصل بشير احمد کي لنگي اوڍائي رهيا آهن

ڪشمور آرٽس ڪائونسل جي اليڪشن جو باقاعده شيڊول جاري

نامينيشن فارم اپريل مهيني جي 22 تاريخ کان 27 اپريل تائين آهي:ثناءالله

اليڪشن 21 مئي تي ڊسٽرڪٽ ڪامپليڪس حال ۾ ٿيندي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪشمور آرٽس ڪائونسل جي اليڪشن جو باقاعده شيڊول جاري ٿي چڪو آهي، جيڪو اداڪارن،فنڪارن،شاعرن سگهڙن ،نعت خوانن، فنون لطيفه جي سڀني شعبن لاءِ اهم آهي جيڪو علائقي جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: قديمي علم پاڪ جي مرمت لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دوڙ واسي جو ڀاءُ ۽ ڀائيٽي جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دوڙ(ن ع) دوڙ ۾ ڊاڪٽر سڪندر علي وگڻ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پنهنجي دڪانن ۽ جڳهه وڪرو ڪرڻ بابت اهم وضاحت پيش ڪئي آهي. پريس ڪانفرنس دوران هن چيو ته هن پنهنجي ملڪيت، جنهن ۾ دڪانون ۽ زمين شامل آهن، مڪمل قانوني طريقي سان محمد ياسين بروهي کي وڪرو ڪئي آهي ۽ ان بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ عدالتي حڪم تي واپاري جي فرياد تي پ پ اڳواڻ سميت 15 ڄڻن تي ڪيس داخل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ عدالتي حڪم تي واپاري دراز حسين شيخ جي فرياد تي پيپلز پارٽي اڳواڻ محمد محسن مشوري سميت 15 اڻ سڃاتل جوابدارن مٿان شهر جي دڙي ٿاڻي تي موتمار ڌمڪين ۽ ڦر جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ان حوالي سان ڪيس جي فريادي دراز حسين شيخ ميڊيا آڏو ڌانهيندي الزام لڳايو ته گذريل 31 جنوري تي پيپلز پارٽي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ڳوٺاڻي تي فائرنگ ڪري مرڻينگ ڪري ڇڏيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سچل ٿاڻي جي حد ايڌهي سينٽر پرسان اڻڄاتل موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ڳوٺاڻي خيرو تعلقي جي ڳوٺ حميدالله خان بليدي جو رهواسي 35 ورهين غلام عباس پٽ خدابخش ڪٽوهر کي گولين هڻي مرڻينگ ڪري فرار ٿي ويا جنهن کي علائقي واسين کڻائي ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ريتي ڪنڊڙ ٽرڪ مالڪن ۽ ڊرائيورن جو مبينا ڀتا خوري خلاف احتجاج

سمورا سرڪاري ٽيڪس ادا ڪريون ٿا ۽ ڊيزل مهانگو ٿيڻ سبب اسان اڳ ئي پريشان آهيون: ٽرانسپورٽر

رابيل ڪوسو نالي شخص زبردستي في ٽرڪ تي 3000 هزار رپيا ڀتو طلب ڪري رهيو آهي: الزام

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ويجهو ريتي جي دڪن تي لڳل ٽرڪن جي ٽرانسپورٽرن چيو آهي ته علائقي ۾ خانگي ماڻهن جي ڀتا خوري بند نه ٿي ته ڀرپور احتجاج ڪنداسين اهڙو اظهار هنن ايس ايس پي جامشورو کي ڏنل درخواست ۽ صحافين اڳيان ڳالهائيندي ڪيو آهي هنن چيو ته هو سمورا سرڪاري ٽيڪس ادا ڪن ٿا ۽ ڊيزل مهانگو ٿيڻ ۽ ڪنسٽرڪشن جو ڪم گهٽجي وڃڻ سبب اسان اڳ ئي پريشاني جو شڪار آهيون ان جي باوجود اسان کان 200 رپيا في ٽرڪ تي غير قانوني طور رسيدي جا به ورتا وڃن ٿا هاڻ رابيل ڪوسو نالي شخص غنڊا گردي ذريعي في ٽرڪ تي 3000 هزار رپيا ڀتو طلب ڪري رهيو آهي هنن چيو ته سنڌس ڇوڙ تي پوليس اسان جون گاڏيون روڪيون آهن اسان ايس ايس پي کي به درخواست ڏني آهي تحفظ نه مليو ۽ تدارڪ نه ٿيو ته ڀرپور احتجاج ڪنداسين

رام جي ڪولهي قومي حقن واري جدوجهد ۾ زبردست ڪردار ادا ڪيو: وسند ٿري

خالده ، شمائلا چانڊيو سميت سمورين نياڻين جي قتل جو ذميوار جاگيرداري نظام آهي

پيپلزپارٽي سنڌ ۾ بربريت ۽ جهنگ جو قانون لاڳو ڪري ڇڏيو آهي، انساني حق معطل آهن

بدين (ڊ ر) عوامي تحريڪ جي ڪاهوڙي ڪردار رام جي ڪولهي جي ورسي جي جلسي عام کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري،مرڪزي رابطه سيڪريٽري لال جروار مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زرقا هاليپوٽو پرهه هاليپوٽو دريا خان ڏيٿو بلاول لاشاري اياز ڪلوئي جاڪرو نوحاڻي رامجي جي ونيِ سويرا ڪولهي اياز ڪوسو هميرو مل مهراڻ درس گلزار نوحاڻي مختيار بڪاري ۽ ٻين خطاب ڪيو ان موقعي تي جلسي عام کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري چيو ته رام جي ڪولهي فڪر پليجو سان آخري دم تائين سلهاڙيل رهيو هن سنڌ جي قومي حقن واري جدوجهد ۾ زبردست ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ ۾ بربريت ۽ جهنگ جو قانون لاڳو ڪري ڇڏيو آهي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ ڦرلٽ ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف رهواسين جو مظاهرو، مين روڊ تي ڌرڻو

ڳوٺ پانڌي خاصخيلي جي رهواسين موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فونن ڦر ٿيڻ خلاف مين ڌرڻو هڻي

احتجاج سبب مين نيشنل هاءِ وي ٻنهي پاسن کان بلاڪ ٿي وئي، گاڏين جون قطارون لڳي ويون

اطلاع تي پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڏوهاري گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي روڊ کولرايو

ڪوٽڙي (رپورٽ:حسين شورو)ڪوٽڙي ٽيليگراف لڳ ڳوٺ پانڌي خاصخيلي جي رهواسين موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فونن ڦر ٿيڻ خلاف مين نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي ڌرڻو هڻي بلاڪ ڪري مظاهرو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

دادو: ايس ايس پي دادو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻو تعليمي بورڊ جي نگرانيءَ هيٺ يارهين ۽ ٻارهين جماعت جا ساليانا امتحان شروع، ڪاپي جي ڌم

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) تعليمي بورڊ لاڙڪاڻو جي نگرانيءَ هيٺ يارهين ۽ ٻارهين جماعت جا ساليانا امتحان شروع ٿي ويا آهن جنهن ۾ لاڙڪاڻي، قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور جيڪب آباد ۽ ڪشمور ڪنڌڪوٽ سميت دادو ضلعي سان ٻن تعلقن ميهڙ ۽ ڪي اين شاهه سان واسطو رکندڙ 97 هزار 291 اميدوار حصو وٺي رهيا آهن جن جي لاءِ مجموعي طور 135 امتحاني سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته امتحانن دوران ڪاپي کي روڪڻ لاءِ تعليمي بورڊ طرفان مجموعي طور تي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بند نظر اچي رهيو آهي

ميرپوربٺورو جي يوسي ڪامارو جي چيئرمين جي سيٽ لاءِ 13 اميدوارن فارم ڀريا

چيئرمين ماما نواز سوهو جي وفات بعد خالي سيٽ تي پ پ پاران سيٽ جاري نه ڪئي وئي

پٽ نوشاد علي ۽ ٻيا اميدوار پارٽي ٽڪيٽ جي آسري تي ويٺل، ٽوٽل 13 اميدوار ميدان ۾ لٿل

ميرپوربٺورو(ن ع) تعلقي ميرپوربٺورو جي يوسي ڪامارو جي چيئرمين ماما نواز سوهو جي وفات بعد خالي ٿيل چيئرمين جي سيٽ لاءِ پ پ سان لاڳاپيل اهم شخصيتن جي ويجهن مائٽن سان گڏ آزاد اميدوارن فارم ڀريا آهن ٽوٽل 13 اميدوار ميدان ۾ آهن جن وفات ڪندڙ چيئرمين نواز سوهو جو پٽ الهڏنو سوهو پ پ ورڪر مراد چانڊيو جو پٽ نوشاد علي حاجي حمزو سوهو سردار علي گوهر سوهو اياز لطيف ميراڻي سميت ٻين جا فارم بحال ٿيا آهن جڏهن ته پ پ قيادت پاران اجان تائين ڪنهن کي به پارٽي ٽڪيٽ جاري نه ڪئي آهي انهي سيٽ لاءِ سڄاول ٺٽي جي پ پ قيادت جي پاڻ ۾ ڪراچي ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي هئي ٻئي طرف سوشل ورڪر آزاد اميدوار اياز لطيف ميراڻي واحد اميدوار آهي جيڪو هن فارم بحال ٿيڻ بعد پنهنجي چونڊ مهم شروع ڪري ڏني آهي يو سي ڪامارو جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

خيرپور ناٿن شاهه پريس ڪلب
ڪي اين شاهه: سنڌياڻي تحريڪ جي آرگنائزر شازيه احمداڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

وڏي چاچي صوفي محمد زمين تي قبضو ڪيو آهي: چاڪر خان

منهنجي ڀيڻ جيڪا منهنجي چاچي جي ننهن هئي ان کي به گهران ڪڍي ڇڏيو

جاٽايل مامري ۾ منهنجي چاچي محمد صوفي جي سردار ڪرم الله چانڊيو مدد ڪئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) دادو جي شهر ميهڙ جي رهواسي چاڪر خان چانڊيو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته وڏي چاچي صوفي محمد لالچ ۾ اچي منهنجي پي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

هالا جي اينجلس هاءِ اسڪول ۾ انعام ورهائڻ واري تقريب

شاگردن ۽ شاگردياڻين مختلف موضوعن تي تقريرون، خاڪا پيش ڪيا

پهرين کان اٺين ڪلاس تائين فرسٽ، سيڪنڊ ۽ ٿرڊ پوزيشن ڪندڙن کي انعام ڏنا ويا

هالا(ٽ ر) اينجلس هاءِ اسڪول هالا جي انتظاميه پاران اسڪول جي شاگردن ۾ سالياني امتحان ۾ پوزيشن ۽ بهترين نمبر کڻندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ شيلڊون ۽ تحفا ڏيڻ جي هڪ بهترين تقريب لالا بابا بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.